# مهراڻ

ABC CERTIFIED

نمبر 4/ 2013ع



سنڌي ادبي بورڊ



## هيءَ جا لاٽ "لطيف" جي

ڳُونجن کي ڳيم ڇڏيو جي ٻاجهارو ٻولن
ساريو سانيڀيڙن کي رڙيون ڪئو رئن
سائين سندا تن، ٻچا ميڙيين ٻاجهه سين.
(سُر ڍهر)

***

ڪونجن جي اعليٰ وصفن جا اهڃاڻ، ڪونجن تي کهل ڪرڻ ۽ ڪين نہ مارڻ جي ترغيب هن داستان جو مرڪزي موضوع آهي. ڪونجن جي فطري اعليٰ ڪردار جون اعليٰ وصفون اهي جو ڪونجون قوت ۽ چُوڻي خاطر پرديس ۾ اچن، پر وطن ساري وري پوئتي ورن. هو ٻاجهاري ٻولي ڪن، وَڳر ڪري هلن ۽ هڪ ٻئي کان جدا نہ ٿين، ۽ جي ڪا منجهائن پوئتي رهجي وڃي تہ ان کي سنڀاري ساڻ ڪن. انهيءَ ڪري ڪين نہ ستائڻ جي ترغيب ۽ سندن واسطي دعا تہ: ڌڻي پنهنجي ٻاجهہ ڪري ڪين وري پنهنجي وطن ۾ پنهنجن ٻچن سان ميڙي!

داستان پنجون

محقق ۽ شارح

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

◘

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين

ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

ABC CERTIFIED

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽِماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 63 | آڪٽوبر- ڊسمبر 2013ع | نمبر 4

سرپرست

**مخدوم جميل الزمان**

صوبائي وزير روينيو کاتو، حڪومت سنڌ
چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ

نگران

**الهڏنو وگهيو**

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ايڊيٽر (انچارج)

**ثمينہ ميمڻ**

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو، سنڌ



# ٽماهي مهراڻ

(Regd No. NS-20)     سنڌي ادبي بورڊ     ڄامشورو، سنڌ.

The "Mehran", Quarterly
Vol: 63, No 4/2013
(Established in 1955)

* An ageold leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan and abroad.
* . Contemporary creative writings, history, civilization, education, music, folklore, archaeology, lexicography, General culture of Sindh and translations from world literature are the main topics of material usually published in this periodical.
* Published by *SINDHI ADABI BOARD*

**Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.**
ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.     پاران

• Publication contact:
Editor, Mehran Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro
Sindh, Pakistan
Tele: 022-2907074
022-9213425
Fax: 022-9213422
(E.mail: sindhiab@yahoo.com)
Website: www.sindhiab.com
www.sindhiadabiboard.org

Subscription contact:
Manager
Sindhi Adabi Board's Kitab Ghar
Tilak Incline
Hyderabad, Sindh, Pakistan
Telephone: (022) 2633679

Title by: **Fatah Halepoto**

خريداريءَ لاءِ رابطو:
مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گھر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ
ساليانو چندو: چار سؤ رپيا     فون نمبر: 022-2633679     في پرچو: هڪ سؤ رپيا

Printed and Published by Secretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Sindh University New Campus, Jamshoro, Sindh, Pakistan.

بسم الله الرحمن الرحيم

# سوچ -لوچ

اجتمائي جياپو مهذب سماجن جي سڃاڻپ ٿئي ٿو. جنهن ۾ لاڳاپيل سماج جو هر فرد اجتمائي جياپي لاءِ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪري پنهنجو پاڻ کي ان مهذب سماج ۾ ڳاٽيئو ڪرائي ٿو. ادب بنيادي طور سماج ۾ هڪ تنقيدي نقط نگاهہ سان گڏ اوڻاين جي نشاندهي ۽ تنقيدي سوچ لاءِ سجاڳيءَ جو بنياد پيدا ٿو ڪري. پلي هاڻي سماج جيڪي جديد دور جا سرموڙ سماج ليکجن ٿا، پر انهن سماجن ۾ اهڙي لکيل ۽ ڇپيل ادب ئي يقينن بنيادي ڪردار ادا ڪيو هوندو. اسان ٻين سماجن جو تقابلي جائزو وٺڻ بجاءِ ويجهڙائي ۾ سرجندڙ سنڌي ادب جو ئي جائزو وٺون تہ سنڌ جي سرموڙ اديبن جي نثر توڙي شاعريءَ جا اسان جي سماج تي اهڙا نشان آهن، جن ادب جي ميدان ۾ ٻين سماجن سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائڻ ۽ سماجي جاڳرتا جو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ڪيترائي اهڙا مثال سنڌي ادب جي تاريخ ۾ سونهري باب جي حيثيت رکن ٿا. اهڙي ادب سرجڻ جي بهرحال هر دور ۾ ضرورت پوي ٿي، جيڪو سماج جي اوڻاين ۽ ڪوتاهين جي نشاندهي ڪري، صحي دڳ لائي ۽ سماج ۾ سجاڳيءَ سان گڏ اجتماعي سوچ پيدا ڪري. اهڙي اجتماعي سوچ جيڪا هر شعبي ۾ لاڀائتو ڪردار ادا ڪري سگهي، اهو ادارن جي ترقي هجي، تعليم جو ميدان هجي يا اخلاقي ۽ سماجي قدرن کي هٿي وٺرائڻ هجي. سماجي قدر خود سماج جي پنپرائيءَ لاءِ اهم جاءِ والارين ٿا. سنڌي ادب ذريعي سنڌي ادب جي هر ٽهيءَ جي اديب توڙي شاعر هميشہ پنهنجي قلم کي ڪم آندو آهي ۽ اهو عمل هڪ ٽهيءَ کان نئين ٽهيءَ تائين منتقل ٿيندو سماجي قدرن جي بهتري لاءِ اهم ثابت ٿيو آهي. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ٻوليءَ جو پڙهڻ، لکڻ، ڳالهائڻ پڻ بنيادي گهرجون آهن. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ ڇپجندڙ ادب کي پڙهڻ سان گڏ جديد دور جي تقاضائن جي مدنظر ادب جو هر صنف ۾ سرجڻ ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقيءَ لاءِ ضروري آهي. سٺو ادب بهتر سماج جي جُڙڻ ۾ مددگار ٿيندو. اهڙو ادب جيڪو هر ٽهيءَ کي پڙهڻ لاءِ اُتساهي، اهڙو ادب جيڪو سماج کي سنواري مضبوط ڪري، جو ان ادب جي پڙهندڙ اسان جو سماج ترقي يافتہ سماجن جي صنف ۾ ڳڻيو وڃي. ان سان گڏ باشعور قوم جي تاجي پيٽي ۾ اهو پڻ ضروري آهي تہ هر باشعور فرد عورت يا مرد کي گهرجي تہ تعليم جي ترقيءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري پنهنجي اولين ذميواري سمجهندي تعليم جي بهتري ۽ ترقيءَ لاءِ جيترو ٿي سگهي عملي طور ڪردار ادا ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري.

**سُندري اُتمچنداڻي ۽ ريتاشهاڻيءَ جو وڇوڙو:**

سنڌي ٻوليءَ جون سُڃاڄڙيون شخصيتون ۽ سرموڙ ليکڪائون سُندري اُتمچنداڻي ۽ ريتا شهاڻي هن دنيا مان موڪلائي ويون. ٻنهي شخصيتن جا سنڌي ادب تي اڻمٽ نشان ڇڏيل آهن. سندن مرتيو سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ لاءِ هڪ وڏو نقصان آهي. سندن مرتئي تي سنڌ توڙي هند جي اديبن سان گڏ سندن پڙهندڙن ۾ ڏک جي لهر ڇانيل آهي. سُندري اُتمچنداڻي ۽ ريتاشهاڻي سنڌ ڄايون هيون. سنڌ جي اديبن کي سندن لاءِ وڏي محبت ۽ عزت آهي ۽ رهندي.



**سُندري اتمچنداڻيءَ** جو جنم سن 1924ع ۾ 28- سيپٽمبر تي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. هن سنڌي ۽ انگريزي ادب ۾ ڊگريون حاصل ڪيون. سُندري اُتمچنداڻي ڪهاڻيڪار ناول نگار ۽ شاعره هئڻ سان گڏ ريڊيو، ٽي. وي ۽ اسٽيج تي اداڪاري پڻ ڪئي. سُندري اتمچنداڻي جو شمار سنڌي ادب جي چوٽيءَ جي اديبن ۾ ڪيو وڃي ٿو. سندس سنڌي ادب لاءِ خدمتون هميشه سونهري باب طور ياد رهنديون.



**ريٽا شهاڻيءَ** کي سنڌي ٻوليءَ جي برک ليکڪا طور هميشه ياد رکيو ويندو. هوءَ سنڌ جي حيدرآباد شهر ۾ سن 1934ع ۾ 24 آگسٽ تي ڄائي. هن ٽيهارو کان وڌيڪ ڪتاب تخليق ڪيا ۽ ڪافي ڪتابن تي هن کي مڃتا طور ايوارڊ پڻ ملي چڪا آهن. ريٽا شهاڻي وڏي پائي جي ڪهاڻيڪار، شاعر، ناول نگار، ۽ سوانح نگار سان گڏ بهترين نقاد هئي. هن سفرناما پڻ لکيا جن کي پڻ گهڻي مڃتا حاصل ٿي. ريٽا شهاڻي ادب جي صنفن تي گهڻو ۽ تيزيءَ سان لکندڙ، ڇپجندڙ ۽ پڙهندڙن وٽان مان وسمان حاصل ڪندڙ سنڌي ادب جي مهان ليکڪا طور هڪ الڳ سڃاڻپ ماڻي. ريٽا شهاڻيءَ کي سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هميشه اهم ليکڪا طور شمار ڪيو ويندو ۽ سندس سنڌي ادب لاءِ خدمتون سدائين ياد رهنديون.



**ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ جو لاڏاڻو:** سنڌ جو عالم، عربيءَ ٻوليءَ ۾ پهريون پي.ايڇ.ڊي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ زندگيءَ جو وڏو عرصو علم کي ارپيندڙ ڊاڪٽر مدد علي قادري 6- نومبر 2013ع تي ڪراچيءَ ۾ آغا خان اسپتال ۾ وفات ڪري ويو. سندس وفات ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن لاءِ يقينن دکدائڪ خبر آهي. ڊاڪٽر مدد علي قادري سڄي عمر علم ۽ تحقيق سان لاڳاپيل رهيو. هن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مختلف ٻولين جي تحقيق توڙي ترويج ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. ڊاڪٽر قادري عربي ٻوليءَ ۾ پهريون پي.ايڇ.ڊي اسڪالر هئو ۽ هن عربيءَ ۾ تحقيق کي فروغ ڏنو. ڊاڪٽر قادري هڪ بهترين معلم، عالم ۽ استاد هئو. هُو ڪيترن ئي انتظامي شعبن تي پڻ فائز رهيو. سندس علمي ۽ تحقيقي خدمتون هميشه سونهري حرفن ۾ لکيون ۽ ياد ڪيون وينديون.

**ثمينه ميمڻ**
ايڊيٽر (انچارج) ”مهراڻ“

◙

## احمد خان "آصف"



### گيت

آبڪلائي جي مند آئي، وهيا واهر نيانءُ:
ڏولڻ تون بہ هلي اچ هانءُ.

رَهيو کهيو لوسڻ لٿيو،
جهولا گُهليا، سگر چيٽو،
هارين پاٽي چَٽَ تي چڙيا، ڪي تا ڏوئن ڀانءُ:
ڏولڻ تون بہ هلي اچ هانءُ.

'گهڙ گهٽ' جاتي ڪاتي جاري،
'وَسهن' ڏني آ هرهڪ هاري،
اُٺلاٽي جا هر هَلي ويا، رونبا پوندا چانءُ:
ڏولڻ تون بہ هلي اچ هانءُ.

وَنيون تي تہ وَرن سان شامل،
رونبا ڪن ٿي راهل ماهِل،
آءٌ اڪيلي، نار ڏهيلي، سونهان ٿي توسانءُ:
ڏولڻ تون بہ هلي اچ هانءُ.

'آصف' آخر پوڪون پچنديون،
ساهيليون سڀ خوش ٿي کلنديون،
آءٌ اياڳڻ اُتندي وهندي، رئنديس تنهنجي ڪانءُ:
ڏولڻ تون بہ هلي اچ هانءُ.

## ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم 'خليل'



[جنم: 24- ڊسمبر 1900ع - وفات: 19- نومبر 1982ع]

## غافل نہ آهيان

سڪوت جو تہ مان اصل حامل نہ آهيان،
ڪڏهن عيش و عشرت جو قائل نہ آهيان،
طرفدار دنيائے باطل نہ آهيان،
ڪٿي تنهنجي محفل جي قابل نہ آهيان،
مگر ياد کان تنهنجي غافل نہ آهيان.

بُرائي، ڀلائي، وساري مون آهي،
غم آشنائي، وساري مون آهي،
وصال و جدائي، وساري مون آهي،
هيءَ ساري خدائي، وساري مون آهي،
مگر ياد کان تنهنجي غافل نہ آهيان.

مون جهڙو تہ ناشاد ڪوئي نہ آهي،
گران بار فرياد ڪوئي نہ آهي،
سندم دل ۾ آباد ڪوئي نہ آهي،
مون کي مطلقاً ياد ڪوئي نہ آهي،
مگر ياد کان تنهنجي غافل نہ آهيان.

مٿي تي مصيبت تون آيل ڏسين ٿو،
اکين مان ڳوڙها وهايل ڏسين ٿو،
سندم دل جا جذبا ستايل ڏسين ٿو،
سندم دل بہ آلام مايل ڏسين ٿو،
مگر ياد کان تنهنجي غافل آهيان.

بنايو محبت تہ ناشاد مون کي،
ڏکويو گهڻو تنهنجي بيداد مون کي،
تغافل ڪيو تنهنجي برباد مون کي،
جو ڀُلجي ڪرين ڪين ٿو ياد مون کي،
مگر ياد کان تنهنجي غافل نہ آهيان.

# تخليق، تنقيد ۽ تحقيق

تخليق، تنقيد ۽ تحقيق علم و ادب جا اهم موضوع آهن، الڳ الڳ صنفن هجڻ جي باوجود سندن هڪٻئي سان گهرو تعلق آهي. تخليق ڪندڙ تنقيد ذريعي ئي سٺا نتيجا اخذ ڪري سگهندو. تنقيد لاءِ وري تحقيق ضروري عمل آهي. تحقيق ۾ تخليق ۽ تنقيد شامل هجڻ ڪري تخليقڪار ۽ نقاد ئي سٺو تحقيقڪار ٿي سگهي ٿو. انڪري انهن ٽنهي صنفن جو پاڻ ۾ ايترو تہ گهرو تعلق آهي، جو انهن مان ڪنهن هڪ جي نہ هجڻ سان، اها تحرير ٻسي لڳندي ۽ خاطرخواه نتيجا بہ اخذ نہ ٿي سگهندا.

**تخليق:**

انسان جي اُڌمن ۽ جذبن جي اظهار جو نالو تخليق آهي. تخليقي ادب انساني زندگيءَ جي ترجماني ڪري ٿو. (روز بروز) بدلجندڙ معاشري جي ضرورتن کي محسوس ڪندي اديب، شاعر ۽ صحافي انسان جي اهنجن ۽ آرامن، ڏکن ۽ سکن جي عڪاسي ڪن ٿا، جنهن کي تخليق چئجي ٿو. ڪنهن خاص اتساه ۽ الهامي اثرن وارو ئي تخليقڪار هوندو آهي. انهيءَ ڪري علم و ادب ۾ تخليق کي اصل يا طبعزاد Original حيثيت حاصل آهي.

**تنقيد:**

ادب ۾ ڪوٺي ۽ ڪري جي ڇنڊڇاڻ کي تنقيد چيو ويندو آهي، ڪن حالتن ۾ تنقيد ڪڏهن ذاتي تنقيد يعني نڪتہ چيني ۽ ڪڏهن صرف ساراه يعني تعريف جو رنگ اختيار ڪري ويندي آهي. ان عمل سان تنقيد غيرجانبدار نہ رهي سگهندي آهي. ڊاڪٽر عبادت بريلوي لکي ٿو تہ: "تنقيد جي لغوي معنيٰ آهي "پرکڻ" يا ڇڳي ۽ مني ۾ سنڌ وسيڙهو ڪرڻ ۽ اصطلاح ۾ خوبين ۽ خامين جو صحيح اندازو ڪري ڪو رايو قائم ڪرڻ کي تنقيد چئجي ٿو." نقاد لاءِ ضروري آهي تہ کيس نہ صرف ديسي صنفن بابت ڄاڻ هجي پر کيس ٻين ٻولين جي مختلف صنفن بابت پڻ خاصي معلومات هجڻ لازمي آهي.

**تحقيق:**

تحقيق سچائيءَ سان ڪنهن ڪم جو خبرداريءَ سان ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۽ شهادتن جي آڌار تي تصديق ڪري انجام تي پهچڻ جو نالو تحقيق آهي. محقق جو دائرو گهڻو وسيع ٿئي ٿو کيس بحر مان موتي ميڙي، انهن جي پرک ڪري ڪي نتيجا ڪڍڻا پون ٿا جنهن کي تحقيق سڏجي ٿو.

تحقيق علم جي واڌاري، ان جي روزافزون نشونما ۽ بهتري، پنهنجي ماحول سان مؤثر نموني لاڳاپيل رهڻ، مقصد کي حاصل ڪرڻ ۽ پاڻ ۾ اعتماد بحال ڪرڻ جو نهايت اهم وسيلو آهي.

تحقيق، هن حقيقت کان پوريءَ ريت باخبر آهي تہ جنهن دنيا ۾ اسان رهون ٿا تنهن جي مظاهر ۾ اڻتوٽ لاڳاپا موجود آهن، تحقيق انهن حالتن کي ڳولي لهڻ واسطي ڇڻ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو آهي، جن تحت ڪابہ تحقيق ڪري ڪانہ ٿي سگهجي، پر ظاهر ۾ اُهي حالتون ائين نظر ايندو آهن جو پانئبو آهي تہ منجهن تحقيق ڪرڻ جي گنجائش موجود آهي.

ڪتاب [شاه لطيف تي ٿيل تحقيق جو جائزو] تان ورتل

صرف نحو“ جي نالي سان شايع ٿيو آهي (34). پيرومل جي هن گرامر جي ٻنهي حصن کي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1985ع ۾ گڏي ڇپايو آهي (35). پيرومل جو لکيل هي گرامر سنڌ ۾ انوقت گهڻو مشهور ٿيو ۽ اڄ تائين مستند سمجهيو وڃي ٿو.

پيرومل مهرچند آڏواڻي ۽ مرزا قليچ بيگ جو گڏيل گرامر پڻ ڇپيل آهي. هيءُ گرامر **”ننڍڙو سنڌي وياڪرڻ جلد پهريون“** جي نالي سان ٻنهي ليکڪن ڪراچيءَ مان 1926ع ۾ شايع ڪيو. هن گرامر جو ڇاپو ٻيون حيدرآباد سنڌ مان 1928ع ۾ منظر عام تي آيو. هن گرامر جو جلد ٻيو پڻ ڇپيل آهي. پاڳي ٻئي جو ڇاپو ٻيون، ڪراچيءَ مان 1929ع ۾ شايع ٿيو.

### 4_ چارلس وليم هيسڪل (Charles William Haskell, 1905_1990) جو سنڌي گرامر:

مشنري چارلس وليم هيسڪل انگلينڊ جي شهر يارڪشائير ۾ سنہ 1905ع ۾ ڄائو. شروعاتي ننڍپڻ هن ڪرائس چرچ نيوزيلينڊ ۾ گذاريو. ڪجهه وقت کان پوءِ، هن کي آل سينٽ چرچ طرفان پڙهڻ لاءِ وظيفو مليو. سکيا ختم ڪرڻ کان پوءِ، کيس ايشبرٽن جي پيرش چرچ ۾ پادري ڪري رکيو ويو. سنہ 1932ع ۾ هو سنڌ جي شهر ڪراچي پهتو، جتي سندس ڪلاس فيلو ڊڪ ڪارسن به اچي مليو. جنوري 1933ع ۾ هن ايڊنا فليٽ سان شادي ڪئي. جيئن ته چرچ مشنري سوسائٽي هائي اسڪول ڪراچي جو پرنسپل مسٽر آلٽ موڪل تان واپس اچي نه سگهيو ته کيس ان جي جاءِ تي وائيس پرنسپل ۽ پوءِ پرنسپل ڪري رکيو ويو. هن عهدي تي هن نو سال ڪم ڪيو. سنہ 1940ع ۾ کيس ڪراچي گرامر اسڪول جو پرنسپل ڪري رکيو ويو، جتي هن 14 سال نهايت محنت سان ڪم ڪيو ۽ گهڻي ڪاميابي حاصل ڪئي. هن گرامر اسڪول ۾ رهندي ڪرڪيٽ جي راند کي به گهڻي ترقي ڏياري. آلٽ جي وڃڻ کان پوءِ، کيس سنڌ مشنري سوسائٽي جو سربراه مقرر ڪيو ويو. سنہ 1955ع ۾ هيسڪل واپس نيوزيلينڊ ويو، جتي هن انڊين پادري جي جڳهه تي 14 سال پادري جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو. ان کان پوءِ، هن نو سال اينجليڪن مشن بورڊ جي سيڪريٽري طور فرائض انجام ڏنا. ريٽائرمينٽ کان پوءِ به هو مختلف چرچن ۾ پادري طور ڪم ڪندو رهيو ۽ آخرڪار 85 ورهين جي ڄمار ۾ سنہ 1990ع ۾ پنهنجي حقيقي خالق سان وڃي مليو. (هي بايو گرافي ڪتاب: Every Tribe; NZCMS Missionaries and the Tribal Church in Lower Sindh, Pakistan, 1921- 1997. Written by Stewart Entwistle 2012. تان ورتل آهي، جيڪو سال 2012ع ۾ شايع ٿيو)

سنڌ ۾ رهڻ دوران هو سنڌي ۽ اردو ٻوليون رواني سان ڳالهائي سگهندو هو. اهوئي سبب آهي جو هن سنڌي گرامر متعلق ڪتاب لکيو، جيڪو (A grammar of Sindhi Language) جي نالي سان ڪراچيءَ مان سال 1942ع ۾ شايع ٿيو (36). گرامر جي لکڻ ۾ هن جرمن مشنري اسڪالر ارنسٽ ٽرمپ ۽ پادري جارج شرٽ جا ٿورا مڃيا آهن، جن جي ڪتابن مان هن سنڌي گرامر لکڻ ۾ مدد حاصل ڪئي. هن جو انگريزي ۾ لکيل ڪتاب (Sinner Sind) نيوزيلينڊ مان سنہ 1957ع ۾ شايع ٿيو.

مٿين عالمن جي ڪتابن کان علاوه، ويهين صدي عيسوي جي پهرين اڌ ۾ سنڌي گرامر بابت ٻين عالمن پڻ ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ ماستر ڪرمچند چوهڙمل ڪلناڻيءَ جو **”علم عروض“** بابت مختصر ڪتاب شڪارپور سنڌ مان 1909ع ۾ شايع ٿيو. پي ايل واسواڻيءَ جو لکيل، **”علم عروض و علم بديع“** جو مجموعو، 1910ع ۾ حيدرآباد سنڌ مان شايع ٿيو. **”سنڌي گرامر، صرف نحو: سوالن جوابن ۾“** شڪارپور سنڌ مان، شولداس ٺانورداس سال 1912ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ساڳئي طرز ۾ سهنجرام ٽهلرام پڻ ڪوشش ورتي ۽ سوالن جوابن سميت گرامر جو ڪتاب ساڳئي سال لکيو. اهو ڪتاب ليلارام واڌومل حيدرآباد مان ڇپايو ڏيئونمل ڏ.جند وري سکر سنڌ مان **”وي ٽو گرامر“** نالي سان سنہ 1913ع ۾ شايع ڪيو (37).

جاکوڙ ذريعي شاهه جا رسالا ترتيب ڏنا. جن ۾ گرامري نشانين ۽ اعرابن جو گهٽ وڌ ٿيڻ يا ڪٿي ڪٿي نه اچي سگهڻ، سپاويڪ هو. جيئن ته انهن ٻنهي نسخن ۾ عجب (!) ۽ سواليه (؟) نشانيون بنهه ئي ٿورڙيون، بلڪ نه هئڻ جي برابر ملن ٿيون، پر ٿڌهن به ٿوري دم (،) ۽ پوري دم (.) جي نشانين جو، گهڻي ڪان گهڻو استعمال ڪري، نسخن جي ڪم ڪي، اعليٰ درجي تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.

2. "گربخشاڻي"، "شاهواڻي"، "آڏواڻي" ۽ "آءِ آءِ" نسخا، شاهه جي رسالن جي تاريخ جا، اهي اعليٰ ترين ۽ بي مثال ڇاپي رسالا آهن، جن ۾ گرامري نشانين ۽ اعرابن جي استعمال جو پورو پورو حق ادا ڪيو ويو. توڙي جو انهن چئني نسخن ۾، ڪٿي ڪٿي ڪمزوريون به نظر اچن ٿيون، پر مذڪوره چارئي نسخا، گرامري حساب ۽ درجه بندي جي لحاظ کان ڇاپي رسالن جي دور جا سونهري رسالا چئي سگهجن ٿا. اهو دور شاهه جي رسالن ۾، گرامر ۽ اعرابن جي صحيح استعمال جي عروج وارو زمانو هو. محقق ۽ مرتب نگار، وڏي جاکوڙ ۽ محنت ڪندا هئا. رسالن جا پروف بار بار پڙهندا هئا. نه فقط ايترو پر زير، زبر، پيش، شد ، مد، جزم، کڙي زير، کڙي زبر، ٽٻڪي (نقطي) ۽ ٻين هلڪي قلڪي ڪمزورين تي به ذميوارنه نظر رکندا هئا.

3. سنڌي پرنٽنگ پريس تي شايع ٿيندڙ "ڏيپلائي" نسخو، انهن "گنج" رسالن جي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جيڪي وچين ڇاپي دور ۾ شايع ٿيا. "ڏيپلائي" نسخو، "شوڪيرام"، "قليچ"،"شاهواڻي" ۽ "قاسمي" نسخن جو تسلسل نظر اچي ٿو. البت، "شوڪيرام"،"قليچ"۽ "قاسمي" نسخن ۾، زيرن- زبرن (اعرابن) ۽ گرامر جي نشانين جو گهڻي حد تائين خيال رکيو ويو. ليڪن "ڏيپلائي" نسخو نه فقط گرامري نشانين ۾ ڪمزور رهجي ويو، پر اعرابن جي حوالي سان به، ٻين نسخن جي قطار ۾ شامل ٿي نه سگهيو. هن نسخي شايع ٿيڻ سان، ايترو ضرور ٿيو، جو سنڌ ۾ شاهه جي رسالي جي کوٽ ختم ٿيڻ ۾، ڪافي حد تائين مدد ملي.

4. "قاسمي" نسخي ۾ به گرامر جي نشانين جو، گهڻي حد تائين خيال رکيو ويو. هي نسخو به شاهه جي رسالن جي تاريخ جو، هڪ بهترين نسخو شمار ٿئي ٿو. 36 سرن تي آڌاريل هجڻ سبب، هن رسالي کي به "گنج" رسالن واري فهرست ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.

5. "جنجهي" نسخو، مواد جي لحاظ سان، تمام گهڻو شاهوڪار رسالو آهي. جيڪو گذريل سيني "گنج" نسخن کان بازي کٽي ويو آهي. "گنج" جي عنوان سان، "هرگنج" شامل اٿس. هن نسخي جو حقيقي ۽ سچو-پچو تنقيدي پهلو هي آهي ته، هن رسالي کي، ڪنهن سيڪڙاٽ آپريٽر ڪمپوز ڪيو. مٿان وري رسالي جا پروف ئي نه پڙهيا ويا. ايتريقدر جو "سرمارئي" جون "ٽريهه راتيون"، ٽي دفعا، الڳ الڳ ڪمپوز ڪري، رسالي جي سرمارئي ۾ (ص: 473، 490 ۽ 495 ) ٽن جاين تي، وري وري شامل ڪيل آهن. اهڙي ڏک جو اظهار، خود سگهڙ حاجي الهه داد جنجهي صاحب پاڻ ڪيو آهي. رهيو سوال گرامر جي نشانين ۽ اعرابن جو ته، نسخي ۾ پروف جي ڪمزورين کان پوءِ، گرامر جي نشانين ۽ اعرابن بابت راءِ، پڙهندڙ پاڻ ئي قائم ڪري سگهن ٿا.

"بلوچ" نسخي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته هن رسالي جا پروف به نه پڙهيا ويا آهن. جيڪا ڪمزوري، پڙهندڙ سالن تائين محسوس ڪندا رهندا.

## فائينل نتيجو

ڏهن ئي ڇاپي نسخن جي تقابلي جائزي کان پوءِ، اها ڳالهه واضح ٿي بيهي ٿي، ته شاهه جي رسالن ۾، گرامر جي نشانين جو باقاعدي استعمال، سن 1900ع واري "تارا چند شوڪيرام" جي سرڪاري ڇاپي نسخي کان شروع ٿي چڪو هو. "مرزا قليچ بيگ"، پنهنجي نسخي ۾، اڃان وڌيڪ محنت ڪئي. ليڪن گرامري نشانين ۽ اعرابن جي پوري پوري استعمال ۽ عروج جو زمانو، "ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي" واري نسخي کان شروع ٿي، "علامه آءِ. آءِ. قاضي" واري نسخي تائين پهتو. انهيءَ وچ ۾، جيڪي به شاهه جا رسالا شايع ٿيندا رهيا، انهن ۾ گرامر جي قانون ۽ اعرابن جو ڀرپور استعمال عمل ۾ ايندو رهيو. البت "محمد عثمان ڏيپلائي" وارو نسخو، جيڪو 1951ع ۾ شايع ٿيو، گرامر توڙي اعرابن جي عمل ۾، ڪمزور رهجي ويو.

سال 1961ع کان پوءِ، يعني "علامه آءِ. آءِ. قاضي" واري نسخي کان بعد ۾، ضرورت ان ڳالهه جي هئي ته، مستقبل ۾ به شايع ٿيندڙ شاهه جا رسالا، گرامر جو قانون ۽ اعرابن جو استعمال، باقاعده مضبوط ۽ مربوط انداز ۾ برقرار رکندا، پر ائين ٿي نه سگهيو. بلڪ اهو رواج آهستي آهستي وري زوال پذير ٿيندو ويو ۽ اڃا وڌيڪ زوال پذير ٿي رهيو آهي.

ڏسو هيٺيان به مثال:

1. I. ڪٿوءِ هاڙهو ٻَنِ هوتُ، ڪوءِ پنهون ٻن پريتڻو — بلوچ – ص 233
   II. ڪُهه هاڙهو ، ٻن هوت ، ڪُهه پُنهون ٻَنِ پرِيتڻون — جنجهي – ص 244
   III. ڪوءِ هاڙو ! ٻن هوتُ ! ڪوءِ پنهو ! ٻَنِ پريتڻوَ ! — گربخشاڻي – ص260
   IV. ڪٿوءِ ! هاڙهو ، ٻَنِ.! هوتُ ، ڪٿوءِ ! پُنهون، ٻَنِ! پرِيتڻو، — لغاري – ص 148

2. I. سامِي چَئِجُ سَچُ ، ڪِٿان اَچين ڪا پَڙي — بلوچ – ص 254
   II. سامي چَئج سَچ ، ڪِٿان آئين ڪا پَڙي — جنجهي – ص 309
   III. (هي بيت نسخي ۾ شامل ناهي) — گربخشاڻي ... ص
   IV. سامِي ! چَئِجُ سَچُ ، " ڪِٿان اَچين ڪاپَڙي !؟ " — لغاري – ص. 163

سمجهجي ٿو ته جيئن جيئن ڪمپيوٽر ۽ سائنس جو علم ترقي ڪندو پيو وڃي، تيئن تيئن علم و ادب، ٻوليءَ ۽ لکت (ڪمپوزنگ) جي ميدان ۾، اسان اعرابن ۽ گرامري نشانين جي ڄاڻ ۽ ان جي استعمال کان پري ٿيندا پيا وڃون. جيڪو اسان لئي لمحه ءِ فڪر هئڻ گهرجي.

## تجويزون:

1. گرامر جي ڄاڻو ميمبرن تي مشتمل هڪ "گرامر ڪاميٽي" جوڙي وڃي، جنهن جو چيئرمين / چيئرپرسن سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جو چيئرمين / چيئرپرسن هجي.
2. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران، گرامر ۽ اعرابن جي بنيادي ڄاڻ ڏيڻ خاطر، ننڍا ننڍا گرامري ڪتابڙا ڇپائي، پرائمري / سيڪنڊري اسڪولن ۾ مفت تقسيم ڪيا وڃن.
3. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي توسط سان، وقت بوقت، مختلف اسڪولن ۾، گرامر جي ڄاڻ وڌائڻ خاطر، سيمينار ۽ مذاڪرا ڪرايا وڃن، ته جيئن گرامر جي اهميت اجاگر ٿئي.

4. سيڪنڊري توڙي هائر سيڪنڊري امتحاني پرچن ۾، گرامر جي سوال ۾، وڌيڪ مارڪون رکيون وڃن، تہ جيئن گرامر جي سوال حل ڪرڻ ۽ گرامر سکڻ لاءِ، طالب علمن ۾ وڌيڪ دلچسپي پيدا ٿئي.
5. شاهہ جي رسالي ۾، اعرابن سان گڏوگڏ، گرامر جي نشانين جو استعمال لازمي قرار ڏنو وڃي.
6. شاهہ جي رسالي جو مرتب نگار، ان ڳالهہ جو پابند هجڻ گهرجي تہ، پنهنجو ترتيب ڏنل نسخو "گرامر ڪاميٽي" کان پاس ڪرائيندو.

اهڙي طرح، مستقبل ۾ شايع ٿيندڙ، ڪنهن بہ شاهہ جي رسالي ۾، گرامري قاعدن ۽ اصولن جي پاسداري قائم ٿيندي ۽ شاهہ جي رسالي جو حقيقي مقصد، مفهوم ۽ پيغام پوري طرح سمجهہ ۾ ايندو.

## حوالا

[ نوٽ: مقالي جي تياري ۾، هيٺيان نسخا آڏو رکيا ويا.]


1. شوڪيرام، تاراچند. شاهہ جو رسالو. ڇپائيندڙ هند سرڪار تعليم ڪاتو بمبئي. ڇپيو مرڪنٽائل اسٽيم پريس ڪراچي ۾. ڇاپو پهريون، سال 1900 ع.
2. مرزا، قليچ بيگ. شاهہ جو رسالو. ڇپائيندڙ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد. ڇاپو چوٿون، سال 1994 ع.
3. گربخشاڻي، هوتچند مولچند پروفيسر. شاهہ جو رسالو. ڇپائيندڙ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي. ڇاپو نئون، سال 2008 ع.
4. شاهواڻي، غلام محمد. شاهہ جو رسالو. ڇپائيندڙ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي. ڇاپو ٻيو، سال 2005 ع.
5. قاسمي، غلام مصطفيٰ علامہ. شاهہ جو رسالو ڇپائيندڙ مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور. ڇاپو ٽيون، سال 2008 ع.
6. ڏيپلائي، محمد عثمان. شاهہ جو رسالو. ڇپائيندڙ دفتر لطيفي حيدرآباد. ڇاپو پهريون، سال 1951 ع.
7. آڏواڻي، ڪلياڻ. شاهہ جو رسالو. ڇپائيندڙ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. ڇاپو پنجون، سال 1993 ع.
8. قاضي، آءِ.آءِ.علامہ. شاهہ جو رسالو. ڇپائيندڙ سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو. ڇاپو ٽيون، سال 1993 ع.
9. جنجهي، حاجي الهہ داد سگهڙ. شاهہ جو گنج. ڇپائيندڙ ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد. ڇاپو ٻيو، سال 2008 ع.
10. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر. شاهہ جو رسالو. ڇپائيندڙ ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ. ڇاپو پهريون، سال 2009 ع، ڇاپو ٻيو، سال 2012 ع، ڇاپو ٽيون (سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي) سال 2012 ع
11. لغاري، استاد. شاهہ جو رسالو. ڇپائيندڙ مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور. ڇاپو پهريون، سال 2013 ع.

آزاد قاضي



# مهراڻ: اوائلي دور (1946ع) مختصر جائزو

سنڌ جي علم و ادب ۽ صحافت جي ميدان ۾ اشاعت جا 67 سال پورا ڪندڙ، معياري تحقيقي رسالو نہ ماهي مهراڻ سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ ناغي پوڻ جي، لڳاتار نڪرڻ جو رڪارڊ رکي ٿو. جنهن جي اشاعت تخليق، ترجمي توڙي تحقيق واري رجحان کي نہ رڳو هٿي ڏني، پر ان کي وڌائڻ ويجهائڻ واري عمل ۾ اڳ کان اڳرو پئي رهيو آهي. جيڪڏهن ائين چئجي تہ سنڌي ادب ۾ جديد فڪشن يعني ڪهاڻيءَ جي فن ۽ فڪر توڙي شعري صنفن جي ڏانءُ کي ترويج ڏياري، پڪو ۽ پختو ڪرڻ، مضمون ۽ مقالن لاءِ ميدان هموار ڪرڻ، نئين سنڌ جي تاريخ تي جديد انداز سان تحقيق ڪرڻ ۽ ان جي اوائلي ماخذن کي سوڌي سنواري پڙهندڙن تائين پهچائڻ جو ڪم صرف ۽ صرف نہ ماهي مهراڻ سرانجام ڏنو آهي تہ ان ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

چوندا آهن تہ وڏن وڏن شاهڪار ڪمن جي شروعات بنہ مختصر ڪارڪردگيءَ سان ٿيندي آهي. دنيا، پاڪستان ۽ سنڌ اندر اهڙا ڪيئي مثال موجود آهن، اهڙوئي هڪڙو مثال سنڌي ادبي بورڊ پاران ستهٺ سالن کان اعليٰ معيار ۽ مقدار طور دنيا اندر مڃتا ماڻيندڙ نہ ماهي مهراڻ جو آهي. نہ ماهي مهراڻ شروعاتي دور ۾ ماهوار رسالي طور نڪرڻو هو، پر جڏهن اهو هڪ سالن جي وقفي کان پوءِ نڪرڻ شروع ٿيو تہ، هڪ پرچي (جنوري 1946ع) کان پوءِ، ٻيو پرچو اپريل 1946ع ۾ نڪتو، انڪري چئي سگهجي تہ مهراڻ ابتدا کان ئي بہ ماهي ڪيو ويو، پر پوءِ تجربي بعد معلوم ٿيو تہ اهڙي معياري پرچي جو هر ٻئي مهيني لاڳيتو نڪرڻ بہ مشڪل آهي، انڪري مهراڻ جو ٽيون پرچو 3،4،5 جهڙوڪر ٽن مهينن جو ڪري ڪڍيو ويو.

ان دور وارين بحراني حالتن سبب مهراڻ جي اوائلي دور جو آخري پرچو جلد ٻيو، جنوري کان جون 1948ع يعني 7 کان 12 نمبر پرچو، ڇهن مهينن تي مشتمل هيو، تنهن بعد 1949ع ۽ 1950ع ۾ موراڳو هڪ، هڪ پرچو نڪري سگهيو، اهڙي ريت مهراڻ جي اشاعت جو، اهو اوائلي دور مڪمل ٿيو، تنهن بعد مهراڻ جو ٻيو دور 1955ع کان، محترم محمد ابراهيم جويي جي ادارت هيٺ شروع ٿيو.

## مهراڻ جي اشاعت جو پس منظر ۽ ضرورت:

’مهراڻ‘ رسالو، جنهن جي سڃاڻپ سنڌي ادبي بورڊ آهي، سنڌي ادبي بورڊ، جنهن جو اوائلي نالو، سنڌي ادب (ساهت) لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ ( Central Advisory Board of Control for Sindhi Literature) رکيو ويو هو. اهو ادارو سنڌ سرڪار جي 14 آگسٽ 1940ع واري ٺهراءُ نمبر 666- (ب) 40 پٽانڌر وجود ۾ آندو ويو. ان خير جي ڪم جي سرواڻي، ان وقت جي وزير تعليم سائين غلام مرتضيٰ شاهہ عرف جي.ايم.سيد جي سر سونهين، جنهن ذاتي دلچسپي ورتي، سنڌي ادب جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ، اهڙي اداري جو بنياد وڌو.

چوڻي آهي تہ ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي، ان ڪري مهراڻ جي مٿي ذڪر ڪيل مقصد واري پس منظر کي سمجهڻ لاءِ، ان ڳالهہ جو اندازو ڪرڻ ضروري آهي تہ اهي ڪهڙيون حالتون هيون، يا اهي ڪهڙا ڪارڻ هيا، جن جي ڪري سنڌ جي هڏ ڏوکين ۽ همدردن کي مٿي ذڪر ڪيل اداري ناهڻ ۽ ان جي حوالي سان، اهڙي رسالي جاري ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي.


جي.ايم.سيد

سنڌ جي بمبئيءَ کان آزادي واري تحريڪ، سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن وچ ۾ مختلف حوالن سان نفاق ۽

جو ملمع لاهي، ديسي ادب کي هڪ اهڙي قالب ۾ پلٽائي ۽ سانچي ۾ سميٽي، جو منجهائنس غيريت جو رنگ نڪري وڃي، هيڪڙائيءَ جي هيئت پڪڙي ۽ باوجود انهيءَ هيڪڙائيءَ جي انجو شاندار وڻ اهڙا گوناگون ٿار ۽ شگوفا ڪڍي، جو سيني جون اکيون اهو منظر ڏسي ٺرن ۽ گد گد ٿين.

اسان جو ملڪ سو ننڍڙو آهي، پر ماڻهن جون زبانون تمام وڏيون آهن، هرڪو آپي خان آهي. هر ڪو پنهنجي تند تاڻي ۽ تنواري رهيو آهي. سڀ ڪنهن جو نوع پنهنجو، طرز عبارت پنهنجي. ڪو نهايت عربي آميز عبارت لکندو ته ڪو وري سنسڪرت ۽ هنديءَ جا سنگين لفظ پيو پنهنجي لکڻيءَ ۾ ٽنبيندو، پر جملي جي نغمي ۽ راڳ ڏي نه ڏسندو. وري عبث هن ڳالهه جو ته سڀ ڪو ائين سمجهندو ته مان ئي بي نظير ۽ لاثاني، ٻيا سڀ عيبائتا ۽ ناقص. ڪنهن کي پنهنجي لفظن جي فراوانيءَ ۽ رعنائيءَ تي ناز، ته ڪو وري ٻاراڻي ٻولي لکي چوندو ته سنديس ئي عبارت جو نمونو معياري ۽ آدرشي آهي. سيڪو پنهنجي خيال ۽ گهمنڊ ۾ خوش. وري ڪي نوان ليکاري حباب وار ادبي مهراڻ مٿان اڀرن ٿي آکين ته آهيون ئي اسين. ڏسو اسان جي مدورائي ۽ چال! پر آهن رڳو ڦوڪ وهيٽا. ڪن کي ته وري دماغ ۾ اهڙو اٽڪ وينل آهي، جو ڪٿي انيڪ عقلي ۽ علمي دليل پيش ڪجن ته به 'ڪبي نه مانون' نه ڇڏيندا. مطلب ته هائي لڳي پئي آهي، وڃجي سو ڪهڙي وهه وڃجي؟" (دائودپوٽو، 1946ع، ص 4)

اهڙي قسم جي غيرسنجيده ۽ ڇڪتاڻ واري صورتحال ۾ مهراڻ رسالو ئي اهو واحد پرچو هو، جنهن کي اميد جو ڪرڻو تصور ڪيو پئي ويو. ان ڳالهه جو اظهار ڊاڪٽر دائودپوٽو به هن طرح ڪري ٿو:

"اهڙي وايو منڊل ۾ ڪي مٺائڻ لاءِ مهراڻ جهڙو ئي مخزن مفيد ٿيندو. مهراڻ جا باني مباني، مرڪزي ادبي بورڊ جا عضوا ۽ سنڌ جا ٻيا اديب- هندو توڙي مسلمان-گڏجي هڪ ادبي منڊلي بنائين، جنهن جي فردن ۾ ٻيائيءَ جي بوءِ نه هجي، جي وصال جا ورق واري ۽ وڇوڙي جا وڍ وڃائي، سنڌي ساهت کي معياري صورت ڏين، پختگي ۽ پائندگي بخشين. (دائودپوٽو، 1946 ع ص 4 )

اسان جي عالمن جون اهي ابتدائي ڪوششون هيون، پر نفرت وارو ٻج ڏينهون ڏينهن وڌندو پئي رهيو، جنهن جو اندازو نماڻو نالي هڪ ليکڪ پاران 'سنڌ جا مسلمان' عنوان سان لکيل ان ليک مان ملي ٿو، جنهن ۾ ليکڪ مخاطب ته سنڌ جي مسلمان سان آهي، پر هو پنهنجو پاڻ کي به هڪ اهڙي سنڌي قوم جو فرد تصور ڪري ٿو، جيڪا رنگ نسل توڙي مذهبي تفرقي بازيءَ کان پري آهي، تڏهن ته هو ڳُليل لفظن ۾ لکي ٿو:

"اسين اول سنڌي آهيون ۽ پوءِ مسلمان، ملڪي معاملن ۾ هندڪي، مسلمانڪي ڏيکاريئي ته پوءِ ڊاڪٽون ئي پکو، تنهنڪري اي سنڌ جا مسلمان! تعصب جو تڏو ڇڏ ۽ رئيءَ کي دور ڪر، سازي آهي سونهن ۽ ناسازي آهي بربادي.. سنڌ جا صوفي ۽ سنت اها ئي تلقين ڪندا آيا آهن ته ٻيائيءَ کي ٻن ڏيو ۽ پنهنجا ريجا وساري ڇڏيو، اي سنڌ جا مسلمان! اهو ورثو نه وسار، جيڪو سازيءَ جي ڪم سنڌ جي صوفين ۽ سنتن شروع ڪري ڇڏيو آهي، تنهن کي پريم پاڻيءَ سان تازو ۽ توانو رکندو اچ." (نماڻو، 1940ع، ص 53)

اهي هُيون ان وقت واريون سماجي حالتون ۽ علمي ادبي ماحول، جنهن ۾ بلآخر 1946ع ڌاري رسالي مهراڻ جو اجراءُ ٿيو. ابتدائي رٿا موجب، مهراڻ ماهوار طور نڪرڻو هو ۽ ان جي اهڙي شروعات پڻ ڪئي ويئي. پر صرف هڪ مهيني بعد اهو اندازو ٿي ويو ته هي پرچو مستقل طور ماهوار شڪل ۾ هلي ڪو نه سگهندو. ان ڳالهه جي اندازي ٿي وڃڻ ۽ ماهيانه طور مهراڻ جي نه ڪڍي سگهڻ تي، مهراڻ جي ان وقت واري ايڊيٽوريل بورڊ جيڪو هيٺين ڇهن اديبن 1. مسٽر عثمان علي انصاري، 2 مولوي دين محمد وفائي 3. پروفيسر هرومل سدانگاڻي 4. مسٽر لالچند امر ڏنومل جڳتياڻي تي مشتمل هو. ان بورڊ مٿي ذڪر

ڪان وڏو نقصان پهتو هو. خاص طور تي ان حوالي سان تہ نئين رياست وجود ۾ اچڻ ڪري، سنڌ مان وڏي پئماني تي لڏپلاڻ ٿي ويئي، جنهن ۾ سون جي تعداد ۾ عالم، اديب ۽ اڪابر وطن جي وڻن کي الوداع ڪري هتان هليا ويا، انهن الوداع ڪندڙن ۾ مهراڻ جو مينيجنگ ايڊيٽر شري لالچند امر ڏنو مل پڻ شامل هو. اهڙي تبديل ٿيل صورتحال جنهن سنڌ جي سموري سماج کي ذرا ذرا ڪري ڇڏيو، انڪري سنڌي ادبي بورڊ ۽ ان جي ابتدائي ڪمن مان هن بنيادي ڪم يعنيٰ رسالي مهراڻ جي نڪرڻ واري عمل ۾ بہ رڪاوٽ پئجي وئي. ان ڪان پوءِ سال 1949ع ۽ 1950ع وارن ٻن سالن ۾ صرف هڪ هڪ پرچو نڪتو. اهي ٻئي پرچا سنڌي ادب جي مرڪزي صلاحڪار بورڊ پاران ملهايل شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ساليانہ سالگرهہ پروگرامن ۾ پڙهيل مضمونن ۽ شاعريءَ واري مواد تي مشتمل آهن. ان ڪان پوءِ تہ موراڳو رسالو نڪرڻ ئي بند ٿي ويو ۽ پوءِ وري 1955ع ۾ ٻيهر نڪرڻ شروع ٿيو. جنهن کي تہ ماهي مهراڻ جي ٻئي دورطور ياد ڪيو وڃي ٿو.

**مهراڻ جو مقصد:**

سنڌي ادب (ساهت) لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ کي وجود ۾ آڻي، بورڊ لاءِ جيڪي مکيہ ڪم طئہ ڪيا ويا، تن مان هڪڙو هي بہ هو تہ بورڊ هڪ ادبي رسالو ڪڍي جنهن ۾:

1. چيدا چيدا مضمون ڇپجن.
2. سائنس جا نوان نوان لفظ ۽ محاورا گهڙي چالو ڪجن.
3. ڪتابن جي تنقيد يعني سمالوچنا ڪجي، جنهن ۾ نون لکندڙن جي همت افزائيءَ ۽ فائدي لاءِ سنڌن تصنيف ڪيل ڪتابن جون خوبيون ۽ خاميون نروار ڪيون وڃن". (مهراڻ جلد 1، نمبر 1)

مٿي ذڪر ڪيل خيالن جي روشنيءَ ۾ پهرئين ئي پرچي ۾ "مهراڻ جو مقصد" عنوان هيٺ اداره ۾ ڄاڻايو ويو تہ:

"سنڌ ۽ هند جي ٻين مخزنن وانگر 'مهراڻ' کي هيءَ دعويٰ نہ آهي تہ هي روحاني، طبي، تمدني، معاشرتي، سياسي، صنعتي، اخلاقي يا ادبي وغيره وغيره سڀ ڪجهہ آهي. اسان جو مهراڻ فقط هڪ ئي مقصد سان ڪڍيو ويو آهي تہ جي ورق ناظرين جي خدمت ۾ پيش ڪيا وڃن سي ٿورڙا هجن، اهم هجن ۽ اهڙا هجن جن کي پڙهڻ کان پوءِ ڪو صاحب ائين نہ چئي تہ "اجايو وقت وڃايم". (اداره، جلد 1، نمبر 1، ص 2)

ان سلسلي ۾ اهو پڻ اظهار ڪيو ويو تہ:

"نازن جي پليل سنڌيءَ جي اهڙي تہ نازڪ حالت ٿي وئي، جو ظاهر ڏسڻ ۾ ٿي آيو تہ جيڪڏهن مٿس اجا بہ ڪجهہ وقت انهن ڌارين زبانن جي ظلم جي بارش ٿي تہ شايد اهو ٿورو گهڻو ساهہ جو باقي فقط ٻارن جي طوطي زبان مان معلوم ٿي رهيو هو سو بہ ختم ٿي ويندو، ۽ سنڌ ۾ باقي ڪو انسان شاهہ، سوامي (سامي) يا سچل جي پڙهڻ وارو بہ ڪونہ لڀندو. اتي قدرت جي مالڪ جي انصاف پسنديءَ جوش ۾ آئي ۽ سنڌ جي ستلن ۾ هڪ ٽولو سجاڳ ٿيو، سنڌن درد مند دلين ۾ فقط هي سوال پيدا ٿيو: "دنيا جي ٻئي ڪنهن ملڪ جي زبان بہ اهڙي طرح پنهنجن جي هٿان ذليل ٿيندي ٿي رهي، يا هيءَ خاص نوازش اسين پنهنجي مادري زبان تي ڪري رهيا آهيون؟ اهڙو ڪو ٻيو بہ ملڪ آهي جتي ٻارن جي معصوم دماغن کي مادري زبان ڪانسواءِ ڪنهن ٻي زبان ۾ ضروري تعليم ڏني ٿي وڃي؟ جواب بلڪل صاف هو، تنهنڪري ڪوشش ڪرڻ لڳا تہ ڪيئن بہ ڪري اسين پنهنجي زبان کي وري سهڻو بڻايون، وري اهڙو بڻايون جهڙي اجلي اڳ هئي، جو تہ اسانجي آهي، پرائي محلات کي ڏسي پنهنجي ڇنل ڇپر کي باهہ ڏيڻ عقلمندي نہ آهي." (اداره، جلد 1، نمبر 1، ص 2) )

ڏکهي عرصي تائين عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻوليءَ جي اثرن سبب تعليم تدريس ۽ علم و ادب واري حوالي سان اها صورت حال وڃي بيٺي هئي، جنهن کي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي هڏ ڏوکي هندن توڙي مسلمانن شدت سان محسوس ڪيو پئي. جن ان وقت (1940ع) جي وزير تعليم، تعليم کاتي

جي هٿ هيٺ سنڌ ادب جي واڌاري لاءِ نہ رڳو بورڊ قائم ڪرايو پر ان جي هڪ اهم ڪم طور رسالي مهراڻ جو اجراء پڻ ڪرايو.

مهراڻ جي پهرين پرچي نڪرڻ تي ان دور جي مشهور رسالي ماهوار سنتو لکيو:

Registered No. S —



"اسين تعليم کاتي وارن کي مبارڪون ٿا ڏيون تہ مسين مسين مهراڻ جي ڪيڻ سان سنڌ جي هڪ گهرج پوري ڪئي ويئي آهي. اسان کي اميد هئي تہ مهراڻ، سنڌي ٻولي جي ويراني ۾ سرسبزي لڳائي ڇڏيندي، پر مهراڻ جي پهرين پرچي ئي اسان جون اميدون گهڻي قدر ڊيرون ڪري ڇڏيون آهن. ائين برابر آهي تہ هڪ پرچي مان ڪو بہ انومان ڪيڻ ٺيڪ نہ آهي، اسين اميد ٿا ڪريون تہ مهراڻ جا ايندڙ پرچا سنڌي ٻولي جي رڻ پٽ ۾ اها گلزاري ۽ سرسبزي لڳائيندا جو سنڌ واسي ڏسي دنگ رهجي ويندا." (اداره، 1946ع، ص 84)

ماهوار سنتو سالن کان نڪرندڙ وڏو معياري رسالو هو، ان جي مهتمم طرفان مٿي ذڪر ڪيل راءِ پنهنجي جاءِ تي، پر پوءِ بہ ان وقت ۾ جا مهراڻ جي اپري سپري حال سان ابتدا ڪئي ويئي. اڄ جڏهن 67 سال گذرڻ بعد پوئتي نظر ٻوڙايون ٿا، تڏهن سنڌ جي سموري علم و ادب جي سڌاري ۽ واڌاري ۾ صرف مهراڻ جو ئي مستقل ۽ نمايان ڪردار نظر اچي ٿو.

## مهراڻ جا مضمون:

ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جنهن ليک ۾ ادبي سنگت جو تصور پيش ڪري، ان جي هڪ اهم ڪم طور رسالي مهراڻ جي اجرا جو تصور پيش ڪيو هو، ڊاڪٽر صاحب ان جي آخر ۾ ان ڳالهہ جو بہ اظهار ڪيو هو تہ:

"انهيءَ ادبي سنگت جا هيٺيان مکيہ وظيفا هئڻ گهرجن.

1. قديم سنڌي ادبي ذخيرو ڪٺو ڪري، سنڌي لغت کي سهڻن سنڌي لفظن سان مالا مال ڪرڻ.
2. سنڌي ادب، نثر توڙي نظم، کي مهراڻ جي وسيلي ڪمال جي اوج تي پهچائڻ.
3. سنڌي صورت خطيءَ کي صحيح بيهڪ ڏيارڻ.
4. سنڌي ڪتاب ۽ طباعت جي صحت لاءِ جوڳا اپاءُ وٺڻ.
5. سنڌي صرف ۽ نحو، جو هاڻ نهايت ناقص آهي، تنهن کي علمي اصولن موجب ترتيب ڏيڻ." (دائود پوٽہ، 1946ع، ص 4)

مٿي ذڪر ڪيل خيال ۽ خواهشون ڊاڪٽر دائودپوٽي جون هيون پر اهڙي صورت حال، جنهن ۾ هر شيءِ ڏانوانڊول ٿيندي پئي رهي. لکڻ وارا هڪڙا لڏڻ ۾ پورا هئا؛ ٻيا هيسيل ۽ هراسيل ڪجهہ ڪرڻ واري حالت ۾ ڪو نہ هئا، پريسون برباد ٿي رهيون هيون. اهڙي افراتفريءَ واري عالم ۾ ڪو وڏو اهم ڪم تہ، ڪنهن معمولي ڪان معمولي ڪم جو بہ باقائديءَ سان ٿيڻ مشڪل هو، اهڙي وقت ۾ صرف ۽ صرف چند صفحن وارو رسالو مهراڻ ئي هو، جيڪو اپڙڻ واري جهد ۾ هو. ان جو ايڊيٽوريل بورڊ

به هو، جنهن کي لئي پٽي مڙني خواهشن، اميدن ۽ آرزوئن جي سلسلي ۾ اڳتي وک وڌائڻي هئي، ۽ ڪي پڪا پختا بنياد رکڻا هئا.

ان سلسلي ۾ مهراڻ جي اوائلي پرچن جي ورق گرداني ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته مهراڻ پنهنجي اشاعت واري پهرئين سال يعني جنوري 1946ع کان فيبروري 1947ع تائين هينئين موضوعن بابت مواد شايع ڪري، سنڌ جي علم و ادب جا بهترين بنياد رکيا، جن تي اڳتي هلي معياري عمارتون تعمير ٿيون.

مهراڻ جو پهريون پرچو کولڻ سان پهرين نظر "سنڌيءَ جي پيار وارن جي خدمت سگهوريءَ ۾ عرض "عنوان سان پوري صفحي جي اشتهار تي پئي ٿي، جنهن ۾ ڏنل مواد مان ظاهر ٿئي ٿو ته نئين قائم ٿيل مرڪزي صلاحڪار بورڊ سنڌ جي قلمي نسخن ۽ دست ڪاريءَ کي نمودار ڪرڻ سان گڏوگڏ شاعرن جي همٿ افزائي ڪرڻ لاءِ محفل مشاعرن جو پڻ انتظام ڪيو هو، ان ڪم جي اهميت کي سمجهڻ ۽ اجاگر ڪرڻ لاءِ، ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ويو ته:

"ادبي ميڙ، مشاعرن ۽ نمايش کي ڪامياب بنائڻ ۾، اميد ٿي ڪجي ته بورڊ کي هر سنڌيءَ جي پيار واري وٽان جوڳي واهر ملندي.

زماني جي زوردار تقاضا آهي ته اسين سنڌي پنهنجي مادري زبان خواه سنڌ جي دستڪاريءَ کي اها ڪا اوچ ڏياريون، جو سنڌيت جو ڏاڪو هند پٽ پيو وڃي". (مهراڻ، جلد 1، نمبر 1)

اسان جي بزرگن جا اهي ارادا ۽ ازم هئا، جن کي نظر ۾ رکي رسالي مهراڻ جي چند صفحن رستي سنڌ جي ثقافت، ٻولي ۽ ادب جي سلسلي ۾ مختلف حوالن سان واڌاري بابت ڪوششن جي شروعات ڪئي وئي.

جامع لغات سنڌي جنهن جي ضرورت سالن کان محسوس ڪئي پئي وئي، جنهن لاءِ اڳ لغات ڪميٽي پڻ جوڙيل هئي جنهن ڪجهه قدر ڪم به ڪيو هو، پر افراتفريءَ واري عالم ان ۾ رولهڙو وجهي ڇڏيو هو. مهراڻ جي پهرين پرچي کان ئي ان سلسلي بابت نون بنيادن، نون ويچارن ۽ سائنسي طريقن سان ڪم جي ابتدا ڪرڻ وارا اهڃاڻ "لڪپڙه" عنوان هيٺ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پاران لکيل طويل علمي خط واري مواد مان ملي ٿو. جنهن تحت ڊاڪٽر صاحب، لغات بابت ڪم ڪندڙ ٽيم اڳيان، پنهنجي مطالعي جي روشنيءَ ۾ لغات جي دائري، طريقي ڪار، اصولِ انتخاب، سنڌي لغت جا سرچشما، انتخاب ڪندڙن لاءِ سنڌ ۽ سنڌي لغت جون خصوصيات بيان ڪري ان جي اهميت کي اجاگر ڪيو، جنهنڪري لغات جي حوالي سان هلندڙ ڪم کي سنوارڻ ۽ سهڻي نموني اڳتي وڌائڻ واري عمل لاءِ راهون هموار ٿيون.

سنڌ شناسي واري حوالي سان پهرين پرچي کان سنڌ جا عجيب نظارا عنوان هيٺ ڪير ٿر جي نظارن جو سير سفر جي روشنيءَ ۾ اکين ڏٺو احوال بيان ڪيو ويو.

سنڌي ادب جي واڌاري واري حوالي سان شروعات کان وٺي ترجمن جي وڏي اهميت پئي رهي آهي ان مقصد کي هٿي وٺرائڻ جي سلسلي ۾ رسالي مهراڻ کي پڻ پهرين ڏينهن کان ڪارگر ذريعي طور استعمال ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ مهراڻ جي پهرين پرچي ۾ "خاص مترجمن جي ڌيان طلب" عنوان سان عالمي سطح جي ڇهن ڪتابن جا نالا ڏيئي، ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ويو ته اهي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائجن، ان ئي اشتهار ۾ ان ڳالهه جو پڻ اظهار ڪيو ويو ته "ٻين ٻولين جا معياري ڪتاب، جيڪي سنڌيءَ ۾ آڻڻ جوڳا آهن، تن جي به هڪ يادداشت بورڊ پاران تيار پئي ٿئي".

ان سلسلي ۾ معياري ترجمن ڪرڻ واري حوالي سان پڻ مهراڻ جي ذريعي صحتمند بنياد رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. جنهن موجب اهو ڪم ڪندڙن کي صلاح ڏني ويئي ته:

"جيڪو به صاحب هن ڏس ۾ طبع آزمائي ڪرڻ چاهي سو اول اول ڪي ٿورڙا پرت کهڙي يا ڪن به ڪتابن جا ترجمو ڪري، نموني طور بورڊ ڏانهن پسنديءَ لاءِ ڏياري موڪلي، وڌيڪ پورهيو

ڪنهن بہ ڪتاب يا ڪتابن جي ترجمي تي بورڊ جي فيصلي بعد ڪري.“

سنڌ جي صوفيائي فڪر ڪان واقف ڪرائڻ واري مقصد سان مختلف صوفي شاعرن جون ايڪڙ ٻيڪڙ ڪافيون پڻ شايع ڪرڻ جو رواج وڌو ويو هو. ڪنهن بہ قوم جي سنوار ۽ سڌار واري عمل ۾ ان قوم ۾ اتفاق ۽ اتحاد هئڻ ضروري آهي ۽ جنهن ماحول ۾ رسالي مهراڻ جي ابتدا ڪئي ويئي ان ۾ اهڙين ڳالهين ڪي وڌيڪ اهميت حاصل هئي، ان ڪري مهراڻ جي پهرين پرچي ۾ ئي باهمي اتحاد جهڙا مضمون شايع ڪري، اتحاد ۽ اتفاق جي سلسلي ۾ قلمي ڪاوش ڪي جاري رکيو ويو.

صحتمند تنقيد واري مقصد سان پهرين پرچي ڪان مارڪيٽ ۾ آيل نون ڪتابن ۾ ڪم آيل ٻولي، مواد ۽ ان جي ادائگي تائين مقصديت واري حوالي سان ”تنقيد“ عنوان هيٺ تعميري تنقيد جي شروعات ڪئي ويئي. جنهن تحت ذڪر ڪيل ڪتابن جو گهرو مطالعو ڪري، اصلاحي واٽ ڏسڻ جي ابتدا ڪيل نظر اچي ٿي. ان ڳالهہ جو اندازو تبصرانگار جي هيٺين جملن مان بخوبي ٿئي ٿو. ڪهاڻين جي مجموعي ريگستاني ڦول پڙهڻ بعد لکي ٿو:

”ڪهاڻين جا سڀ لکندڙ اجا ڳڀرو جوان آهن، ۽ منجهن اسري ڪنهن ڪماليت ڪي رسڻ جا آثار چٽا پيا ڏسجن. ڪٿي ڪٿي رڳا جو ڪو ٿورو نقص، يا ميلو ڊراما جو انگ، يا پرچار جي مقصد ڪري مبالغو نظر اچي ٿو. پر اوائلي تصنيفات ۾ اهڙا نقص عام طرح ٿيندا ئي آهن. سمي پئي، استعمال ۽ فن جي بهتر ڄاڻ سان، اهي سڦر پاڻهي الوپ ٿي ويندا.“ (ص 32)

سنڌي ادب جي مقصديت ۽ معيار واري لحاظ ڪان، ان وقت جا ڪمزور صورتحال هئي ان ۾ فڪر ۽ خيال واري حوالي سان جنهن نوعيت جو سڌارو محسوس ڪيو پئي ويو، ان جو اندازومولوي عبدالڪريم چشتي پاران لکيل ”سنڌي ٻولي“ عنوان واري مضمون مان بخوبي ٿئي ٿو. مولوي صاحب سنڌ جي ماضي وارن صوفي بزرگن جي ڪلام جو ذڪر ڪندي، لکي ٿو:

”سنڌ جي رهندڙن جي خيال ۽ جذبن ڪي، محاورن ۽ اصطلاحن ڪي، ريتن ۽ رسمن ڪي، اوهان شاهہ جي ڪلام ۾ ڏسو. شاهہ ڪان پوءِ سچل، روحل، دلپت، سامي ۽ ٻيا گهڻا ئي صاحبِ سخن ۽ اهلِ ڪمال سنڌ ۾ ٿي گذريا آهن، جي پنهنجي ڪلام ۾ اسان ڪي سنڌ جي ماضيءَ جو نقشو ۽ ڪيفيت ڏيکاري رهيا آهن. نہ رڳو هنن ۽ اهڙن ٻين نظم گو بزرگن تي اسان ناز ڪري سگهون ٿا، پر سنڌ جي ماضيءَ ۾ اسان ڪي اهلِ قلم ۽ اهلِ سخن نثر نويس بہ ججها ٿا ڏسڻ ۾ اچن“

سنڌ جي صوفي شاعرن جو اهڙي ريت حوالو ڏيڻ ڪان پوءِ مولوي صاحب بعد وارن شاعرن جي انداز بيان ۽ لفظي رنگينين ۾ گرفتار ٿي وصل، وصال ۽ صنم لاءِ فرضي تشبيهن ۽ اشتهارن استعمال ڪرڻ واري انداز تي تنقيد ڪندي آخر ۾ لکندڙن ڪي مخاطب ٿيندي لکي ٿو:

”اڄ ضرورت آهي تہ نظم خواهہ نثر، قلم خواهہ ڪلام، تحرير خواهہ تقرير، علم خواه عقل قوم جي زندگي سنوارڻ ۽ بهتر بنائڻ ۾ صرف ڪيا وڃن. سڀ سعيا ۽ جهد قوم جي جوڙ جڪ ۽ سڌاري جي لاءِ وقف ڪيا وڃن. ٻوليءَ ڪي بهترين اوج تي رسايو وڃي. ساهتيہ ۽ ادب جي عملي ۽ نتيجا خيز شيوا ۽ خدمت ڪئي وڃي. انقلاب پيدا ڪندڙ شعر ۽ انقلاب آڻيندڙ لٽريچر لکيو وڃي تہ جيئن قوم جي مستقبل تي سنو اثر پوي.“ (چشتي، 1946ع، ص 18)

مهراڻ جيڪو سڄوري سنڌوءَ جو ٻيو نالو آهي، ان جي اجراءَ ڪان اڳ ”سنڌوءَ“ جي سري سان هڪ معياري رسالو اڳ ئي ميدان ۾ موجود هو، جيڪو معيار تائين مقدار واري حوالي سان اعليٰ درجي جو معياري رسالو شمار ٿيندو هو. انڪري مهراڻ جي شروع ڪرڻ وقت مواد جي چونڊ بابت ساڳيو ئي سنڌوءَ وارو انداز اختيار ڪيو ويو. سنڌوءَ وار ي طريقيڪار موجب مکيہ صفحا مضمونن لاءِ وقف هوندا هئا، البت نموني طور هڪ بہ ڪهاڻي پڻ

هن پرچي کان رسالي ۾ ڪهاڻي ۽ جديد شاعري پڻ نموني طور ڏيڻ شروع ڪئي وئي.

مهراڻ جو ٽيون پرچو ٽن مهينن بعد مئي، جون، جولاءِ 1946ع جي نمبر 3- 4، 5 طور نڪتو. جيڪو ڊبل ڪرائون سائيز ۾ 80 صفحن تي مشتمل هو. هن پرچي ۾ اڳ وارن هلندڙ سلسلن جهڙوڪ: تاريخ، سير سفر، صوفياڻي ۽ جديد شاعري ( چند شعر) جهڙن سلسلن کانسواءِ، شاهه صاحب ۽ صوفي ڪبير جي شاعري ۽ فڪر بابت مواد ڏنو ويو. ان کان علاوه صلاحڪار بورڊ پاران نثر ڪهڙو هئڻ گهرجي عنوان هيٺ 28 سيپٽمبر 1944 تي ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ سڏايل ميڙاڪي جي تفصيلي رپورٽ پڻ پيش ٿيل آهي، جيڪا دراصل سنڌ نثر کي سمجهڻ ۽ بهتر انداز ۾ لکڻ جي سلسلي ۾ رهنمائي ڪندڙ مواد پيش ڪري ٿي. ان ۾ سنڌي ادب جي صلاحڪار بورڊ جي سيڪريٽري پاران چيل هيٺيون ڳالهيون قابل ستائش آهن.

"سنڌي زبان جي نثر تي ڪا به چوڪسي نه ٿي رکي وڃي جنهن لئي مان لٺ ڀڳي سو ڪنهن نه ڪنهن ڀهر جو مصنف ٿيو وينو آهي. ادب جو وڏو حصو چاڪاڻ ته نثر جو آهي، تنهن ڪري ڪنهن به زبان جي ادب جو ٺهڻ يا ڊهڻ گهڻي ڀاڱي نثر جي پاڪيزگي يا آلودگي تي منحصر آهي. جيڪڏهن قوم جو تخيل پاڪ نه آهي ته بي ڪا به وصف اهڙي قوم کي بلند نه ٿي ڪري سگهي. چاڪاڻ ته خيال جو ظاهر ڪرڻ نثر جي وسيلي ٿئي ٿو، تنهنڪري هن چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي ته قوم جي ترقي يا تنزل سندس نثر مان معلوم ٿي سگهي ٿو" (اداره، 19، ص 20)

اهي هيا اسان جي بزرگن جا ارادا جن جي حاصلات لاءِ مهراڻ جهڙي رسالي جو معياري طور نڪرڻ ضروري ڄاتو پئي ويو انڪري محترم عثمان علي انصاري صاحب اڳتي هلي لکيو:

"زبان کي پاڪ رکڻ لاءِ، ادب کي دلچسپ بنائڻ لاءِ، ضروري آهي جو ادبي بورڊ طرفان هڪ ماهوار رسالو نڪرندو رهي، جنهن ۾ ڪتابي، اخباري نثر تي گرفت ٿيندي رهي، ۽ نوجوان مصنفن کي وقت بوقت رهبري ملندي رهي، جيئن هو پنهنجي لکڻ جي طرز کي نه فقط صحي ڪندا رهن، بلڪ دلچسپ به بنائيندا رهن." (اداره، 1946ع، ص 21)

اهي هيون ابتدائي ڪوشِشون ۽ انهن جي پورائي لاءِ، مهراڻ جهڙي معياري رسالي جي ضرورت لاءِ پر اميد خواهشون، جنهن جو ورهاڱو ٽيڻ سان بنياد وڌو ويو هو. قلم جو علم ۽ معلم سان نه رڳو سڌي طرح واسطو آهي، پر انهن جي اعليٰ محنت ۽ مشقت سان متعلم جي روپ ۾ جا حاصلات ٿئي ٿي ان جي اهميت جي مدنظر شيخ ڪريم بخش جو 'علم، معلم، متعلم' عنوان سان پُر مغز مضمون ڏنو ويو آهي جنهن ۾ 'علم، معلم ۽ متعلم' جي اهميت ۽ انهن جي هڪ ٻئي سان تعلق کي اعليٰ انداز ۾ اجاگر ڪيو ويو آهي.

اهي جيئن ته نئين حڪمرانيءَ جا شروعاتي ڏينهن هيا، نئين جوڙجڪ پئي ٿي، اهڙي ماحول ۾ مهراڻ ايڊيٽوريل بورڊ وارن پنهنجو موقف پيش ڪرڻ ۽ عام توڙي خاص کي حاڪم ۽ حڪمرانيءَ وارن حقيقتن کان واقف ڪرڻ لاءِ "حڪومت ڇا کي ٿو چئجي؟" عنوان هيٺ اداري پاران ليک پيش ڪيو، جنهن ۾ حڪومت جي بنيادي مقصد طرف اشارو ڪندي ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ويو ته: "ملڪ جا سياسي رهبر ملڪ جا قانون اهڙا تيار ڪن جيئن:

(1) عام کي سلامتي نصيب ٿئي.
(2) عام جي حياتي ۾ رنگيني پيدا ٿئي.
(3) عام مان احساس ڪمتري Inferiority Complex نڪري وڃي." (اداره 1946ع، ص 72)

هن پرچي ۾ به فڪشن واري حوالي سان ساڳيو انداز اختيار ڪيو ويو. يعنيٰ قديم ۽ جديد شاعريءَ سان گڏ ڪي نصيحت ڀريا ٽڪرا ۽ هڪ به افسانو نموني طور ڏنا ويا.

مهراڻ جو چوٿون پرچو، پڻ ٽه ماهي ٿي نڪتو، جيڪو نمبر 6، 7، 8 يعنيٰ آگسٽ کان آڪٽوبر تائين هو. هن پرچي کي معيار توڙي مقدار جي لحاظ کان وڌيڪ بهتر ڪيو ويو هو. هي پرچو 60 صفحن تي مشتمل هو، جنهن ۾ اڳين پرچن ۾

شروع ڪيل سلسلن جهڙوڪ لغت بابت مواد، دهقاني شاعريءَ وارو مواد، ننڍا ننڍا اخلاقي ۽ اصلاحي قصا، سير سفر بابت مواد ڪانسواءِ نوان طور سنڌ جي خالص شعري صنف ڪافيءَ بابت تحقيقي ليک پڻ ڏنو ويو. سنڌي ٻوليءَ ۾ معياري نثر کي عام ڪرڻ مهراڻ رسالي جي بنيادي مقصدن مان هڪ هو، ان بابت ابتدائي پرچن ۾ ليک ڏنا ويا هئا. هن پرچي ۾ به ان بابت خوبچند ايسرداس جڳتاڻيءَ جو معياري مضمون ڏنو ويو. هن پرچي کان ڪاڪي ڀيرو مل پاران اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهائجندڙ ڪتابن ۾ اختيار ڪيل غلط ٻوليءَ بابت تحقيقي ليک لکڻ جي شروعات ڪئي ويئي. هن پرچي ۾ روچيرام گنگارام جو مختصر ليک "مهراڻ جو منهنجي من مٿي اثر" ۽ احمد خان سنائي جو "مهراڻ جو مهورت" سري هيٺ لکيل ليک، رسالي مهراڻ جي اهميت ۽ اعليٰ مقام ۽ معاشري کي ان جي ضرورت کي اجاگر ڪرڻ جي سلسلي ۾ پڙهندڙن جو توجهه ڇڪائين ٿا.

ان وقت واري تفرقي بازي پکيڙيندڙ ماحول ۾ سنڌي سماج کي ايڪتا ۽ اتحاد جي وڏي ضرورت هئي، ان ڳالهه جي اهميت کي نظر ۾رکندي شري سڏاڻي لکيو:

"مان مهراڻ جي ليکڪن کي سپُن سان انهيءَ ڪري ٿو پيئيان، جو لکندڙن جي لياقت ڪري، هر هڪ ليک ساريءَ سنڌ کي ڪنهن نه ڪنهن طرح فيض رسائي سگهي ٿو. پر تڏهين به انهن موتين جي ماڳ ۾ ٻن ڳالهين کي، ٻين ڳالهين کان جان تان وڌيڪ وزن ڏنل آهي: (1) هندو مسلم ايڪتا، (2) سنڌيءَ ٻوليءَ جو سڌارو واڌارو." (سڏاڻي، 1946ع، ص 38)

ٻوليءَ جي بگاڙ تي ڪنٽرول ڪري، ان کي جوڳو مقام ڏيارڻ ۽ تفرقيبازيءَ کان پاسو ڪندي اتحاد ۽ اتفاق ڪيئن پيدا ٿئي، ان سلسلي ۾ اڳ ڪيل ڪوششن طرف اشارو ڪندي وڌيڪ لکيو ويو:

"اميد ته جيئن انهن پرچن (مهراڻ جا اڳ وارا پرچا) ۾ آيل آهي، تيئن جي تتي تي لکندڙن جو ڏڪ مٿان ڏڪ لڳندو ايندو ته هندو مسلم ايڪتا وارو سخت لوهه ضرور نيچي آبدار رڪ ٿي پوندو، ۽ سنڌيءَ جو ادب به اوج پائيندو رهندو." (سڏاڻي، 1946ع، ص 38)

احمد خان سنائي، رسالي مهراڻ وارن اڳ شايع ٿيل پرچن جي مطالعي بعد رسالي جي اهميت ۽ ضرورت بابت هن ريت رقم طراز آهي "سنڌي علم ادب کي اجارڻ مهراڻ جو مهورت نيڪ فال آهي. قديم سنڌي جو گم گشته ذخيرو جو اسان جي سستيءَ سبب سڙي ويو هو، ۽ سنڌيءَ سلاست، سادگي ۽ سونهن لاءِ جو سڪي رهيا آهيون، سا خوشي مهراڻ جي مدد سان ماڻيندا سين." (سنائي، 1946ع، ص 39)

رسالي مهراڻ جو پنجون پرچو 8 ۽ 9- آڪٽوبر- نومبر 1946ع ۾ شايع ٿيو. 60 صفحن تي مشتمل هي پرچو به ماهي هو. هي پهريون پرچو آهي، جنهن ۾ مهراڻ ۾ آيل مواد جي فهرست ڏني ويئي. ان کان اڳ ڪنهن به پرچي ۾ شامل مواد جي فهرست ئي آيل ڪونهي. مواد جي لحاظ کان ساڳيو طريقي ڪار روا رکيو ويو. ان ڪانسواءِ هن پرچي ۾ به نوان سلسلا شروع ڪيا ويا. پهريون حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي بابت، ٻيو سنڌي ادب جو سرموڙ عالم مرزا قليچ بيگ جي سنڌي ادب جي صلاحڪار بورڊ طرفان ترتيب وار جنوري 46 ۽ فيبروري 1946ع تي ٿياسافيڪل هال ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ملهايل پروگرامن جو اکين ڏٺو احوال ۽ ان ۾ پڙهيل مواد تي مشتمل رپورٽون شامل ڪيون ويون آهن.

اهڙي ريت "سنڌيءَ ۾ لکندڙن ۽ مترجمن جي رهنمائي لاءِ" عنوان هيٺ پڻ ڪيترائي مفيد مشورا پيش ڪيا ويا، جن تي عمل پيرا ٿيڻ سان نه رڳو ان دور ۾ پر اڄ به سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو شاندار نموني سڌارو ٿي سگهي ٿو. اداري پاران لکندڙن ۽ ترجمو ڪندڙن لاءِ اهي مکيه نڪتا هن ريت بيان ٿيل آهن.

1: هي ڳالهه ڌيان ۾ رکڻي آهي ته هر ڪنهن تصنيف ۾ جيتري قدر ٿي سگهي اوتري قدر پنهنجي صوبي جي برتري ۽ بُلندي جو پهلو نمايان رهي.

2: ڪنهن به مضمون تي ڪتاب لکيو وڃي ته ان کان اول ضروري آهي ته ان مضمون سان لاڳاپو رکندڙ جيڪا به معلومات، يا مواد يا ڪتاب ميسر ٿي سگهي، تنهن سڀ جو بخوبي مطالعو ڪيو وڃي، جيئن انهيءَ ڪتاب ۾ ڪي به اهڙيون خاميون نه رهجي وڃن، جن ڪارڻ ان ڪتاب جي معياري بنجڻ ۾ ڪا رڪاوٽ پيدا ٿئي.

ان باري ۾، جيڪڏهن، ڪنهن به مصنف يا مولف کي ڪا به صلاح يا مشورو وٺڻو هجي ته بورڊ جي سيڪريٽريءَ سان لکپڙه ڪري سگهي ٿو. بورڊ جو سيڪريٽري هر وقت هر قسم جي رهنمائي ڪرڻ ۽ مدد ڏيڻ لاءِ تيار آهي.

3: ڪتاب ۾ اهڙي ڪابہ ڳالهه لکڻ مناسب نه آهي، جنهن جو اثر هي نڪري ته ڪنهن به خاص قوم، فرقي يا سوسائٽيءَ جي ڪا دل آزاري ٿئي. انهيءَ جي معنيٰ اها نه آهي ته ادبي تنقيد نه ٿئي، مگر اها تنقيد هجي نه تنليل، اها تعميري يعني ناه جوڙ واري هجي، ۽ نه تخريبي يعنيٰ پيچ ڊاهه واري.

4: سنڌ جو ملڪ روحانيت ۽ تصوف جو گهر آهي. اهڙي ملڪ جي زبان ۾ فحش نگاري بلڪل نه ٿي ٺهي، چو ته اها نه اسان جي ملڪ، ۽ نه اسان جي زبان جي شان جي مطابق آهي“ (ص 60)

ٽه ماهي مهراڻ جو ڊبل ڪرائون سائيز ۾ پهرين دور جو ڇهون ۽ آخري پرچو نمبر 10، 11، 12، ڊسمبر 1946ع ۽ جنوري، فيبروري 1947 وارن ٽن مهينن تي مشتمل آهي. اهڙيءَ طرح ان مرحلي تي هڪ پيرو وري مهراڻ ٽه ماهي ٿي نڪتو. 80 صفحن تي مشتمل هي پرچو ڊبل ڪالم ۽ سنگل ڪالم طور ٻنهي نمونن واري مواد تي مشتمل آهي. هن پرچي ۾ بہ اڳ وارن پرچن واري جيان مواد جي چونڊ ۾ ساڳيو طريقو، يعنيٰ ادب جي سڌاري، ٻوليءَ جي واڌاري، لوڪ ادب بابت مواد، سير سفر ۽ فڪشن کي مناسب حصي طور پيش ڪرڻ، وارن سلسلن کي اڳتي وڌائڻ سان گڏو گڏ هڪ وڏيڪ سلسلو ترجمو ٿيل ڪتاب کي شايع ڪرڻ وارو شروع ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ ديوانو نالي مترجم پاران Henrikibsen جي ڪتاب Gengangare جي انگريزي ترجمي Ghosts جو ويهن صفحن تي مشتمل مواد پڙهندڙن لاءِ پيش ڪيو ويو آهي.

هن پرچي ۾ سنڌي ادب جي صلاحڪار بورڊ طرفان مختلف ليکڪن جي ڪتابن تي ڏنل انعامي رقم جو اعلان ڪندي ان ڳالهه جو پڻ اظهار ڪيو ويو آهي ته:

”قلمي نسخا (انعام حاصل ڪيل ڪتابن کانسواءِ) ٻيا به آيل هئا، ۾ انهن مان ڪي انهن صاحبن پيش ڪيا هئا، جن کي اڳئين پيري قلمي نسخن تي بورڊ وٽان انعام عطا ٿيو هو، ۾ بورڊ جي شرطن پٽاندر انهن اهي قلمي نسخا ڇپائي پڌرا نه ڪيا هئا. ڪو به صاحب جيڪڏهن اها اميد رکي ٿو ته بورڊ وٽان ڪيس ڪو انعام جڙي، ته ايترو ته بورڊ به لهڻو، جو ان ڏس ۾ بورڊ جي وڌل شرطن جي ڀڃڪڙي نه ٿئي.“ (ص 5)

1946ع کان ڊبل ڪرائون سائيز ۾ شايع ٿيندڙ رسالي ٽه ماهي مهراڻ جو هي آخري پرچو هو. جنهن کي هتي اسين ”ٽِماهي مهراڻ: اوائلي دور (1946ع)“ طور ياد ڪيون ٿا. ان دور جي جنوري 1946ع کان فيبروري 1947 تائين شايع ٿيل ڇهن پرچن واري مواد تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ان ابتدائي دور ۾ مجموعي طور هيٺ ذڪر ڪيل نڪتن طرف ڌيان ڏنو ويو.

1: نفرت ۽ نفاق ۾ سڌارو آڻڻ لاءِ ڪوشش.

2: سنڌ جي تاريخي مواد کي اجاگر ڪري، ان جي ميڙ ۽ سهيڙ لاءِ ڪوشش.

3: سنڌي شاعري، خاص طور تي شاعريءَ جي نج ۽ خالص سنڌي صنف ڪافيءَ کي جيارڻ جا جتن.

4: سنڌ اندر گهر ٿيڻ جي قريب فارسي شاعريءَ واري ٽڙيل پکڙيل مواد هٿ ڪرڻ واري مهر جُوياڻ ڪوشش ڪي هتي ڏيڻ.رسالي جو اڪثر مواد "اداري" پاران شايع ٿيل آهي جنهن جو اهو مطلب آهي ته، اهو مواد ايڊيٽوريل بورڊ جي گڏيل مشاورت ۽ محنت سان تيار ٿيندو هوندو. ان وقت واري ايڊيٽوريل بورڊ ۾ هيٺيان نامور عالم شامل هئا.

1 مسٽرعثمان علي انصاري، 2 مولوي دين محمد وفائي، 3 ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي، 4 مسٽر لال چند امر ڏنو مل جڳتياڻي

ان پايي وارن عالمن تي مشتمل ايڊيٽوريل بورڊ جو هڪ ميمبر مسٽر عثمان علي انصاري، سنڌي ادب جي صلاحڪار بورڊ جو سيڪريٽري پڻ هو.

مهراڻ جي مڙني پرچن تي ٽائيٽل سادو پر ڏاڍي جاذبيت وارو ڏنو ويو آهي جنهن ۾ سڄي سر ورق تي سنڌ جي نقشي جو اسڪيچ ڏنل آهي ۽ ان ۾ خاص ماڳ مڪان جهڙوڪ: سکر بئراج، موهن جو دڙو، حيدرآباد، ڪراچي، ميرپورخاص ۽ عمر ڪوٽ جا آثار قديمہ نمايان ٿيل آهن ۽ آخر ۾ هيٺان شاهه صاحب جو هي پرازم شعر ڏنل آهي.

گهڙياسي چڙهيا ايئن اٿيئي،
مئي متي مهراڻ ۾ پٽ ٽپو ڏيئي.
(شاهه)

ان مايدار شعر جي آخري سٽ آهي:

تہ ميهار مليئي، سنهڙو سيڻاهه سين.
(شاهه)

شاهه صاحب جو مٺيون شعر همت، حوصلي، مستقل مزاجي ۽ مسلسل محنت جو سبق آموز درس ڏيندڙ آهي. اڄ اسين جڏهن 67 سالن کان پوءِ ٽماهي مهراڻ جي اوائلي اشاعت ۽ ان جي ارتقا لاءِ ڪيل ڪوشش جي ڪٿا ڪريون ٿا، تڏهن ان وقت وارن سنڌي ادب جي هڏڏوڪي عالمن، اديبن، وينجهارن جي مستقل مزاجيءَ سان ڪيل هن پورهيي کي داد ڏيڻ کان رهي نٿو سگهجي. جن ڪشالا ڪري، موج پري مهراڻ واري تسلسل کي برقرار رکڻ ۽ معيار توڙي مقدار واري حوالي سان سنڌي ادب جي جهولي ڀرڻ جي سلسلي ۾ همت ڪري هڙان وڙان سنڌي ادب جي ٻيڙي پار اُڪاري ورتي.

## مددي مواد


(1) مهراڻ ڪراچي جلد 1، نمبر 1، جنوري 1946ع
(2) مهراڻ ڪراچي جلد 1، نمبر 2، اپريل 1946ع
(3) مهراڻ ڪراچي جلد 1، نمبر 3، 4، 5، مئي-جولاءِ 1946ع
(4) مهراڻ ڪراچي جلد 1، نمبر 6، 7، 8، آگسٽ-آڪٽوبر 1946ع
(5) مهراڻ ڪراچي جلد 1، نمبر 8، 9، آڪٽوبر ۽ نومبر 1946ع
(6) مهراڻ ڪراچي جلد 1، نمبر 10، 11، 12، ڊسمبر 1946ع، جنوري ۽ فيبروري 1947ع
(7) بولچند وسومل راجپال، مهتممي نوٽ، ماهوار سنڌو، شڪارپور فيبروري 1935ع
(8) سيوهاڻي، فتح محمد حڪيم، سنڌيءَ ۾ نظم ۽ نثر، ماهوار سنڌو شڪارپور جنوري 1936ع
(9) نماڻو، اي سنڌ جا مسلمان! (۾) نئين سنڌ ۽ ٻيا مضمون، گڏ ڪندڙ: بولچند وسومل راجپال 1940ع



ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو

# شمس العلماءُ مرزا مخلص علي علوي
# سنڌ ۾ سنڌي ۽ فارسي صحافت جو باني

سنڌي صحافت جو باني مرزا مخلص علي علوي سن 1795ع ۾ تولد ٿيو، سندس والد جو نالو مرزا سلطان محمود هو، جو علوي سادات خاندان مان هو. سندس اصل وطن قزوين (اصفهان) هو، جو 1801ع ۾ ڇڏي دهلي ۾ آيو. هن جي وطن ڇڏڻ جو اصل ڪارڻ اهو هو ته ايران ۾ ان وقت جي حاڪمن پاران اثنا عشريه شيعه حضرات لاءِ سخت گير اقدامات اختيار پئي ڪيا ويا، جنهن ڪري ان وقت جي عالمن ۽ مجتهدين ايران کي ڇڏي عراق ۽ هندستان ڏانهن رُخ ڪيو.

مرزا سلطان محمود علوي هڪ عابد، زاهد، متقي ۽ متوڪل شخصيت جو مالڪ هو. ڪجهه ڏينهن ۾ دهلي ڇڏي اچي ملتان ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. ڪي چند ڏينهن اندر بهاولپور جي نواب صادق محمد خان ثاني ملاقات جي دعوت ڏيئي ڪيس پاڻ وٽ گهرايو ۽ مستقل رهڻ جي آڇ ڪئي. مرزا سلطان محمود اتي بي قلبي قرار ڪونه پاتو ۽ واپس ملتان موٽي مستقل مڪاني اختيار ڪئي. مختصر مدت کان پوءِ وفات ڪري ويو. اتي ئي ڪيس مٽيءَ پنوڙو نصيب ٿيو. هڪ اندازي مطابق اهو هجرت ۽ سڪونت وارو سمورو معاملو 1801ع اندر ئي پيش آيو. سندس وفات وقت مرزا مخلص علي علوي ڇهن ورهين جو هو.

معلوم ٿئي ٿو ته مرزا مخلص علي علوي جوانيءَ جي ابتدائي ايام ۾ ملتان ڇڏي شڪارپور ڏانهن منهن ڪيو ۽ اتي ئي اچي رهائش اختيار ڪئي. شڪارپور ميونسپل جي پراڻي رڪارڊ ۾ ڄاڻايل آهي ته سندس رهائش هاٿيدر جي پاهران هئي. جنهن مان اهو بخوبي ظاهر ٿئي ٿو ته شهر جي قلعي جي ديوار انگريزن جي دور جي شروعات تائين قائم رهڻ کان پوءِ انگريزن ان کي مسمار ڪرائي شهر جي ايراضي وڌائي چانوٽي ناهڻ لاءِ زمين هموار ڪرائي ۽ صدر وارو علائقو پڻ جڙي راس ٿيو. ان ڪري هاٿيدر جي پاهران جايون جوڙايون پئي ويون. ان کان اڳ پڻ شهر جي قلعي جي ديوار کان ٻاهر افغانستان کان آيل اميرن ڪڙيون (ڪڙي نواب خان ۽ ڪڙي عطا محمد خان) قائم ڪري رهائش اختيار ڪئي، پر اهي هاٿيدر ۽ سويدر کان ڪجهه فاصلي تي آهن، بهرحال مرزا مخلص علي علوي انگريزن جي ابتدائي ايام ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيل ٿو محسوس ٿئي ۽ اهو پڻ گمان ٿئي ٿو ته هن پنهنجي تعليم ملتان ۾ ئي حاصل ڪري، پوءِ ان کي خيرآباد چيو هوندو.

سنڌ ۾ برطانوي راڄ جي ابتدا (17-فيبروري 1843ع) کان پوءِ چارلس نيپيئر 1844ع ۾ ”ڪراچي ايڊورٽائيزر پريس“ جي نالي سان هڪ ڇاپخانو قائم ڪري حيدرآباد جي ڪليڪٽر راڪ بورن ۽ رچرڊ برٽن جي نگرانيءَ ۾ ”ڪراچي ايڊورٽائيزر“ (Kurrachee Advertiser) جي نالي سان انگريزي اخبار جاري ڪئي، جنهن ۾ چارلس نيپيئر جي ڪارڪردگيءَ ۽ واقعن تي مبني ۽ مشتمل خبرون شايع ڪيون وينديون هيون.

سن 1853ع ۾ جارج بيز ”سنڌين پريس“ (Sindhian Press) جي نالي سان ڇاپخانو

قائم ڪيو جنهن مان اي.ڊبليو اسٽريچ (جنهن جي نالي سان ڪراچيءَ جو اسٽريچن روڊ منسوب آهي) جي ايڊيٽريءَ ۾ ”سنڌين“ نالي انگريزي اخبار جاري ڪئي، جا هفتي ۾ ٻه ڀيرا شايع ٿيندي هئي. اهڙيءَ طرح ٽين انگريزي اخبار 6- جون 1854ع تي ”سنڌ قاصد“ شايع ٿي، جا اڱاري ۽ جمعي تي پڌري ٿيندي هئي.

سنڌ ۾ پهريون خانگي ڇاپخانو سن 1855ع ۾ ڪراچيءَ ۾ مرزا مخلص علي علوي ”مفرح القلوب“ جي نالي سان قائم ڪيو ۽ انهيءَ ڇاپخاني مان ساڳي ئي سال ”مفرح القلوب“ جي نالي سان هر آچر تي هفتيوار اخبار جاري ڪئي. فارسي ۾ شايع ٿيندڙ سنڌ جي هن پهرين اخبار کي مولانا غلام محمد گرامي دنيا ۾ فارسي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيل پهرين اخبار سڏيو آهي (ٽماهي مهراڻ 1964/1ع، ص 172) مگر 13 سال اڳ ڪلڪتي مان راجا رام موهن راءِ جي ايڊيٽريءَ ۾ 20- اپريل 1842ع تي شايع ٿيل فارسي اخبار ”مراة الاخبار“ اڳاٽي آهي. ان کان علاوه ٻي فارسي اخبار ”جامِ جهان نما“ ٻڻ مئي 1923ع کان ڪلڪتي مان ئي منشي سدا سنگهه جاري ڪئي. بهرحال ”مفرح القلوب“ جهڙي مقبوليت ٻي ڪنهن به فارسي اخبار کي حاصل ٿيل ڪونه هئي ۽ پورا پنجاهه سال (1904ع تائين) بنا ناغي ڪراچيءَ ۽ سکر مان جاري رهي.

تعليم کاتي پاران شايع ٿيندڙ هفتيوار اخبار ”فوائد الاخبار“ 25- مئي 1858ع کان فارسي ۽ سنڌي زبانن ۾ پڌري ٿي. هيءَ اخبار گورنمينٽ پريس ۾ ڇپبي هئي ۽ منجهس جراحت، سائنس ۽ تاريخ متعلق مواد ڇپيو هو. باضابطه ان جي ايڊيٽريءَ جا فرائض ڪير سرانجام ڏيندو هو سو معلوم ڪونه پيو ٿئي. ٿي سگهي ٿو ته اها سرڪاري اخبار هئڻ ڪري ان جو ڪو مخصوص ايڊيٽر مقرر ئي ڪونه ٿيو هجي. البت 15- اپريل 1858ع تي ميجر گولڊ سمڊ جي صحيح سان فوائد اخبار بابت انگريزي ٻولي ۾ نوٽيس جاري ٿيو. (ٽماهي مهراڻ 1994/3ع، ص 96) اهڙي طرح سن 1860ع کان اهڙي ئي ٻه زباني هفتيوار اخبار ”مطلع خورشيد“ جي نالي سان مرزا مخلص علي علويءَ سکر مان شايع ڪئي، جا فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ وڏي آب تاب سان پڌري ٿيندي هئي.

”مطلع خورشيد“ ۽ ”فوائد الاخبار“ جي اهميت ۽ افاديت جي لحاظ کان تقابلي جائزو ونجي ٿو ته، سنڌي صحافت جي ميدان ۾ بنيادي اهميت ”فوائد الاخبار“ کي حاصل آهي، جنهن سنڌي زبان ۾ اخبار نويسيءَ لاءِ گنجائش ضرور پيدا ڪئي. اها فقط تعليم کاتي جي ترجمان هئي ۽ منجهس محدود موضوع شامل ٿيندا هئا، جڏهن ته ”مطلع خورشيد“ سڄوسنئون سماج جي ترجمان هئي ۽ باضابطه صحافتي قاعدن تحت اشاعت هيٺ ايندي هئي. جنهن ڪري ڪيترن صحافتي نقادن ان کي غير سرڪاري ۽ خانگي شعبي جي پهرين سنڌي اخبار جي حيثيت ڏيئي، سماج جي ترجمان ۽ سنڌي ٻوليءَ جي گهڻ طرفي لساني استعمال ۽ لغوي ڀنڊار جي وسعت ڀري مخزن سڏيو آهي. ان جي خبرن جي نوعيت به باضابطه اخبار واري آهي، جڏهن ته ”فوائد الاخبار“ ننڍن ۽ وڏن مضمونن جي شڪل ۾ پڌري ٿيندي هئي. تاريخ جي اها ستم ظريفي چئجي ته ڏيهي زبانن ۾ سنڌ مان نڪرندڙ سڀ کان اڳاٽي اخبار جو هڪ به پرچو ملي نه ٿو سگهي ۽ نه وري اها خبر پئجي سگهي آهي ته اها اخبار ڪيترو وقت جاري رهي. فوائد الاخبار سنئي ڪاميابي نه ماڻي ۽ نه ڪو گهڻو وقت جالي سگهي. (1994/3ع، ص 97) ان بنياد تي اسان ”مطلع خورشيد“ کي سنڌيءَ جي پهرين باضابطه اخبار چئي سگهون ٿا ۽ مرزا مخلص علي علويءَ کي سنڌ ۾ فارسي ۽ سنڌي صحافت جو باني مباني سمجهي سندس تاريخي ڪوشش کي ساراهيندي، اهو واضح ڪرڻ کان ڪوبه عار ڪونه ٿا ڪريون ته، بيشڪ مرزا مخلص علي علويءَ جون سنڌ جي تاريخ ۾ ڪيل صحافتي خدمتون ناقابلِ فراموش آهن. پاڻ جڏهن 1860ع ۾ سکر مان ”مطلع

دیده را از دیدنِ اغیار بستم در قفس
ذوقِ دیدارِ رخِ جانان چنا محوم نمود
این نمید ان که رستم یا که هستم در قفس
یاد بزمِ همصفیران بردلم ناخن زد است
باده؛ غم 'مخلصا' تاکی پرستم در قفس
(ص 552)

مرزا مخلص علي 'مخلص' پنهنجي همعصر دور ۾ سنڌ جي شاعرن ۾ پنهنجو چڱو مقام جوڙي ورتو. علمي، ادبي ۽ فني قابليت سندس سڀ ڪان وڏي سڃاڻپ هئي، وري جو "مفرح القلوب" ۽ "مطلع خورشيد" جاري ڪيائين ته هيڪاندو چڻ سخن جو ميدان سنواري، سيني کي پنهنجي اظهار جي اشاعت جو موقعو فراهم ڪيائين. جيتوڻيڪ هو سٺ سالن جي عمر ۾ صحافت جي ميدان ۾ آيو ۽ جوانيءَ جو زمانو لنگهي پيريءَ ۾ پير پائي چڪو هو. تڏهن به ٻاويهه سال سندس جدوجهد جو عرصو ائين پيو ڏِک ڏئي گويا ڪو نوجوان پيو پنهنجي جيءَ جنجهوڙي، پنهنجي اولاد جي تعليم ۽ تربيت ڏانهن به توجهه ڏنائين. ڪيس چار فرزند هئا. چارئي ناماچار حاصل ڪري چڪا. پهريون مرزا محمد شفيع، ٻيو مرزا محمد مقيم، ٽيون مرزا محمد صادق ۽ چوٿون مرزا محمد جعفر.

مرزا محمد شفيع پنهنجي پيءُ سان گڏ اخبارن "مفرح القلوب" ۽ "مطلع خورشيد" جو ايڊيٽر به رهيو ته سنيالينڊڙ به. بعد ۾ ٻئي اخبارون سکر مان شايع ڪندو هو. مرزا محمد صادق ايران جو قونصل هو. شهنشاهه ايران پاران کيس "مقربِ خاقان"جو خطاب به عطا ٿيل هو. مرزا محمد جعفر، ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ عربي ۽ فارسيءَ جو پروفيسر هو ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ جو فيلو ۽ ممتحن پڻ رهيو. مرزا محمد مقيم ريلوي ۾ هو ۽ مرزا قليچ بيگ جو دوست ۽ هم سبق به رهيو. مرزا مخلص علي علوي ٻياسي سال زندگي ماڻي 12 رمضان 1294هه مطابق 20- سيپٽمبر 1877ع تي شڪارپور ۾ وفات ڪري ويو. شڪارپور جي ميونسپل فوتي رجسٽر 1877ع جي 536 نمبر داخلا ۾ سندس وفات 14- ڊسمبر 1877ع ڏيکاريل آهي، جا هجري تاريخ سان مطابقت نه ٿي رکي، تنهنڪري اها غلط ثابت ٿي آهي. مخدوم خليل ٺٽوي سندس وفات تي هيٺين قطع تاريخ قلمبند ڪئي آهي.

خادم مرسل و علی مخلص سوی خلدِ برین روان باشد
مخلصِ اهل بیت پیغمبر حوش بجناب جاودان باشد
آه کز انتقال این مخلص اشک از دیده ها، روان باشد
بی سرِ افتکار خوان سالش
جایء مخلص علی جنان باشد
(1294هه)

محمد تقي تائب به سندس وفات جو سال "ببهشتِ برین بود جایش" مان ڪڍي هيٺين قطع تاريخ رقم ڪئي. 1294.

آه از جور چرخ کج رفتار وز جفا هایء بی محابایش
که چن رادهد بباد خزان آتش اندر زند بگلهایش
داغ حسرت نهاد از هجرت ابدبر دل احبایش
یعنی آن مخلص علی که عیان بود حب علی زسیمایش
خواست سال وفات او 'تائب' از دلِ زار ناشکیبایش
گفت هاتف بگوکه بی سرِ جوذ
ببهشتِ برین بود جایش
(1294هه)

سنڌ جي ان وقت جي ڪمشنر سرائيڊريو ونگيٽ ڪي.سي.آءِ.اي، مرزا صاحب جي فرزندن ڏانهن هڪ خط 5- آڪٽوبر 1897ع تي لکيو ته:

Their well known and learned father, entitled shamsululema at the advice of has friend, the late sir Bartle Frare, established here the First

lithographic press and very ably conducted the "Mufarrihul-Kaloob" the well known first Persian journal in the world (Extract from a letter by Sir Andrew wingate, K.C.I.E (Former Commissioner in Sindh Government House, Karachi, 5th October 1894)

(سندن مشهور معروف ۽ وڏي علم وارو والد، ملقب بہ شمس العلماء پنهنجي دوست آنجهاني سربارٽل فريئر جي مشهوري سان، هتي پهرين ليٿوگراف پريس جاري ڪئي ۽ نهايت قابليت سان "مفرح القلوب" اخبار هلايائين، جا دنيا ۾ مشهور پهرين فارسي اخبار آهي.

مرزا مخلص علي علويءَ جي مزار شڪارپور ۾ نئين مقام ۾ آهي، جا راقم 22-ڊسمبر 1990ع تي دريافت ڪري، مٿس هڪ مضمون لکيو جو ماهوار نئين زندگي مئي/جون 1991ع ۾ خاص ليک جي صورت ۾ شايع ٿيو. سندس شاندار مزار جون سِرون اُکڙي رهيون هيون ۽ ڪتبو زمين تي ڪِري پوڻ سبب ان ۾ لڱل پٿر ڳري ويو هو. منهنجي گذارش تي محترم دوست آغا ثناءُالله خان پٺاڻ مزار جي مرمت ڪرائي ڪتبو ٻيهر نصب ڪرائي ڇڏيو. آغا صاحب جي مهرباني ميڻ لاءِ مون وٽ لفظ ئي ڪونهن. شال شاد ۽ آباد هجي، ڪتبي جو متن هن طرح آهي.

بسم الله الرحمن الرحيم

الله - محمد - علی - فاطمه - حسن - حسین

قبر مطهر سلسل الطیاب موید السلام شمس العلماء فردوس آشیان جناب آقا مخلص علی میرزا علوی خلف الصدق خلد آشیان موید الاسلام جناب آقا سلطان محمود خان میرزای علوی القذوینی موسس دارالطبعه السلامیه و اسلامیه و اخبار نامه اسلامیه مطلع خورشید در سکهر نوو جریده فارسی در کراچی سند موسوم به مفرح القلوب و صدر انجمن محفل اول و قدیم امامیه و جماعت صُلح کُل علویه رحمت الله علیهم وفات مرحوم در 82 سالگی 1294ھ رمضان 21

درین سر ای سپنجی وفا مجود و داد
که از ازل به فنا طرح اوشده بنیاد

ترجمو: هي مزار مطهر الطياب موید الاسلام شمس العلماء فردوس آشيان جناب آقا مخلص علي خان مرزا علوي ولد خلد آشيان نويد الاسلام جناب آقا سلطان محمدو خان محمد مرزا علوي قزويني جي آهي. پاڻ دارالطبع اسلاميہ، اخبار مطلع خورشيد سکر (نئون) جو بنياد وجهندڙ ۽ فارسي جريدي مفرح القلوب ڪراچي جو باني هو. ان سان گڏ انجمن (محفل اول و قديم) اماميہ جو صدر ۽ ضلعي جي مڙني علوين جي جماعت جو سربراهہ بہ رهيو.

مرحوم جي وفات 82 سالن جي ڄمار ۾ 12 رمضان 1294ھ تي ٿي.

ماخذ:


1. تماهي مهراڻ، 1964/1ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
2. تماهي مهراڻ 1994/3ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
3. عزيز الرحمان ٻگهيو، سنڌي صحافت جي تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو
4. خليل ٺٽوي، تڪمله مقالات الشعراء"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

نصير مرزا



# جديد سنڌي ادب جي پيڙهه رکندڙ مرزا قليچ بيگ

مرزا قليچ بيگ جي ناني ۽ بابي جو وطن جارجيا پنهنجي تاريخ ۽ جاگرافيءَ هٿان سنڌ کان به وڌيڪ مار کائيندو رهيو آهي. اهو ٻن پهاڙي سلسلن، ٻن سمنڊن، ٽن وڏين سلطنتن ۽ ٻن کنڊن جي سنگم وٽ آهي. اهو ڪوهه قاف جبلن جي وچ تي آهي. ساڳي وقت اهو ٻن سمنڊن يعني ڪاري سمنڊ ۽ ڪئسپين سمنڊ جي وچ تي آهي. رهيل ڪسر ان ڳالهه پوري ڪري ڇڏي آهي جو اهو ٻن کنڊن يعني ايشيا ۽ يورپ جي سرحد تي روس، ايران ۽ ترڪي جهڙين فيل مست علائقائي طاقتن جي وچ ۾ قائل آهي ۽ صدين کان انهن هٿان ٽڪبو واري واري سان لتاڙيو ۽ چيپاٽبو رهيو آهي.

اڄ کان 28 صديون اڳ هتي يونانين اچي بيٺڪون قائم ڪيون پوءِ رُومي، عرب، منگول، ترڪ، ايراني ۽ روسي جارجيا تان پاڻ ۾ وڙهندا ۽ هڪٻئي پٺيان اتي قبضا ڪندا رهيا. تان جو نيٺ 1801ع ۾ روس مستقل طرح ان تي قبضو ڪري ورتو. ڏري گهٽ ٻن صدين کان پوءِ تازو جڏهن سوويت يونين ٽُٽي ٽڪر ٿي آهي، تڏهن جارجيا هڪ ڀيرو وري پنهنجي الڳ حڪومت قائم ڪئي آهي.

ڪوهه قاف جبلن کان وڌيڪ ڏند ڪٿائن، رنگين قصن ۽ الف ليليٰ جهڙن داستانن کي جنم ڏنو آهي. ڪوهه قاف جي ديون ۽ پرين جا داستان ڪنهن نه پڙهيا هوندا؟ ڪوهه قاف جي جلبلو سرزمين ۽ ان جا ماڻهو واقعي آهن به اهڙائي خوبصورت ۽ من موهيندڙ، جهڙا ٻڌجن ٿا. انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا جهڙي انتهائي پختي ۽ سنجيده علمي اختياري چوي ٿي:

”جارجيائي ماڻهن جون پاڙون تاريخ ۾ گهريون آهن. سندن ثقافتي ورثو به قديم ۽ شاهوڪار آهي. جارجيائي هڪڙا اهڙا خوددار ماڻهو آهن، جيڪي زمانن کان وٺي جوڌن ۽ جانبازن جي حيثيت ۾ مشهور ۽ معروف آهن. سندن مهمان نوازي، سندن زندگيءَ سان محبت، سندن زنده دلي ۽ نهايت خوش طبعي دنيا ۾ مشهور آهن. هو قدآور، جانثار، سنها، ڪارين اکين ۽ ڪارن وارن وارا ماڻهو آهن. سندن سونهن جو معيار بلند آهي. جارجيائي عورتن جو حسن اهڙو آهي جو ان مان تاريخي داستان ٺهي پيا آهن. هنن مان ڪيتريون ترڪي سلطانن ۽ ايران جي شاهن جي محلن جون زينتون بڻيون. جارجيائي ماڻهن جي عمر غير معمولي حد تائين وڏي ٿيندي آهي.“

سنه 1797ع ۾ جڏهن ايرانين جي هڪڙي ڪاهه ۾ مرزا صاحب جي ناني ۽ ڏاڏي جا والد مارجي ويا، تڏهن هو ٻارن ٻچن سميت قيدي بڻجي ايران ۾ آيا. اتان اهي سنڌ آندا ويا. مرزا خسرو 1805ع ۾ پنجن ورهين جي عمر ۾ حيدرآباد ۾ آندو ويو هو. مير ڪرم علي خان وٽ رهيا. اها اوڻهين صديءَ جي شروعات هئي. ارڙهين، اوڻهين ۽ ويهين صدي ۾ دنيا ۾ جيڪي تبديليون ٿيون آهن. سمورين گذريل صدين ۾ آيل تبديلين کان گهڻا گهڻا ڀيرا وڌيڪ هيون. مرزا قليچ بيگ جي تاريخي ڪردار کي انهن تبديلين کي سمجهڻ کانسواءِ صحيح نموني سمجهي ڪين سگهبو.

دنيا جي سڀ کان گهڻي ايراضي، سڀ کان گهڻا ماڻهو، سڀ کان وڌيڪ قدرتي وسيلن ۽ تنهنڪري سڀ کان وڌيڪ دولت تاريخي طرح ايشيا جي رهي آهي ۽ نه يورپ جي. انڪري پنج سؤ سال اڳ تائين مجموعي طرح ايشيا جي يورپ مٿان سرسي رهي آهي. جيستائين دنيا ۾ بالادست اقتصادي ۽ سماجي نظام، جاگيردار نظام هو، تيستائين ايشيا يورپ کان زور هئي. اٽڪل 15هين صدي کان دنيا ۾ جاگيرداري

نظام جو زوال اچڻ شروع ٿيو. دنيا کي هڪ نئين بهتر، سماجي ۽ اقتصادي نظام جي ضرورت پوڻ لڳي. ايشيا کي جاگيرداري جي انتهائي رجعت پرست فطرت اهڙو نظام پيدا ٿيڻ نه ڏنو. يورپي جاگيرداريءَ جي فطرت اهڙو نظام پيدا ڪرڻ ڏنو، ان جو نالو هو صنعتي يا سرمائيدار نظام.

يورپ جي ان نئين سماجي، اقتصادي ۽ فڪري نظام جي پيڙهه يونان ۽ روم جي تهذيبن تي ٻڌل آهي. اهي ٻئي تهذيبون دنيا جي وڏن مذهبن جي اثرن کان ٻاهر رهيون هيون. انهن تهذيبن پنج سؤ سال قبل مسيح کان وٺي برهمڻن، پادرين ۽ ملن جي روڪ ٽوڪ بنا انساني عقل ۽ سمجهه کان ڪم وٺي هنر ۽ سائنس کي جنم ڏنو ۽ انهن کي خوب ڪتب آندو. انڪري انهن حڪومت، جنگ، علم، ادب، سائنس، قانون ۽ بين بي انداز ڳالهين ۾ اهڙين بلندين کي ڇهيو جنهن جو مثال انسان جي تاريخ ۾ ڳولهڻ عبث آهي. صنعتي ۽ سرمائيداري نظام هلندڙ هو. پر ايشيائي جاگيرداري نظام ۽ يورپي جاگيرداري نظام ۾ زمين آسمان جو فرق هو. ايشيائي جاگيرداري نظام قاعدي قانون جي ڪنهن به ريت مرجات کي نه ٿي مڃيو. اهو مڪمل طرح آپيشاهي ۽ ڏنڊي شاهي مطلق العنان نظام هو. يوناني رومي تهذيب ۽ ان جي مٿان قائم ٿيل يورپي تهذيبن هر ڳالهه جي حد ۽ توازن ۽ قاعدي قانون جو پورو پورو خيال ٿي رکيو. اهي گهري ڄاڻ ۽ علم، وڏي سرت، سمجهه ۽ ڏاهپ واريون تهذيبون هيون ۽ آهن. ايشيائي جاگيرداري، يورپي جاگيرداري جيان اهڙي مضبوط ۽ جٽادار، علمي عقلي ۽ قانوني تهذيب پيڙهه تي ٻڌل ڪانه هئي، اها سترهين صديءَ تائين پنهنجي طبعي عمر ڪائي ڪنهن سُنڍ عورت وانگر ڄڻائڻ ۽ نپائڻ جي عمل کان جڏي ٿي چڪي هئي. اها نئين عالمي، تاريخي دور لاءِ ڪهربل وچين طبقي واري انقلابي سمجهه، سرت، ڏاهپ، ڪوڄنا، ڳولا، تحقيق، واپار، ڪاروبار، هنر، صنعت کي تخليق ڪرڻ بدران ان جي نون اُسرندڙ ملڪن جي جاني دشمن ٻڌجي بيٺي ۽ ايشيا کي ذهني ۽ فڪري طرح هٽي هڪڙو علمي ۽ ثقافتي برپٽ بنائي رکيائين.

ٻئي طرف نئين سجاڳيءَ جي مدد سان يورپ جي وڏن شهرن ۾ واپار تمام گهڻو زور ورتو، جو واپاري طبقو جاگيردارن کان پنهنجو حق گهرڻ لڳو. صدين جي ويڙهه کان پوءِ وچون طبقو، خاص ڪري واپاري طبقو، جاگيرداري طبقي کان زور وٺي ويو ۽ علم، ادب، فن، هنر، فلسفي، اقتصاديات، ڪوڄنا، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ميدان ۾ برق رفتاريءَ سان اڳتي وڌندو آخر ست سمنڊ پار ڪري سڄي دنيا تي ڇانئجي ويو.

19 صدي جي شروعات تائين انگريزن پنهنجن بين سيني رقيبن يعني پورچوگيزن، ڊچن، اسپينين کي شڪست ڏيئي دنيا جو پهريون نمبر صنعتي سرمائيدار ۽ طاقتور ملڪ هندستان جو به مالڪ بنجي ويو هو. سنڌ جي ميرن کي سنڌ تي قبضو ڪئي ويهارو سال مس ٿيا هئا، انهن کي ڪا خبر ڪانه هئي ته سنڌن بادشاهي جا ڏينهن به وڃي ڳاڻ ڳڻيا بچيا هئا.

انگريز هندستان ۾ به ابتڙ تاريخي ڪم ڪري رهيا هئا. هڪڙو ته هن ملڪ کي ڦري پينگ ڪري انهن جي قدرتي وسيلن، مڪاني صنعتن ۽ هنرن کي برباد ڪري ان کي پنهنجو بيوس غلام بڻائي رهيا هئا، اهو تباهيءَ جو ڪم هو. ٻئي طرف هو اڳتي وڃي پنهنجي ضرورت خاطر ۽ پنهنجي ڦرلٽ ۾ سهوليت پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجي غلام بڻايل ملڪ ۾ هڪ محدود حد تائين نئين سجاڳي، روشني، علم، هنر، ٽيڪنالاجي ۽ صنعت جو پڻ واڌارو آڻڻ تي مجبور ٿيڻ وارا هئا.

انگريزن جي غلامي ۾ گهڻا ماڻهو خوش نه هئا، جيتوڻيڪ هو اڳين نظامن مان اڃا به وڌيڪ ناخوش هئا. غلامي کي ختم ڪرڻ لاءِ ٻن قسمن جون ڪوششون ڪيون ويون هيون. هڪڙيون جاگيردار طبقن طرفان ڪيون ويون، بيو وچين طبقي طرفان. ڪيترن هندن ۽ مسلمانن جاگيردارن ۽ سنڌن حامين جو خيال هو ته هندستان مان انگريز سان وڙهي ڪين ڪڍي اڳوڻو ساڳيو جاگيردارن ۽ نوابن جي حڪومت وارو نظام قائم ڪيو وڃي. ان مقصد لاءِ پهرين ڪوشش 19 صدي جي شروعات ۾ ڏکڻ هندستان ۾

هن تحريڪ هندستان جي سطح تي اڳواڻ راجا رام موهن راءِ ۽ سر سيد جهڙا فڪري ۽ ذهني جاڪوڙي ۽ ڪاهوڙي هئا، ته سنڌ جي سطح تي ان جي سڄي پيڙهه رکندڙ اسان جي وچين طبقي جو دانشور ۽ مفڪر مرزا قليچ بيگ هو.

جيڪڏهن ڪلاسيڪي عظيم سنڌي شاعري جي ميدان ۾ اسان جو فني ۽ فڪري سورمو شاهه لطيف آهي ته جديد علم ۽ ادب جي ميدان ۾ اسان جو مها ۽ مهندار، ڪاهوڙي ۽ سرواڻ سواءِ ڪنهن شڪ شبهي جي مرزا قليچ بيگ آهي.

ڪنهن ماڻهو جي زندگي ۽ ڪمن کي سمجهڻ ۾ اها ڳالهه وڏي مدد ڏئي ٿي ته اها خبر هجي ته هو ڪهڙي زماني ۾ ڪهڙي ماحول ۾ رهندو هو ۽ سندس دؤر جا اهم ماڻهو ڪير ڪير هئا ۽ انهن ڇا پئي ڪيو؟

قليچ جي جمڻ کان فقط هڪ سال اڳ ايران ۾ قاچاري شهنشاهيت يائي عقيدي جي مشهور شاعره، مبلغ ۽ انقلابي ام سلميٰ قرت العين طاهره زرين تاج جنهن جو "دلجه به دجله يم به يم" واري قافيه وارو غزل مشهور آهي، تنهن کي بغاوت جي الزام هيٺ گهُٽو ڏيئي شهيد ڪيو ويو.

قليچ سنڌ جي انگريزن جي حڪومت اچڻ کان ڏهه سال پوءِ پنجاب جي تابع ٿيڻ کان 9 سال پوءِ 1853ع ۾ پيدا ٿيو. ان سال سنڌي ٻوليءَ جو پهريون جديد الف-ب ۾ لکيل ڪتاب لنڊن جي هڪڙي لٿو پريس ۾ ڇپيو.

ساڳئي سال يورپ ۾ ڪريميا جي لڙائي هلندڙ هئي. هڪڙي پاسي هئا انگريز ۽ فرينچ ۽ ٻئي پاسي هئا ترڪ. ساڳئي سال اُڀرندي طرف جپان ۾ آمريڪي بحري ڪمانڊر پيري زبردستي جپان ۾ گهڙي اچڻ ۾ ڪامياب ٿيو، جنهنڪري جپانين سمجهيو ته جي اسان پنهنجي سماجي نظام کي پنهنجي راضپي سان ۽ تيزي سان نه بدلايو ته اسين ڌارين جا غلام ٿي ويندا سين. هنن پاڻ کي بدلايو ۽ واهه جو بدلايو. ان سال هندستانين کي آئي-ايس-ايس امتحان ۾ ويهڻ جي اجازت ملي.

1857ع ۾ ڪلڪتي، بمبئي ۽ مدراس جون يونيورسٽيون قائم ٿيون ۽ هندستان جي پوئين جنگ آزادي شروع ٿي. 1859ع ۾ چارلس ڊارون انگلينڊ ۾ پنهنجو جڳ مشهور ارتقا جو نظريو شايع ڪرايو. 1863ع ۾ انباله ۾ وهابين جي تحريڪ ڪچلي وئي. 1875ع ۾ پرنس آف ويلس هندستان ۾ آيو ۽ علي ڳڙهه ڪاليج قائم ٿيو ۽ 1885ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جو بنياد وڌو ويو.

1896ع کان 1900ع ۾ هندستان ۾ زبردست ڏڪار آيو. ان هوندي به 1898ع ۾ مهاراڻي وڪٽوريا جي ڊائمنڊ جوبلي ملهائي وئي. 1900ع ۾ سرحد جدا صوبو ٺهيو، 1901ع ۾ مهاراڻي وڪٽوريا گذاري وئي. 1904ع ۾ روس جپان سان جنگ ۾ هارايو ۽ روس ۾ 1905ع وارو ناڪام انقلاب آيو ۽ ساڳئي سال بنگال جو ورهاڱو ٿيو، جنهن جي ڪري سڄي هندستان ۾ ڪانگريس جي اڳواڻي هيٺ زبردست احتجاجي تحريڪ هلي، جنهن کي سوديشي تحريڪ سڏيو ويو. 1906ع ۾ مسلم ليگ قائم ٿي. 1911ع ۾ جڳ مشهور هندستاني اديب، شاعر ۽ دانشور رابندرناٿ ٽئگور کي نوبل پرائيز مليو. 1914ع ۾ مهاتما گانڌي آفريڪا مان موٽي هندستان آيو ۽ 1914ع ۾ هندن مسلمانن جي گڏيل انگريز مخالف عدم تعاون جي تحريڪ ۽ خلافت جي تحرڪ هلي. انگريزن ان کي هلائڻ لاءِ رولٽ ائڪٽ پاس ڪيو ۽ جليانوالا باغ ۾ ڪوس ڪيو.

انهي سال غازي امان الله افغانستان جو بادشاهه ٿيو. 1914ع ۾ اقبال پنهنجو مشهور ڪتاب "بانگ درا" شايع ڪرايو. 1917ع ۾ سائمن ڪميشن هندستان آئي. ان جي بائيڪاٽ جي تحريڪ هلائي وئي. روس ۾ سوشلسٽ انقلاب آيو. 1919ع ۾ انگريزن سازش ڪري غازي امان الله خلاف بغاوت ڪيس ڪيو. جنرل نادر نئون بادشاهه ٿيو. 1929ع تي مرزا قليچ بيگ وفات ڪئي.

**قليچ جا ڪي وڏا اهم عصر اديب، عالم ۽ شاعر:**

مصري شاهه جي وفات 1906ع، حمل لغاري 1869ع-1914ع، ديوان ڪوڙومل 1844ع-1916ع، سانگي

1851ع-1924ع، خليفو نبي بخش 1863ع-1779ع الله بخش ابوجهو وفات 1901ع.

**قليچ جا ڪي ننڍا اهم عصر سنڌي اديب، عالم ۽ شاعر:**

پرمانند ميوارام 1938ع-1856ع، شمس الدين بلبل 1857ع-1919ع، امام بخش خادم 1860ع-1919ع، ساڌوهيرانند 1893ع-1863ع، مولوي احمد ملاح 1877ع-1969ع، مولوي فتح محمد سيوهاڻي 1882ع-1942ع، ڊاڪٽر گربخشاڻي 1884ع-1949ع، ڀڳت ڪنور رام 1885ع-1945ع بيڪس وفات 1889ع، خانبهادر محمد صديق ميمڻ 1890ع- 1958ع ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽو 1958ع-1896ع.

هر اسرندڙ ادب جو پهريون قدم هوندو آهي ترجمو. پهرين دنيا جي چوٽي جي علمن ۽ ادبن سان ترجمن وسيلي رشتو رکندو. تڏهن ماڻهو تخليقي طرح پنهنجن پيرن تي بيهڻ لاءِ پهريون پيرڙيون کڻي اڳتي وڌي سگهندو. عيسائي پادرين طرفان قتل ۽ دفن ڪيل يونان ۽ روم جي علم، ادب ۽ فلسفي کي جيڪڏهن ترجمي جو جيارينڌڙ مسيح صدين کان پوريل قبرن مان ڪوٺي ٻاهر ڪڍي وري جياتي دنيا ۾ نئين حياتي نه بخشي ها ته اڄ دنيا ۾ ڪهڙن پٽن ۾ هجي ها؟ ترجمو هڪڙو نهايت ڏکئي ۾ ڏکيو، نهايت محنت طلب، نهايت تخليقي ۽ انتهائي نفيس فن آهي ۽ ڪي ماڻهو ان ۾ ڪمال حاصل ڪري سگهندا آهن. جنهن علم ۽ ادب کي قابل ۽ لائق ترجمو ڪندڙ ملي ويا ان جا چڻ پئون ٻارهن ٿي ويا، اهو تاريخ جي چڻ هڪڙي لحظي ۾ سوين نسلن جي باڪمال ماڻهن جي صدين جي تخليق ڪيل خزانن جو مالڪ بنجي ويندو. صحيح ترجمو رڳو هڪڙي ٻولي کان ٻي ٻولي ۾ نه هوندو آهي. اهو هڪڙي گرامر، لفظن محاورن جي هڪڙي سناءُ کان ٻي گرامر ۽ محاورن جي ٻئي سناءُ ۾ ترجمو به هوندو آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته صحيح ترجمو هڪڙي ثقافت کان ٻي ثقافت ۾ ترجمو هوندو آهي. ترجمي لاءِ پهريون مسئلو آهي ته ترجمي جي مواد جي صحيح چونڊ ۽ پوءِ آهي ان مواد کي پنهنجي ٻولي، پنهنجي ثقافت، پنهنجي گرامر ۽ محاورن جي ضرورت سان نهڪائڻ ته جيئن اهو اوپرو نه لڳي. دراصل صحيح ترجمو اهو آهي جنهن ۾ اها خبر ئي نه پوي ته هي ڪو ٻي ٻولي جو ترجمو آهي. ماڻهو ڀانئي ته اهو اصل آهي ئي منهنجي ٻولي ۾ لکيل. قليچ ترجمي جا مٿي ذڪر ڪيل سڀ شرط پورا ڪري ٿو، هو ترجمي جو شهنشاهه آهي. قليچ جي ترجمي لاءِ چونڊ جو معيار بلند ۽ دائرو وسيع آهي. شيڪسپيئر، بيڪن، گوگول، سوفٽ، سر آرٿر ڪانن ڊايل، ڪروڪر ۽ ايمرسن جي پائي جي عالمي شهرت يافته مصنفن جا شاهڪار ۽ ٻين گهڻن اهم موضوعن تي ڪتاب ترجمو ڪيا اٿس. اٽڪل پندرهن کن نهايت اهم ڪتاب خود انگريزي ۾ لکيا اٿس. سنڌي لکيل اصلوڪن ڪتابن جو تعداد به سؤ کن ته خوشيءَ سان ٿيڻ گهرجي.

هاڻي اچو ته قليچ جي لکيل هڪڙي ناٽڪ جو هي ٽڪرو پڙهون:

”مسخرو: جيئن چوندا آهن ته ٻلي شير کون پڙهايا ڦر ٻلي کون ڪانوڻ آيا، وڇون جا ٻچا وڏا ٿين ته ماءُ کي پٽي کائي وڃن!

بادشاهه: تون منهنجي ڌيءُ آهين نه؟

ملڪان: بابا چڱو ته ائين آهي ته خدا جيڪو عقل اوهان کي ڏنو آهي سو ڪم آڻيو ۽ هي نامناسب هلت ڇڏي ڏيو جو اوهان کي چڱي نٿي لڳي.

مسخرو: بيهه اجا ڳالهه ڪٿي پئي آهي. اجا رنگ ڏسندي.“

ڪير چوندو هي اصل سنڌي ناهي پر ڌاريءَ ٻولي جو ترجمو آهي؟ ۽ ترجمو به ڪهڙي لکندڙ جو؟ شيڪسپيئر جهڙي ادبي شهنشاهه جي جڳ مشهور ناٽڪ ”ليئر“ جو.

هاڻي قليچ جي هڪڙي ناٽڪ جو هي ٻيو سين ٻڌو:

”جوابدار: جلال همراهه، ڪمال همدم، جمال حاصل تاج برسر!

ٻيو نوڪر: زمانو حلمي، فلڪ محافظ، جهان بندو ستارو چاڪر!

جوابدار: تجلو چمڪي ٿو نور جو هٽ، ٿو گيٽ هر ڪو هتي ڳٽ جا ڳائي.

پيو نوڪر: حضور ملڪ جي تشريف، هر ڪو حاضر ٿئي ٿو سر جهڪائي.“

هي به شيڪسپيئر جو ترجمو آهي، پر ڇا رڳو ترجمو آهي؟ هن کي ڇنبو تخليقي ۽ باڪمال ترجمو، اهڙو ترجمو جيڪي ڪٿي ڪٿي اصل جي بلندين کان ائين مٿي چڙهيو وڃي، جيئن فٽنر جيرالڊ جو منظوم انگريزي ترجمو خود عمر خيام جهڙي فن ۽ فڪر جي سلطنت جي تاجدار جي اصل فارسي آڏام کان به پڙڪو ڪايو مٿي نڪريو وڃي.

قليچ سنڌي ٻولي کان اظهار جا ڪهڙا ڪهڙا ڪارناما سر ڪرائي سگهي ٿو، تنهن جو جلوو ڏسڻو هجي ته سنڌس ترجمو ڪيل يا اصلوڪا شاهڪار ناٽڪ پڙهي ڏسجن. ان ميدان ۾ اڄ تائين ڪوبه سنڌي لکندڙ ساڻس ڪلهو هڻي نه سگهيو.

قليچ جو گهڻو شعر ناصحانو، مذهبي ۽ تعليمي آهي. سنڌس غزلن جا عنوان هن قسم جا آهن. ”خدا جي تعريف، حضرت محمدﷺ جي تعريف، دنيا ۽ دولت چڱي، زر يا سون جي مرح، حقيقي يا سچا عاشق، مرتبن جا سنڀال ضروري، فخريه پنهنجي بيقدريءَ جي شڪايت، منهنجا به ڪتا، لقب ملڻ جي شڪر گذاري وغيره آهن.“ قليچ جي شاعري جي هڪڙي خصوصيت هي آهي ته هن تمام گهڻا ۽ مختلف بحر استعمال ڪيا آهن. ايترا گهڻا ۽ مختلف بحر سنڌ ۾ ڪنهن ٻئي شاعر گهٽ استعمال ڪيا هوندا. پيو ته سنڌس شاعري جو بنيادي مقصد اهل ڪمال اڳيان پنهنجي خيال جي سرت، فڪر جي اونهائي ۽ بيان جي زور جي ڀرپور اظهار ڪرڻ بدران ماڻهن کي سيکارڻ ۽ سمجهائڻ آهي. انڪري هن جو انداز فقط انهن کي متاثر ڪري سگهي ٿو، جن لاءِ انهن شعرن ۾ سمايل سوچون نيون ۽ اهم آهن، جيڪي سمجهن ٿا ته ڪين اهڙين ڳالهين جي اڳيئي خبر آهي تن لاءِ انهن شعرن جي اهميت ثانوي ٿئي ته ان ۾ عجب نه ڪرڻ کپي. هن جي شاعري ۾ ڪيترن هنڌن تي صاف نظر اچي ٿو ته نظم جي روپ ۾ رڳو اهم پر ڪي قدر خشڪ ڳالهين ۽ مسئلن کي وڌيڪ دلچسپ بڻائي پيش ڪرڻ جي لاءِ اختيار ڪيو ويو آهي. قليچ جو شعر جو واقعي دلچسپ موضوع محبت وارو موضوع آهي. نه رڳو هر فرد پر هر دؤر جي اظهار جا انداز پنهنجا ٿيندا آهن، قليچ جي ٻوليءَ ۽ سنڌس انداز پنهنجو آهي.

اڄ جي شعر جي دلپسند ٻولي ۽ انداز ڪالهه کان ۽ قليچ جي دؤر کان توڙي ٻين دؤرن کان مختلف آهي. جيتري قدر جذبن جي خلوص جو ٻولي جي سادگي ۽ دلڪشي جو تعلق آهي، قليچ جا محبتي شعر هر دؤر ۾ سنڌي شاعري جي چونڊ محبتي شعر ۾ شمار ٿيندا. هنن شعرن جي سادي کان سادي ڳالهه به دل سان لڳي ٿي ۽ هيئن ۾ چهنڊڙي وجهي ٿي. ماڻهو محسوس ئي نٿو ڪري ته اها ڳالهه اڳوٽي دؤر جي آهي. ننڍين بحرن ۽ سادن لفظن ۾ اهڙو پختو ۽ اثرائتو شعر چيل آهي جو ماڻهو ڀانئي ٿو ته ڳائڻ وارو هجي جو انهي کي ڳائڻ جو حق ادا ڪري:

ڪريان توتان سجڻ آءٌ سر فدا ڇا؟
محبت جو ڪو حق ادا ٿيندو ڇا؟

وڇوڙو جنهن ڏنو دلبر جو تنهن کي،
زماني جو ڪندو جورو وفا ڇا؟

ٿي بندو ڪيئن سڏيان خود کي خدا آءٌ؟
خدا کان پر سگهان ٿو ٿي جدا ڇا؟
قليچ آهي جو رب مالڪ دلين جو،
ته پوءِ رب کان گهران دل سان دعا ڇا؟

۽ هي دل ڇيهون ڇيهون ڪندڙ غزل پڙهي ڪهڙو دل وارو پنهنجي دل ۾ درد محسوس نه ڪندو!؟

سجڻ کي اي صبا! ڪا سار منهنجي رات هئي يا نه؟
حبيبن کي هلڻ جي چوپچو پرڀات هئي يا نه؟

وراهيه گنريا وڃي وينو، وساري دردمندن کي،
ڪنهين پر تنهن کي، ڪا وائي ورڻ جي وات هئي يا نه؟

ڪيئن ٿي ڳالهه ڪا منهنجي، پڇين ٿي حال هيٺي جو؟
ڪنهين دم لعل جي لب تي برهه جي بات هئي يا نه؟



ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي

# ڪلام شاهه نصير جو جائزو

شاهه نصير جو اصل نالو نصيرالدين هو. عام طور تي شاهه نصير جي نالي سان مشهور ۽ مقبول آهي. سندس والد بزرگ جو نالو عبدالغني هو، جنهن کي عاشق عبدالغني، عارف عبدالغني ۽ خواجه عبدالغني جي نالن سان سڏيندا هئا. پاڻ نقشبندي سلسلي سان لاڳاپيل هو ۽ جهوڪ شريف جي مشهور و معروف بزرگ ۽ درويش صفت انسان فقير فضل الله قلندر جو مريد ۽ معتقد هو. عارف عبدالغني سنو شاعر ۽ عالم پڻ هو، سندس هيءَ ڪافي لوڪ ادب سلسلي جي ڪتاب ڪافيون جلد ٽيون ۾ درج ٿيل آهي:

واه بسنت بهاري جي، گل ڪليا گلزاري جي.

1. باغ حسن دا جڏان ڪليا، ويک حيران هو يا بلبليا، عجب گل اناري جي.
2. غنچه دهن دي غائب پويا، لشڪر نين سپاهي هويا، چاهه زنخ دي چاري جي.
3. وچ صحن. دي ساقي آيا، ساغر ڏنگ سامان صراحيا، محبت مينگهه ملهاري جي.
4. عاشق "عبدالغني" پيارا، جس ني ڪيتا نينهن نظارا، چوطرف چوڌاري جي.

(بلوچ 1433، 1990ع)



مخدوم عبدالغني، پير شهاب الدين "سير ڏٽيءَ" جو فرزند هو. پاڻ وڏو روحانيت جو صاحب، ولي ڪامل ۽ تصوف ۾ يگانهءِ روزگار هو، عالم باعمل ۽ خدا پرست هو. نادر شاهه ايرانيءَ جي حملي وقت پاڻ ننڍيءَ عمر جو هو، هُن نوشهري فيروز تي خونخوار حملو ڪري اچي شهر کي لُٽيو هو. پير عبدالغني انهيءَ ظالم جي فوجين کي اکين سان ڏٺو هو. (خانائي 315، 1987ع) علامه غلام مصطفيٰ قاسمي پير عبدالغني جي متعلق لکي ٿو ته:

"مخدوم عبدالغني ڪامل بزرگن مان آهي. وڏو زاهد، تقويٰ وارو، متشرع ۽ گوشي نشين بزرگ هو. ذڪر خدا جي فيض جو صاحب هو. سندس مريدن ذڪر مان گهڻو نفعو پرايو آهي، هيءُ بزرگ نقشبندي طريقي جو هو." (خانائي، 316، 1987ع) خانزاده سميع نوشهروي لکي ٿو ته:

"حضرت عبدالحي بن حافظ حاجي عطا محمد کي اڄ تائين "درگاهه وارو سائين" ڪري سڏيندا آهن، سندن وڏو حضرت

شهاب الدين جيڪو يمن ۾ مدفون آهي. "سير ڏٽيءَ" جي نالي سان مشهور آهي، هن بزرگ درياءَ جي سِير تي نماز پڙهي هئي." (نوشهروي، 38، 1978ع) عارف عبدالحي جي باري ۾ ڪافي اختلاف نظر اچي ٿو، پر تحقيق ٿيڻ گهرجي ته حقيقت ڪهڙي پاسي آهي.

خواجہ عبدالغي عالم، درويش ۽ شاعر هو، سندس فيض مان ڪيترن ئي انسانن کي فيض حاصل ٿيو، جن مان عثمان فقير سانگي، خوش خيرمحمد هيسباڻي ۽ فقير هري سنگهه عاصي وغيره اعليٰ درجي جا صوفي ۽ شاعر مشهور ٿيا.

شاهہ نمبر 1223هہ ۾ نوشهري فيروز ۾ پيدا ٿيو. [نوشهروي 38، 1978ع- شوق 01، 2004ع] شاهہ نصير سن 1248هہ ۾ تاريخي شهر نوشهري فيروز ۾ جنم ورتو، (قريشي مارچ 1995ع) پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ موروثي گاديءَ تي ويٺو. شاهہ نصير کي عربي ۽ فارسيءَ جي سٺي تعليم ملي، هن پنهنجو گهڻو وقت سير ۽ سياحت ۾ گذاريو، هن بزرگ سنڌ کان ٻاهر به سير ڪيا، سنڌ اندر لاڙڪاڻي ضلعي ۾ سندس گهڻا مريد هئا. سنڌي، سرائڪي ۽ فارسيءَ ۾ شعر چيائين. (بلوچ، 439، 1961ع)

سنڌي ٻوليءَ تي ڪافي عبور هوس، سندس شاعريءَ تي صوفياڻو رنگ چڙهيل آهي. [بلوچ، 194، 1961ع] فقير خير محمد هيسباڻيءَ جي ڪلامن جو مٿس وڏو اثر ٿيو. (بلوچ، 411، 1985ع) سندس تصنيفات مان ظاهر ٿئي ٿو ته کيس وڏي علميت حاصل هئي. اردوءَ تي به کيس وڏو درڪ حاصل هو. ظاهري علم حاصل ڪرڻ بعد هو باطن جي صفائيءَ طرف رجوع ٿيو. هن بزرگ باطني فيض جو ونڊ پنهنجي والد کان ورتو هو. [خانائي، 321، 1987ع] سندس شاعري ورثي ۾ ملي، سنڌي ٻوليءَ کانسواءِ اردو، سرائڪي، فارسي ۽ هندي ٻولين ۾ سندس ڪلام ملي ٿو، سنڌي ٻوليءَ کانسواءِ اردو، سرائڪي، ڪافيون، بيت ۽ مرثين وغيره تي مشتمل آهي. سندس ڪلام ٽيهہ اکريون، مولود، ڪافيون، بيت ۽ مرثين وغيره تي مشتمل آهي. سندس ڪافيون فني لحاظ کان نهايت پڪيون پختيون ۽ نهايت حَسين پيرائي ۾ آهن، شاهہ نصير جي ولادت جي باري ۾ هڪ روايت رهجي ويئي. جيڪا هتي موزون ۽ مناسب سمجهي ڏيان ٿو. جنهن ۾ حاڪم علي مهر لکي ٿو ته: نامياري ليکڪ: ڊاڪٽر ديال آشيا الهاس نگر هندستان مان شايع ٿيل پنهنجي ڪتاب "سنڌي شعر جي تواريخ" ۾ سنڌ جي 494 شاعرن جو تذڪرو ڪيو آهي. ان پنهنجي ڪتاب جي صفحي 262 تي شاهہ نصير بابت لکيو آهي ته: "شاهہ نصيرالدين نقشبندي پيرن جي خاندان مان هو. هي صاحب 1830ع ڌاري نوشهري فيروز ۾ پير عبدالغي جي گهر تولد ٿيو. سندس تصنيفن مان ظاهر آهي ته هن سنڌي، عربي، فارسي ۽ اردوءَ جو چڱو ئي مطالعو ڪيو هوندو." [مهر، روزانو ڪاوش، 1-4، 2007ع]

پاڻ سنڌ کان علاوه بلوچستان، هندستان ۽ قنڌار جو سفر به ڪيائين. ان کان علاوه اجمير شريف، سرهند ۽ بمبئيءَ تائين پڻ ويو. اهڙيءَ طرح مريدن، معتقدن ۽ طالبن جو حلقو به وڌايائين. ان سان گڏوگڏ طالبن ۽ مريدن جي روحاني تربيت پڻ ڪيائين. خاص ڪري لاڙڪاڻي جي سرزمين کي روحانيت سان رڱي ڇڏيائين. سندن سموري شاعري صوفياڻي ۽ عارفاڻي رنگ سان پري پيئي آهي. سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي صوفي درويشن ۽ فقيرن وانگر هندو مسلم جي مٽ‌ڀيد جي ويجهوئي نہ هوندو هو. مسلمانن کان علاوه هندو به سندس عقيدتمندن ۾ شامل هئا، جنهن لاءِ محبوب علي چنا لکي ٿو ته: "هي صاحب سيّار به هڪڙوئي هو. هن جي خمخاني مان هندو خواهہ مسلمان ٿيا پي مخمور ٿيا. شاهہ نصير جو مرتبو نہ رڳو سنڌي شاعريءَ ۾ بلند آهي، پر اردو ۽ فارسي شاعرن ۾ به برک هو. هن جي فارسي شاعريءَ تي حافظ جو گهرو رنگ چڙهيل آهي. اردو شاعرن ۾ هي پنهنجن متقدمن خواهہ معاصرن کان سرس نظر اچي ٿو." (چنا، 262، 1966ع)

علامہ تارڪ جي گڏ ڪيل ذخيري ۾ شاهہ نصير جي ڪلام جي پيٽ ڪئي تہ ڪافي فرق نظر آيو. جنهنڪري اهو محسوس ڪيم تہ ڇو نہ ٻنهي لکيتن کي ادب جي ميدان تي ادب جي گهڻگهرن ۽ شائقن جي آڏو آڻيان تہ جيئن هو ٻنهي صورتن کان واقف ٿين. تنهنڪري اهي ٻيئي صورتون هيٺ ڏيان ٿو تہ جيئن آيل تفاوت جي خبر پوي ۽ ڪلام کي صحيح طور تي ادا ڪري سگهجي.

[بيت]

شاهہ نصير جي ڪلام ۾ ابتدا بيتن سان ٿيل آهي، جنهنڪري مان بہ بيتن جو جائزو شروعات ۾ پيش ڪيان ٿو، ڪلام شاهہ نصير ۾ هيءُ بيت هن طرح آندو ويو آهي:

نانهہ منجهان ٿي آنهہ، ڏس عبرت آنهہ جي،
آنهہ منجهان اظهار ٿئي، سندي نانڪ نانهہ،
آنهہ 'نصير' نانهہ، ٻئي محو ٿيا موج ۾

(ص 11)

هيءُ بيت ٿوري ڦيرڦار سان هڪ آڳاٽي قلمي بياض مان نقل ڪيم، جنهن جي هيءُ صورت آهي:

نانهہ منجهئون ٿي آنهہ، ڏس عبرت هن نانهہ جي،
آنهہ مَنجهُون اظهار ٿي، سندي نانڪ نانهہ،
آنهہ 'نصيرا' نانهہ، محو ٿيون ٻئي موج ۾.

هونئن تہ بيت جو قالب يا جوڙجڪ ساڳي آهي، پر هت جيڪو فرق آهي، سو نانڪ ۽ نائڪ مان ظاهر آهي ۽ منهنجي خيال ۾ نائڪ وڌيڪ موزون ٿو لڳي.

ڪين ڪٿي وڃ ڪين ڏي، تون پي ٿيءُ ڪي ڪين،
ويندڙ وڃڻ وڃائي، رک قلب ۾ ڪين ڪي،
ڪين 'نصيرا' ڪين، ڪين ڪٿي گهڙ ڪين ۾.

(ص 11)

(چنا، 264، 1966ع)

هيءُ ساڳيو بيت حضرت علامہ تارڪ جي قلمي بياض تان ورتو اٿم، جيڪو هن ريت قلمبند ٿيل آهي:

ڪين ڪٿي گهرُ ڪين ۾، تون پي تي ڪي ڪين،
ويندڙ وڃڻ وڃاءِ تون، اٿي مطلب منجهہ ڪي ڪين،
ڪين 'نصيرا' ڪين، ڪين ڪٿي گهرُ ڪين ۾.
نہ اڳ نہ پوءِ، نہ هيٺ نہ مٿ،
نہ ننهن 'نصير' سان، نہ پير نہ هٿ،
هي جا وير سندي وٽ، سا قلزم ڪارونڀار جي.

(ص 11)

هيءُ بيت علامہ تارڪ جي بياض ۾ هن طرح ڏنل آهي:

[بيت ـ رقيب]

نہ ڪو هيٺ نہ مَٿ، نہ ڪو اڳ نہ پوءِ ڪو،
نہ ڪو نينهن 'نصير' سان، نہ ڪو پير نہ هٿ،
وير سندي آ وِٽ، قلزم ڪارونڀار جي.

هيءُ بيت ڏسو:

’نصيرا‘ ناحق ڪري، ويا دلڙي ڏتاري،
موٽائن نہ منٿ سان، ويچاري واري،
محبت ٿي ماري، ٿا خوش وسن پنهنجي خيال سان. (ص 13)

علامہ تارڪ مٿيون بيت هن ريت قلمبند ڪيو آهي:

ناحق ’نصير‘ ڪري نيائون دلڙي ڏتاري،
سا موٽائِن نہ منٿ سان، ويچاري واري،
محبتي ماري، اُهي خوش ٿيا خيال سان.

شاہ نصير جو هيءُ بيت سندس ڪلام ۾ هن طرح آندل آهي:

جي پائين جوڳي ٿيان، پار محبت جو مَڄُ،
هستيءَ جي حجاب جو، پيچ ڪاٺو ڪَڄُ،
منجھہ رمز رنديءَ جي، اچي رانول رڄ،
چيريون پائي شوق جون، بيهي ناچو نڄ،
سامي توڪي سڄ، ڪنهن بہ چيو ڪڏهين. (ص 19)

هن بيت جي هيٺين صورت صحيح ۽ درست لڳي ٿي، جيڪا علامہ تارڪ جي قلمي بياض تان ورتي اٿم:

جي پائنين جوڳي ٿيان، تہ مارِ هُوَنءَ جو مَڄُ،
هستي جي بہ حجاب جو، پچ ڪاٺو تون ڪڄ،
مَنجھيءَ رمز رندي جي، اچي رانول رڄ،
چيريون پائي شوق جون، بيهي ناميا نڄ،
سامي توڪي سڄ، ڪنهين نہ چيو ڪڏهين.

هيءُ بيت ڪلام شاہ نصير جي صفحي نمبر 13 تي هن ريت آهي:

خوش وتن پنهنجي خيال سان، رهن بي پرواہ،
اسان ڪي ڳاري وڌو، هِت ڳاراڻي جي ڳالهہ،
نيٺ ’نصيرا‘ هنڌ ڪندي، سندي عاشقن آہ،
ڪشش سندي ڪاہ، شل موٽائي آڻيندي ماڳ تي.

هيءُ بيت علامہ تارڪ پنهنجي بياض ۾ هن ريت قلمبند ڪيو آهي، پر منجهن جيڪو فرق آهي، سو ٻنهي صورتن لکڻ مان ظاهر ٿئي ٿو ۽ علامہ تارڪ هن بيت جون ٽي سٽون لکيون آهن:

خوش ٿيا وتن خيال سان، ڪا نہ رکن پرواہ،
اسان ڪي ڳاري وڌو، ڳاراڻي جي ڳاہ،
ڪشش سندي ڪاہ، نيٺ موٽائيندي ماڳ تي.

هيٺيون بيت ’ڪلام شاہ نصير‘ ۾ هن طرح درج ڪيل آهي:

جان جا ڪرين نفي، تان ٿو اثبات ٿئي،
ناهہ ’نصير‘ نگاهہ ۾، الف بنا ڪو اي،
جت وحدت سندي وي، تتي نفي نہ اثبات ڪو.
(ص 11)

1. سردار سانگا سڀ ڪران هڻ مرشد ڪولون آوين،
ڏُونهان جهانان توڻ هٽڙا هِڪو واري چاوين،
گِهن سَقيلا 'لا' دا پڇي، ڪاندي ڪڙڳ ڪِنواوين،
نال تفنگ فنا دي جهبڙا، نال جسم دي لاوين،
نفي اثبات ڪنون جڏان لنگهين، تڏ سارا مقصد پاوين،
پڇي مار نغارا وحدت وارا، سولي سر چڙهاوين،
ڪر معراج سولي اُتي، اور ڳيت اناالحق ڳاوين،
آکي 'نصير' سائين هرگز هرگز پير اڳون تان پاوين، قدم اٺاوين.

2. هڪوار پيارا ڏاڍي ناز هِستي ڏيک هسدي هَسدي هَس ڳئي،
اُونهين ڏينهن ٿون ٻرهين مينهن ساڏي سر وَسدي وسدي وَس ڳئے،
مَل مَل ڏوُهين افسوس والي هٿ، گسدي گسدي گس ڳئے،
عاشق توڙ 'نصير' نباه آون، سڏڙي نسدي نسدي نس ڳئے.

3. طول وهاٽي مون نہ ٻاون، ٻاون يار دي ٻاٽي، مولا ڄاٽي،
طلب تساڏي ڏيک اسان ڪون، ڪيڙي ٻيڙي ڪاٽي، مولا ڄاٽي،
مَٺن ڪون فرقت فاني ڪيتا، نيتا جهور جهوراٽي، مولا ڄاٽي.
تئڏي ڪيتي راوي رت ٿيا، ساوي ڪانهن ڪوماٽي، مولا ڄاٽي،
مَنجهيان مول نہ مڙديان ماهي، الهه تُساڪون آٽي، مولا ڄاٽي،
چڙهہ ڪٽ تي آرام نہ آوي، چوڪے جهنگ دي ٽاٽي، مولا ڄاٽي،
راوي وانگر وهندي مئڏي، نيڻ 'نصير' نماٽي، مولا ڄاٽي.

**[بيت ـ رقيب]**

4. دلبر دي دروازي تي هڪ رهي حرامي حالا، مُنهن دا ڪالا،
لاٽي چاٽي دي هس عادت، هَي روڳي ريزالا، مُنهن دا ڪالا،
سو رڪ رقيب روازي ڪردا چتون والا چالا، مُنهن دا ڪالا،
لوٹر سوٹر وانگر وڙهدا، هي سوٹر دا سالا، مُنهن دا ڪالا،
چتون چغل چندورا چُهڙا، ٻاڙي بد افعالا، مُنهن دا ڪالا،
وقت وصل دا ڏيک بد نسل ٿيوي بي حالا، مُنهن دا ڪالا،
نانۀ اُنهندا ڪيوين گهتان، ٿيس ندورا نالا، مُنهن دا ڪالا،
ڪور اهو بي نور 'نصيرا' ٿيسي شري شالا، مُنهن دا ڪالا.

---

5. مَستين روز الست دا ڪيتا جان جسم قرباني،
ڪشف ڪيتوني ڦير تنهاني سڀ روز نهاني،
وَهُوَ مَعڪُم اَينمَا ڪُنتُم، هي فرموده فرقاني،
فڪر فقيران اُتي ناهين، ٻاجهون فڪر فاني،
وهم دوئي دا دور سَٽيندي، ٻاجهون راز رباني،
خيال رڪن هڪ وحدت والا، ناوت ذڪر زباني،
سمجهہ 'نصيرا' هر صورت وچ، سير هَيئي سلطاني.

## ريختہ هندي

هيءَ غزل "ڪلام شاهہ نصير" جي صفحي نمبر 117 تي ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ مصرعن ۽ لفظن جي ڪافي ڦيرڦار ٿيل آهي، پر اهو غزل آهي اڌورو ۽ اڻپورو، هيءَ ساڳي غزل علامہ تارڪ سائين پنهنجي بياض ۾ مڪمل درج ڪيو آهي، جيڪو هيٺ ڏجي ٿو:

مُئن يعقوب سي حيران، يوسف وار ڪب آوي،
زليخا سين ٻهون غم ۾ مصر بازار ڪب آوي،
نهين ننڊ آتي آ ڪهين ڪُون هے ڪڇهہ صبر خاطر ۾،
خدا سے مانگتا هُون طالع بيدار ڪب آوي،
نهين آرام رات اور دن دلِ بي صبر ميرے ڪو،
هميشہ منتظر هُون او پَري ديدار ڪب آوي،
ڪيا مجبور فراق مجهے ايسا ڪہ چون بادِ خزان گل ڪو،
ميرا فرياد يہ هے موسم گلزار ڪب آوي،
ڪهان قاصد نے اس ڪے هے ڪَهان ڪُهتا اوئي ڪَب ڪَت،
اوئي رنجور ديوانہ ميري دربار ڪب آوي،
تيري لشڪر مغلم ڪو جبلي جيسا خَسينا ڪو،
ڇڙانے ڪو 'نصيرا'، حيدر ڪرار ڪب آوي.

طوالت جي خوف ڪان حضرت شاهہ نصير (جنهن کي هفت زبان شاعر، فخرالشعراء، حضرت علامہ تارڪ (العلورانوڪ تعلقو وارهہ)، مولانا، هادي، مرشد سائين، نصيرالدين گهوٽ قدس الله سرہ العزيز عليہ السلام، سڏيو آهي ۽ سندس ڪلام کي سراسر الهام چيو آهي.) جي ڪلام مان بيتن جو جائزو ورتو اٿم ۽ ٻيو بہ سندس ڪلام گهڻوئي آهي، جيڪو تقابلي اڀياس ۾ آڻي سگهجي ٿو. پر هتي اهو ضروري ڄاتم تہ ٿوري تي اڪتفا ڪجي ۽ اڪتفا ڪيم. باقي جيڪو ڪلام آهي، سو جڏهن بہ سندس ڪلام جو ٻيو ڇاپو ڇپايو وڃي تہ ان ۾ اهو رهيل ڪلام اڀياس هيٺ آڻي داخل ڪيو وڃي تہ جيئن جيڪو بہ فرق ۽ تفاوت هوندو، اهو ظاهر ٿي پوندو.

مون گهڻو وقت اڳ پنهنجي مضمون (1995ع) شاهہ نصيرالدين نصير ۾ اهو ذڪر ڪيو هو تہ مون کي علامہ نجفي تارڪ جي قلمي بياض مان جيڪو شاهہ نصير جو ڪلام مليو آهي، تنهن ۾ "سنڌي ٻوليءَ جون پنج ڪافيون، سرائڪيءَ جون ٽي ڪافيون، سر سارنگ مان ڇهہ بيت، هيرا رانجهو جا سرائڪي سورنهن بيت، سنڌي ۽ سرائڪي ڇهہ بيت، سُر جوڳ جا سنڌي ۽ سرائڪي پندرنهن بيت (جنهن ۾ ڪجهہ بيت هير رانجهوءَ جا شامل ڪيل آهن). بيت در هزنامهائي سگ جو هڪ بيت، سر رقيب جا ٽي بيت، سنڌي ۽ سرائڪي ٻارنهن بيت، هڪ غزل ريختہ هندي، مرثيہ پنج (جنهن ۾ سلام جي عنوان سان بہ شامل آهن). سي حرفي هير رانجهن بہ ۽ ٻيون بہ سہ حرفيون" اچي وڃن ٿيون.

مون اڳي پنهنجي مضمون ۾ اهو ڄاڻايو هو تہ جيڪر شاهہ نصير جو ڪلام هڪ هنڌ ڪَٺو ڪري ڇپايو وڃي ۽ خاص ڪري مون سنڌ جي اهم اداري سنڌي ادبي بورڊ کي گذارش ڪئي هئي تہ هن درويش صفت انسان ۽ صوفي شاعر جي ڪلام گڏ ڪرڻ ۽ ڇپائي پڌرو ڪرڻ ۾ جيڪر وِڪ وڌائي تہ جيئن هن باڪمال شاعر جو ڪلام شايع بہ ٿئي ۽ ضايع ٿيڻ ڪان محفوظ پڻ ٿئي. سو اڄ مون کي خوشي ٿي آهي، جو حضرت شاهہ نصير جو ڪلام اشاعت جي زيور سان سينگاري سهڻو ڪري پڌرو ڪيو ويو آهي، اهو جس آهي ڊاڪٽر نواز علي شوق ۽ شاهہ نصير جي سجاده نشين کي، جن ذاتي ڪوششون وٺي ۽ هڙان وڙان خرچ ڪري شاهہ نصير سائينءَ جو ڪلام اَدب جي ميدان تي آندو آهي.

مرجع سالڪان نصيرالدين- منبع ڪاملان نصيرالدين.
بود در عصر خويش قطب زمان- غوث پير و جوان نصيرالدين.
گشت نوشهره منبع انوار- شدچہ پرتو فشان نصيرالدين.
از امانت همي توان گفتن- مرشد مرشدان نصيرالدين.
بود الهام از شعرش- داشت شيرين بيان نصيرالدين.
'تارڪ' آمد بدر گهش سائل،
رهبرش هر زمان نصيرالدين.

فخرالشعراء علامہ محمد هدايت علي نجفي تارڪ جو مٿي نظم ڏنو ائم، شاھ نصير جي ساراھ ۾ ڪهڙو نہ سهڻو نظم آهي، جنهن مان سندس فڪر و فن ۽ مرشد جي روپ ۾ واضح طور تي ڄاڻ ملي ٿي ۽ هرڪو سندس مقام ۽ مرتبو سمجهي ٿو، اهڙيءَ ريت شاھ صاحب جي باري ۾ هن نظم مان خوب محظوظ ٿي سگهي ٿو.

## مددي ڪتاب


1. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر (1961ع)، مولود، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد
2. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر (1961ع) ٽيھ اڪريون (جلد ٻيو) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد
3. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر (1985ع) سنڌي ڪافيون (جلد پهريون) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد
4. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر (1990ع) سنڌي ڪافيون (جلد ٽيون) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد
5. چنا، محبوب علي (1966ع) ڪليات امين محمد/ ڇاپو پهريون سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد
6. خانائي، قريشي حامد علي ڊاڪٽر (1987ع) ضلعو نوابشاھ، تاريخي شهر ۽ شخصيتون، ڊسٽرڪٽ نوابشاھ ڪلچرل سوسائٽي نوابشاھ سنڌ
7. شوق نواز علي ڊاڪٽر (2004ع) ڪلام شاھ نصير، شاھ نصيرالدين ادبي ۽ ثقافتي ڪاميٽي نوشهرو فيروز.
8. قريشي علي اڪبر اسير (مارچ 1995ع)، مضمون/شاھ نصيرالدين نصير، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد
9. مهر حاڪم علي (1-4-2007ع) روزانہ ڪاوش حيدرآباد (هائيڊ پارڪ)
10. نوشهروي سميع خانزاده (جنوري 1978ع) ماهوار نئين زندگي حيدرآباد


نوٽ: حضرت علامہ محمد هدايت علي نجفي تارڪ جو هيءُ بياض مڪمل 344 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ مختلف شاعرن جو فارسي، سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جمع ڪيائين، جن مان شاھ نصير بہ هڪ آهي. هن ئي بياض جي آخر ۾ پنهنجون ٽي مثنويون بيسرنامہ عطار، نظم مقبول ترجمہ مثنوي بهلول ۽ مثنوي برهان الواصلين (قرآن شريف جي چند آيتن جو ترجمو) درج ڪيون اٿائين، ٽنهي مثنوين جي فوٽو ڪاپي مون وٽ آهي.

ڪيو ويئا آهن خبر نہ آهي تہ اهي 5 مجموعا پنهنجي ساٿين ڪان ڪٿي وڃڙيا ۽ ڪيئن وڃڙيا.

ان ڪانسواء مخدوم صاحب جون ٻيون بہ تصنيفون آهن، جن جا يا تہ نالا مليا آهن يا خود دستياب آهن.

ڪنهن دور ۾ مشهور محقق پير حسام الدين راشدي صاحب، مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي تصنيفن جي الفابيٽيڪل فهرست "تماهي مهراڻ" ۾ ڏني هئي، جيڪا بعد ۾ "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" اندر بہ شايع ٿي هئي. مان بہ انهي طرز تي مخدوم محمد معين ٺٽوي جي تصنيفن جي فهرست ترتيب ڏني آهي، سا پيش خدمت آهي. جن ڪتابن جي باري ۾ معلومات ملي آهي تہ ڪاٿي آهن، انهن جي وضاحت "حوالا ۽ سمجهاڻيون" ۾ ڪئي آهي. ياد رهي تہ هيءَ فهرست 105 ڪتابن جي بيان تي مشتمل آهي .

**تصنيفات**

**مخدوم محمد معين بن محمد امين ٺٽوي**

(الفا بيٽيڪل فهرست).

**_الف_**

1. إبرَاءُ العينِ العَمياء فِي عدم ثبكتِ البتول الزهراء.
2. إبراز الضمير للمنصف الخبير.
3. إثباتُ واجب الوجود بِالمَنهِج الغير المعهود.
4. أداء النمة في ما بُدي مِن عَصمة الأئِمَة.
5. الاعتِدالاتُ الاربعة. (رسالة في الاعتدالات الاربعة) (2)
6. أقوَي النريعة في الفرق بَين الرافضي والشيعة.
7. إكسير الهداية والنفع في جمع احاديث الرافع. (3)
8. أنوار الوجد من منح المجد.
9. أنينُ الكربة في أحزان الغربة. (قصيدة مسماة بانين الكربة في احزان الغربة)
10. ايقاظ الوسنان في بطلان الكفاء ة باهل بيت الرضوان. (4)

**_ب_**

11. بادهة الورود في اثبات وحدة الوجود. (5)
12. البرهان اللازب على استحالة ترويج الكاذب. (6)
13. بَهجَةُ النظار في براء ة الابرار.
14. بوادر الجود في تحرير وحدة الوجود. (7)
15. بياض الحديث. (8)
16. البيان المحمود في أن الحقائق مع النفس في الهبوط والصعود.

**- ت -**

17. تُحفة الظريف في جمع الحديث با لضعيف.
18. تحفة النحرير في من نزلت فيہ آية التطهير.
19. ترصيص الاساس في اثبات التكوين مع الانفاس.(9) (رسالة في اثبات التكوين مع الانفاس)
   - تعليقات على بادهة الورود في اثبات وحدة الوجود. (حل العقود عن نقود بادهة الورود)
20. تعليقات على دلائل الخيرات. (10)
   - تعليقات على الآدابِ الباقيةِ (التنبيهات الوقية عن سوء الفهم في الآداب الباقية)
21. تعليقات على رسالة التَوَجه الأ ئم لِلقونوي.
22. تعليقات على رسالة صدع القدم.
23. تعليقات على نَير الضحي.
24. التنبيهاتُ الوَقِيَةُ عن سوء الفهم في الآداب الباقية (11) (تعليقات علي الآداب الباقية)
25. التنبيه على سوء الفهوم في أن المثلية لا تُوجِبُ العموم.(12)
26. تنبيه القاصر في منع تاخرِ خلق السماء عَن العناصر.
27. تنوير الهادي في رفع الايادي في جواب كشف الزين.
   - تعليقات على شرح الزوراء (جلاءالعين العمياء)

**- ث -**

28. ثبت الاسانيد (13)

**- ج -**

29. جلاء العين العمياء في حل عبارات شرح الزوراء. (تعليقات على شرح الزوراء). (14)
30. الجو هر الثمين في اثبات قدم التكوين. (15)
31. جمع النكات.

**- ح -**

32. حاشية شرح عمدة الاحكام لابن دقيق العيد

- حاشية شرح الزوراء (جلاء العين العمياء / تعليقات شرح الزوراء).

33. الحجة الباهرة في لزوم المعادين علي الاشاعرة.
34. الحجة الجلية في رد من قطع بالافضلية. (16)
35. حصول المرام في التوسل بخير الانام ﷺ.
36. الحق الصريح في ما يتعلق بشعور الميت في الضريح.
37. حل العقود عن نقود بادهة الورود. (تعليقات علیٰ بادهة الورود)

- خ -

38. خرق العاد ة الدرسية في بيان اسرار القصيدة الخرسية.
39. خرق العادة في بعض ما يتعلق بمسئلة الاعادة.
40. الخواطف مِن منح العواطف.

- د -

41. دراسات اللبيب في الاسوة الحسنة با لحبيب ﷺ. (17)
42. دفع ازدراء الصدراء عن عبارة الزوراء.
43. الدقيقة الفاخرة في كشف نزا هة العارفين.

- ر -

44. رسالة أويسيہ. (18)
45. رسالة في اثبات ايمان ابي طالب. (19)

- رسالة في اثبات التكوين مع االانفاس (ترصيص الاساس في اثبات التكوّين).

46. رسالة في الجواب عن ما اورد الشيخ حيات علي المواهب.
47. رسالة في الجواب عن ما كتب الشيخ حيات علي نير الضحیٰ .

- رسالة في انتقاد الموضعين من فتح القدير (غاية التحرير في تعقب عبارة فتح القدير).

48. رسالة في جواب ما كتب الشيخ محمد هاشم علي المكتوبين.
49. رسالة في بعض مصطلحات الزيج.
50. رسالة في بحث التناسخ. (20)

- رسالة في بيان الكلي الطبعي (منحة الالمعي في بيان الكلي الطبعي). (21)

51. رسالة في الرد علیٰ منهاج السنة لابن التيمية. (22)
52. رسالة في تحقيق معني حديث لا نُورث ما تَرَكنَاهُ فهو صدقة. (23)
53. رسالة في الكلام علیٰ حديث المصرّاة. (24)
54. رسالة في الاجوبة الفاضلة للاسئلة العشرة الكاملة.
55. رسالة في قدح يزيد. (25)
56. رفع الاشكال والزحمة في مآل الكل إلي الرحمة. (26)
57. رفع الالتباس في امر الخاتم والقرطاس.
58. رفع الجهالة في مد عهد الرسالة. (27)
59. رباعيات وغزليات علیٰ مذاق اهل الذوق.

- رسالة في الاعتدالات الاربعة. (الاعتدالات الاربعة)

60. رباعيات وقصائد في مرثية سيد الشهداء.
61. رفع الغين في تنزل العلم الي العين. (28)
62. رفع الغين في المنع علیٰ ان المهدي ليس من ولد الحسين.

- ز -

63. زبدة التدقيقات في تحقيق زيادة الصفات.

- س -

64. سحق الصلاية لمسئلة خاتم الولاية.

- ش -

65. شرح ابيات ثلاثة من القصيدة التائية (الهائية) من ديوان ابن الفارض.
66. شرح ديوان حافظ. (29)
67. شرح المثنوي المعنوي. (30)
68. شفاء العليل في حديث امامة جبرئيل.

- شرح العقائد الصوفية (المعرفة المحيرة)

- ص -

69. صدع القمر في تحقيق تعلق الوجود بالعدم. (31)
70. صحو المعلوم عن الموهوم في الفرق بين الحال المحمود والمذموم.

- ط -

71. طريقة العون في حقيقة الكون. (32)

- ع -

72. عقد الانامل في الايمان علي العلم الكامل .

- غ -

73. غاية الاعتماد في مسئلة الخضاب بالسواد.
74. غاية الايضاح في المحاكمة بين النووي وابن الصلاح. (33)
75. غاية التحرير في تعقب عبارة فتح القدير. (رسالة في انتقاد الموضعين من فتح القدير)
76. غاية الفسخ لما تمالؤوا عليه في مسئلة النسخ.
77. غاية ما ظهر لا ضعف الانام في ان الكلام المحتمل لا يوجب الاسلام. (34)
78. غاية مدارج الفك لعقدة قولهم اليقين لا يزول بشك. (35)

- ق -

79. قرة العين في البكاء علي الحسين*. (36)
80. القصيدة الخرسية في تحير جمال خير البرية ﷺ.
- قصيدة مسماة ب "انين الكربة في احزان الغربة" (انين الكربة في احزان الغربة).
- قصيدة مسماة ب "نعيم الانواق" (نعيم الانواق)
81. القول الجلي في بطلان النكاح بغير اذن الولي.
82. القول السوي في ايمان آباء النبي ﷺ

- ل -

83. لباب الاسرار (37)
84. لمعان الاشراقات في حل بعض مواضع النفحات.
85. اللمعة في شروط الجمعة.

- م -

86. مدد الغيوب في حل نكات كشف المحجوب.
87. المدرار الديمة الي الحا شية القديمة.
88. مرآ ة الشهود لوحدة الوجود والموجود. (38)
89. مرقات الافهام في مسئلة الكلام.
90. مطارحات التحقيق في ما يتعلق ببرهان التطبيق. (39)
91. الملتقط من الواضح كالبدر في وضع الايدي علي الصدر. (40)
92. المنتخب من مجمع النكات. (41)
93. منحة الالمعي في بيان الكلي الطبعي. (42)
94. منظوم فارسي درجواز گريستن بر امام حسين*. (43)
95. منهج السداد في قسمة معاش الاولاد
96. مواهب سيد البشر في حديث الخلفاء الاثني عشر. (44)
97. المعرفة المحيرة في شرح العقائد الصوفية (شرح العقائد الصوفية)

- ن -

98. نزل الاذكياء في شرح بيت واحد من ديوان سيد الاوصياء
99. نزهة الفهوم في تعريف اعجوبة العلوم .
100. نعيم الانواق (قصيدة مسماة ب "نعيم الانواق")
101. نورالعين في تحليل قول صاحب حكمة العين .
102. نير الضحیٰ في حكم قص اللحیٰ . (45)

- هـ -

103. هداية اولي الالباب في دلالة المطلق علي الاستيعاب.

- و -

104. الواضح كالبدر في وضع الايدي علي الصدر.
105. وصل الاصل في ابطال النقل.

## حوالا ۽ سجھاڻيون

(1) حواشي دراسات اللبيب طبع سنڌي ادبي بورڊ 1957 ص 292
(2) علامر قاسمي صاحب جي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي.
(3) سيوهاڻي بزرگن جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.
(4) علامر آء آء قاضي سينٽرل لائبريري، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ڏٺو اٿر.
(5) علامر قاسمي صاحب جي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي.
(6) راقمر الحروف وٽ قاسميه لائبرري ۾ موجود آهي.
(7) علامر قاسمي صاحب جي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي.
(8) سنڌ ميوزمر حيدرآباد ۾ موجود آهي.
(9) علامر قاسمي صاحب جي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي.

(10) سنڌ آرڪائيوز ۾ موجود ذخيره ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ اندر موجود آهي .
(11) چوٽيلاروي بزرگن جي ڪتب خاني ۾ (ڳوٺ ڪانڊيرو ڪنڀار لڳ هنگورنو،ڪپرو) ۾ موجود آهي.
(12) راقم الحروف وٽ قاسميه لائبرري ۾ موجود آهي.
(13) راقم الحروف وٽ قاسميه لائبرري ۾ ان جو عڪس موجود آهي.
(14) تذڪره مشاهيره سنڌ جلد 1 صفحه 163
(15) علامه قاسمي صاحب جي لائبرري ۾ موجود آهي. علامه قاسمي صاحب ان جو اردو ترجمو، ماهنامه "الولي" ۾ قسط وار شايع ڪيو هو .
(16) راقم الحروف وٽ قاسميه لائبرري ۾ ان جو فوٽو موجود آهي. ان رسالي جي رد ۾ شيخ حيات سنڌي ڪتاب لکيو هو.
(17) سنڌي ادبي بورڊ طرفان 1957 ۾ ڇپيو هو.
(18) تازو اردو ترجمي سان، وري سنڌي ترجمي سان شايع ٿيو آهي.
(19) ڏسو فقهاء هند جلد 2/5 صفحه 239
(20) علامه قاسمي صاحب جي لائبرري ۾ موجود آهي.
(21) ڏسو فقهاء هند جلد 2/5 صفحه 239
(22) اهو رسالو ته دستياب نه ٿي سگهيو آهي البته مخدوم محمد هاشم ٺٽوي طرفان ان جو رد "الحجة القوية" نالي سان ڊاڪٽر عبدالقيوم السنڌي (پروفيسر ام القرئ يونيورسٽي ، مڪة المڪرمة) جي تحقيق ۽ مقدمه سان، سعوديه ۾ شايع ٿيو آهي.
(23) راقم الحروف اهو رسالو ڏٺو آهي .
(24) ڏسو فقهاء هند جلد 2/5 صفحه 239
(25) ذخيره مخطوطات ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌ آرڪائيوز ڪراچي ۾ موجود آهي.
(26) علامه قاسمي صاحب جي ڪتبخاني ۾ محفوظ آهي.
(27) سيوهاڻي بزرگن وٽ موجود آهي.
(28) علامه قاسمي صاحب جي لائبرري ۾ محفوظ آهي.
(29) شرح ديوان حافظ جو ذڪر مولانا وفائي تذڪره مشاهيره سنڌ ج 1 ص 163 ۾ ڪيو
(30) شرح المثنوي جا ڪجهه اقتباس "لطائف المعلوم" نالي هڪ علمي بياض (تصنيف مولانا عبدالقادر پنهواري) ۾ راقم الحروف ڏٺا آهن.
(31) علامه قاسمي صاحب جي لائبرري ۾ محفوظ آهي.
(32) سنڌ آرڪائيوز (ذخيره ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) ۾ موجود آهي. ۽ علامه قاسمي صاحب جي ڪتب خاني ۾ به آهي.
(33) راقم الحروف وٽ قاسميه لائبرري ۾ ان جو عڪس موجود آهي.
(34) راقم الحروف وٽ ان جو خطي نسخو موجود آهي.
(35) راقم الحروف وٽ ان جو عڪس موجود آهي.
(36) ان جو خطي نسخو، مڪتبة الملڪ عبدالعزيز، مدينة المنورة ۾ موجود آهي.
(37) لباب الاسرار جو ذڪر "مناقب مخدومين" ۾ آيل آهي.
(38) علامه قاسمي صاحب جي لائبرري ۾ محفوظ آهي.
(39) علامه قاسمي صاحب ان جو اردو ترجمو "الولي" ۾ قسطوار شايع ڪيو هو.
(40) راقم الحروف وٽ ان جو قلمي نسخو موجود آهي.
(41) راقم وٽ ان جو عڪس موجود آهي.
(42) علامه قاسمي صاحب جي لائبرري ۾ محفوظ آهي
(43) راقم الحروف وٽ اهو منظوم ۽ ان جو جواب منظوم فارسي ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي طرفان، فوٽو اسٽيٽ موجود آهي.
(44) راقم الحروف ان جو ڪجهه حصو مٽياري ۾ ڏٺو هو.
(45) راقم وٽ ان جو عڪس موجود آهي.

مقصود گل

# شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ لفظن جي مصوري

شيخ اياز جهڙي هماليه قد شاعر تي لکڻ جي لاءِ ٻه وڏي هانءَ ۽ همت جي ضرورت آهي، پر محبت شيءِ ئي اهڙي آهي جا سڀ پابنديون ۽ پروٽوڪول نظرانداز ڪري پنهنجي اظهار لاءِ آتي ٿي ويندي آهي. هيءَ ٻه هڪ محبت جو اظهار آهي، جنهن منهنجي ننڍڙي قد ۽ قلم کي لکڻ تي مجبور ڪري شيخ اياز تي لکڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي.

شيخ اياز جهڙي سمنڊ سمان وسيع، گوناگون شخصيت ۽ ڪروڙين ستارن سان سجايل اُڀ سمان سندس فن ۽ فڪر جي بي پايان خزاني تي ڪير هڪ وقت ڪجهه لکي، سمجهي يا سمجهائي سگهي ٿو؟

هن شاعر جي شاعريءَ جا هزارين پهلو آهن، جنهن جي اکر اکر ۾ عميق سمايل آهي. جڏهن پڙهو تڏهن نئين نکوري. جڏهن سوچ، نئين معنيٰ ۽ نئون مفهوم. سندس ورن ورن ويچارن کي لفظن جي لڙهي ۾ پوئي پورو پوتاميل پيش ڪرڻ، مان سمجهان ٿو منهنجي وس جي ڳالهه ته هرگز نه آهي.

اسان جي ڏاهي ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ چيو آهي ته: ”شاعري ته گهڻا ڪندا آهن پر شاعر ڪو ڪو ئي هوندو آهي.“

شاعر جي اهميت، شيخ اياز جي لفظن ۾ هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿي: ”عظيم شاعر صدين جا سوداگر هوندا آهن. هو اهو وڻج (وڙ) ورهائيندا آهن، جنهن سان انساني من سدائين مالا مال رهندو آهي.“

انهيءَ حوالي سان اسان جو شيخ اياز ٻه هڪ اهو صدين جو سوداگر شاعر آهي، جنهنجي ورهايل وکر سان انساني من صدين تائين مالا مال ۽ سرشار رهندو.



شيخ اياز جي شاعريءَ جا اکيچار ويس ورن ۽ رنگ روپ آهن پر هتي مان سندس شاعريءَ ۾ ڪيل لفظن ۾ مصوريءَ واري پهلوءَ کي سامهون آڻڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

جيڪڏهن شيخ اياز جي شاعريءَ کي هڪ چيٽڪ يا مصور واري اک سان پڙهي ڏسبو ته شيخ اياز اسان کي هڪ چترڪار يا مصور شاعر جي صورت ۾ نظر ايندو [illegible] ته هن پنهنجي قلم کان چترڪار جي برش وارو ڪم ٻه ورتو آهي.

سندس شاعريءَ ۾ هزارين لفظ اهڙا ضرور ملن ٿا جن ۾ مصوريءَ جا عڪس نمايان نظر اچن ٿا ۽ سندن ڪيل شاعريءَ جي منظرنگاري مصور جي ناهيل ڪنهن تصوير وانگر هوبهو نقش ٺجي تصور جي ڪئنواس تي نکري نروار ٿي بيهي ٿي ۽ انهيءَ ڳالهه جو اظهار شيخ اياز پاڻ ٻه پنهنجي شاعريءَ ۾ هن ريت ڪيو آهي ته مان چترڪار شاعر آهيان.

آهيان مان آهيان،  
آهيان مان، توکان اڳي،  
ويهي چترڪار جيئن، توکي ٿو ناهيان

سنيو اميد علي چاڪي

# نوري ڪير هئي......؟

سنڌ جي سمن حاڪمن جي وقت ۾ ”نوري ڄام تماچي“ جي عشقيه داستان جنم ورتو. اڄڪلهه سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ عالمن، سگهڙن ۽ ڏاهن ماڻهن جي محفل ۾ نوريءَ تي بحث مباحثو هلندڙ آهي نوري مهاڻي آهي يا ڪا ٻي ذات. ظاهر ته اها ڪينجهر ڍنڍ تي رهندڙ مهاڻن مان هئي، جتي سنڌ جي بادشاهه ڄام تماچي سائنس عشق لاتو ڄام جو تخت ٺٽي لڳ ساموئيءَ ۾ هو. گهڻو ڪري سگهڙ ان ڳالهه تي بحث ڪندا آهن ته ”نوري“ راجه جسوڻ جي ڌيءَ هئي ڪنهن نه ڪنهن طرح سان اها مهاڻن تائين پهتي حوالي طور هڪ بيت به ڏيندا آهن.

هئين پيرن آڳرين، مُنهن نه مهاڻي، ڌيءَ جسوڻ راءِ جي.
ماءُ مروبت راڻي، سمي سُجاڻي ٻيڙو ٻڌس ٻانهن ۾ (ص 269- 01)

شاعرن جي سرتاج جي هڪ بيت ۾ پڻ اهڙا اهڃاڻ مليا آهن جيئن:-

هٿين، پيرين، لڪڻين، منهن نه مهاڻي،
جيئن سڳو وچ سرنڌڙي، تيئن راڻين منجهه راڻي
اصل هئي ان ڪي، اهل ڄاماڻي،
سمي سجاڻي، ٻيڙو ٻڌس ٻانهن ۾ ص 346. (02)

وري ٻين بيتن ۾ ڪيس ٺي، گندري ۽ مهاڻي به سڏيو مثال:-

مُهاڻيءَ جي مَن ۾ گيرپ نه گاءِ،
نيڻن سين ناز ڪري ريجهائين راءِ،
سمو سپن ملاءِ، هيرائين حرفت سين ص 345 (03)

اڄو ته نماڻيءَ نوريءَ کي عالمن جي نظر ۾ ڏسون.

ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ لکيو ته مستند روايت مطابق نوري راجه جسوڻ جي ڌيءَ هئي. راجه سمن حاڪمن جي دور ۾ ڪنهن رياست جو حڪمران هو. سندس والد جو نالو ڄام مهڙ هو. سندس زال جو نالو مرويت هو. نوري سندس ڌيءَ هئي. ننڍي هوندي ڪوڙهه جي مرض ۾ وڪوڙجي وئي. اهڙو اشارو ڄمڻ کان اڳ والدين کي ڪنهن بزرگ ڏنو هو. ڇوڪريءَ جي گهڻي زندگي تڪليف ۾ گذري انڪري ماڻهن هڪ دائيءَ کي ڏني ته ڪيس اوڙاهه ۾ اڇلائي. دائيءَ کي رستي ۾ ڪينجهر نالي مهاڻو گڏيو، جنهن ڪانئس ڇوڪري ورتي، وڏي ٿيڻ تي نوريءَ جو سڳ ڪوڙهه هڻڻ ڪري ڪنهن به ملاح نه ورتو. ڍنڍ تي رهندڙ بزرگ هنڌڙو شاهه جي دعا سان ٺيڪ ٿي ۽ ڄام تماچيءَ سان شادي ڪيائين ص 13 کان 16. (04)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان بابت ڪجهه روايتون آنديون آهن، جيڪي هن ريت آهن. روايت پهرينءَ ۾ آهي ته ”نوري گندري هئي، پر انهن واري ڪرت نه ڪندي هئي ص 248 روايت ٻيءَ ۾ آهي ته نوري جسوڻ بادشاهه جي ڌيءَ هئي ۽ تمام ڪوجهي هئي. انڪري ماءُ پيءُ ڇڏي ۽ ڪينجهر گندري نپائي. شاهه هونڏڙي جي دعا سان صحتياب ٿي، ص 254 روايت ٽين ۾ لکيو ته جسوڻ نالي سمون بادشاهه هو. جنهن جي ”ڪينجهر“ جي ڪپ تي حڪومت هئي. وڏيڪ نوريءَ جو ڄمڻ ڪوڙهه لڳڻ ۽ ”شاهه هونڏڙي“ جي دعا وارو بيان، ص 260. روايت چوٿين ۾ آهي ته نوري راجه جسوڻ راءِ جي ڌيءَ هئي. والد جي مارجي وڃڻ بعد سندس ماءُ ڌي سميت ڪينجهر جي گندرن ملاحن ۾ پناهه ورتي. راجا جي ٺٽي واري علائقي ۾ حڪومت هئي. ڄام تماچي سندس حڪومت ختم ڪئي. سندس حڪومت ڪينجهر ڍنڍ ڪان ڏکڻ طرف هئي ص 269. هن جو نالو نورئين هو. ص 171 ۽ ص 272 تي لکيل

مرتب ڏنل ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ مٿيون راجا اندازاً پنجين، ڇهين صدي ۽ يارهين صدي عيسويءَ ۾ هو. عربن جي آخري دور ۾ سومرن جي اوائلي دور جو هو (روايتن ۽ بيتن جي حوالي سان) ص 12 (50). هڪ رسالي ۾ لکيل آهي تہ سومرن جو پهريون حاڪم دلورا هو. جيڪو سن 733ع ۾ "اروڙ" ۾ نيم آزاد جي حيثيت ۾ حڪمران بڻيو، ص 19 (51). مولائي شيدائي مرحوم تاريخ طاهري جي حوالي سان لکيو تہ راجہ دلوراءِ جو علائقو "محمد طور" ۽ "الور" جي وچ تي هوندو هو. هي بادشاهہ ڏاڍو ظالم هو. سوداگر سيف الملوڪ ۽ سندس زال بديع الجمال وارو قصو هن بادشاهہ سان منسوب ڪيو وڃي ٿو. ص 248- 249 (52). بهرحال هن سنڌ جي بادشاهہ تي تحقيق جي ضرورت آهي. هتي مختصر بيان انڪري ڏنو ويو جو ڪجهہ احوال اڳ مليو تہ هي راجہ، راجہ جسوڻ جي وقت ۾ هو. گوهر سنڌي لکيو تہ مذڪوره حاڪم 1050ع کان 1053ع تائين هو. سندس تخت "الور" ۾ هو. درياءَ جي رخ ڦيرائڻ ڪري عربن جي شهر "محفوظ" ۾ رهيو تخت بہ اتي ئي ڪيائين. اهو شهر پوءِ دلوراءِ نالي سڏيو ص 21 (53). هہ سن 442 کان 445 بيهندو.

(الف)

## راجہ جسوڻ

1. مير قانع: هي قباچہ جي دور ۾ هو.
2. عبدالستار: هي راجہ قباچہ جي دور ۾ هو.
3. مرزا قليچ بيگ: هي راجہ قباچہ جي دور ۾ هو.
4. خانبهادر خان خداداد: هي راجہ قباچہ جي دور ۾ هو.

## (ب) ناصر الدين قباچہ جو زمانو

1. ايم ايچ پنهور: 1206ع- 1210ع ٻيون دفعو 1210ع کان 1227ع.
2. عبدالستار ڪوريجو: 624هہ 27- 1226ع ۾ وفات.
3. سيد اصغر علي شاهہ: 1227ع ۾ حڪومت ختم.
4. مولائي شيدائي: 602هہ کان 625هہ تائين.
5. سيد سليمان ندوي: 607هہ تائين ماتحت ۽ پوءِ آزاد
6. مير معصوم: نظام الملڪ جو بکر تي حملو 28 جمادالاول 625 هہ. قباچہ 19 جمادالاخر بروز ڇنڇر رات 625هہ ۾ وفات.
7. ڊاڪٽر مهر عبدالحق سومرو: ماتحت 1206ع- 1210ع.
8. چچ نامہ اشاراءِ واڌارا: 602هہ- 625هہ تائين.
9. ميمڻ عبدالمجيد: قباچہ دور ۾ 619هہ/ 1222ع ۾ جلال الدين خورازم شاهہ سنڌ ۾ آيو. قباچہ 9 جمادلاخر 625هہ ۾ درياءَ ۾ ٻڏو.

## ڄام تماچي

1. مولائي شيدائي: ٻہ ڀيرا حڪومت ڪئي. فيروز تغلق جو حملو 762هہ / 3161ع.
2. پروفيسر غلام محمد لاکو: حڪومت تي ويهڻ کانپوءِ گرفتاريءَ جو سال 1371ع. (773هہ تقويم تاريخي تان ورتل) هجري سن ص 193 آزادي 1388ع (هجري سن تقويم تاريخي ۾ 790هہ ص 198) ٻيون ڀيرو 1388ع کان شروع 13 سال حڪومت ڪئي.

ڄام تماچي وفات 1392ع (795هہ سن تقويم تاريخي تان ص 199) پهريون ڀيرو حڪومت ۾...... 1371ع..... (1)......

قيد ۾ 18 سال ٻيون ڀيرو حڪومت ۾ 1388ع کان 1392ع تائين (2) 05 سال

مير معصوم جي حوالي سان لکيو تہ 13 سال حڪومت ڪري گذاري ويو.

8. ”ڪلاچي“ تحقيقي جرنل جلد ٻيون ڊسمبر 1999ع ايڊيٽر ڊاڪٽر فهميده مرزا.
9. ”شاهه جي ڪلام ۾ مرد ڪردار“ ڊاڪٽر محمد ابراهيم سنڌي پي ايچ ڊي ٿيسز ڇاپو 2011ع روشني پبليڪيشن.
10. ماهوار نئين زندگي حيدرآباد فيبروري مارچ 2002ع ذوالحج، محرم 23-1422هه
11. جنت السنڌ: رحيم داد خان مولائي شيدائي ڇاپو 1985ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
12. تحفةالڪرام، مير علي شير قانع س ت.
13. سمن جي سلطنت: غلام محمد لاکو- ڇاپو 1987ع.
14. سنڌ ۾ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون: رچرڊ برٽن س ت- سنڌي ادبي بورڊ 1995ع.
15. سنڌ جي هندن جي تاريخ: جلد پهريون ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ڇاپو ٻيون 2002ع گلشن پبليڪيشن.
16. مهراڻ جنوري مارچ 1996ع مقالو: سنڌ جا ميربحر، انهن جون ذاتيون ۽ پاڙا.
17. ماهوار نئين زندگي آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر 2008ع شوال ذالحج 1429هه مضمون شاهه لطيف وٽ سماجي اڏاوت جو اعليٰ ۽ عظيم تصور.
18. ماهوار نئين زندگي جنوري 1980ع مضمون مومل جي مورت.
19. ماهوار نئين زندگي سيپٽمبر، آڪٽوبر 1994ع مضمون: نوري ۽ ڄام تماچي.
20. ماهوار نئين زندگي: اپريل، مئي 2007ع مضمون، نوريءَ جو نياز.
21. شاهه جو رسالو: غلام محمد ابراهيم شاهواڻي، ڇاپو ٻيون 61، 1960ع آر ايڇ احمد ائنڊ برادرس.
22. شاهه جو رسالو: ڊاڪٽر گربخشاڻي پٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڇاپو ٽيون 1985ع.
23. ماهوار نئين زندگي سيپٽمبر، آڪٽوبر 1994ع مضمون: ”نوري ڄام تماچي“ از محمد خان ڪنڀار ”مسڪين“
24. قديم سنڌ ۽ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو مرزا قليچ بيگ.
25. ماهوار نئين زندگي جنوري فيبروري 2000ع.
26. سُر ڏهر: مرتب ڊاڪٽر نواز علي شوق ڇاپو 1989ع مضمون يوسفاڻي.
ص 19- 20 معمور يوسفاڻي
ص 21=29، معمور يوسفاڻي
ص 85 = محمد حسين ڪاشف
ص 75= شيخ اسماعيل
ص 198= معمور يوسفاڻي
ص 194= پريتم پياسي
ص 197 معموريوسفاڻي
ص 198، معمور يوسفاڻي
27. سنڌ هڪ عام جائزو: تاريخ سنڌ- ايڇ ٽي لئمبرڪ، مترجم سليم احمد ڇاپو 2010ع.
28. سنڌ جون رياستون ۽ شهر: حافظ عبدالستار ڪوريجو.
29. قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو. مرزا قليچ بيگ.
30. لب تاريخ سنڌ: خانبهادر خداداد خان ڇاپو 1989ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
31. سنڌ پيرائتي ڪٿا. ايم ايڇ پنهور سنڌيڪار، عمر سومرو.
32. سنڌ جون رياستون ۽ شهر: حافظ عبدالستار ڪوريجو.
33. تاريخ پنجاب (اردو) نيوبڪ پيلس اردو بازار لاهور.
34. جنت السنڌ: مولائي شيدائي.

35. تاريخ سنڌ (اردو) علامہ سيد سليمان ندوي.
36. تاريخ معصومي، مير معصوم بکري.
37. سومرا راڄ گهراڻو، ڊاڪٽر مهر عبدالحق سومرو، س ت عمر سومرو ثقافت کاتو 2010ع.
38. چچ نامو. س ت.
39. سنڌ سياحن جي نظر ۾: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ڇاپو 2001ع روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
40. ماهوار نئين زندگي ڊسمبر 1981ع.
41. سنڌ پيراڻتي ڪٿا. ايم ايچ پنهور، سنڌيڪار عمر سومرو.
42. جنت السنڌ، مولائي شيدائي.
43. تحفةالڪرام، س ت مير علي شير قانع.
44. لب تاريخ سنڌ، خانبهادر خداداد خان.
45. سمن جي سلطنت، غلام محمد لاکو ڇاپو 1987ع.
46. تاريخ طاهري. طاهر محمد
47. تاريخ معصومي، مير معصوم بکري (س ت)
48. صوفي شاهہ عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر پي.ايچ.ڊي ٿيسز ڊاڪٽر محمد علي مانجهي جماري ڇاپو 2010ع.
49. سنڌ جي ڪوپاڻتي ڪٿا، ڊاڪٽر اديب انقلابي ڇاپو 1993ع سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد.
50. سهڻي مهيار ۽ نوري ڄام تماچي، مرتب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 2007ع.
51. ماهوار نئين زندگي فيبروري، مارچ 2005ع محرم، صفر 1426هہ.
52. جنت السنڌ مولائي شيدائي.
53. ماهوار نئين زندگي اپريل 2009ع ربيع الثاني 1430هہ. مضمون: سومرا دور جا حڪمران. از گوهر سنڌي.
54. ڪلاچي جرنل ڊسمبر 1999ع مضمون درياهہ جي ڏي مُنجهي آ محلن ۾.
55. ماهوار نئين زندگي، آڪٽوبر 2001ع رجب شعبان 1422هہ.
56. ماهوار نئين زندگي، سيپٽمبر، آڪٽوبر 1994ع مضمون: نوري ڄام تماچي از محمد خان مسڪين ڪنڀر.
57. صوفي شاهہ عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر. ڊاڪٽر محمد علي مانجهي.
58. رسالو شاهہ عنايت جو.
59. ماهوار نئين زندگي آڪٽوبر، نومبر 2003ع شعبان رمضان 1424ع.
60. رسالو غلام محمد خانزئي جو تصحيح: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 1985ع 1405هہ ڀٽ شاهہ ثقافت مرڪز.
61. شاهہ جو رسالو: شمس العماء مرزا قليچ بيگ ڇاپو چوٿون. 1994ع 1415هہ.
62. شاهہ جو رسالو. شمس العماء مرزا قليچ بيگ ڇاپو چوٿون. 1994ع 1415هہ.
63. سُر ڏهر: مرتب ڊاڪٽر نواز علي شوق.
64. شاهہ جو رسالو: شمس العماء مرزا قليچ بيگ.
65. سُر ڏهر: ڊاڪٽر نواز علي شوق
66. (الف) سُر ڪاموڏ: مرتب حميد سنڌي.
67. (ب) خوش خير محمد شاعر هو. بلوچ قبيلي هيسباڻيءَ مان هو. ڏسو ڪارا منهن موچارا مُنهن" ڪامريڊ مير محمد ٽالپور، ڇاپو 2000ع خوش خيرمحمد جو شعر قلمي ڪاپي تان ورتل.

موضوع گهڻي ڀاڱي هجرت، لڏپلاڻ ۽ فسادن جي نمائندگي ڪندي نظر اچن ٿا. جن ۾ پنهنجي ڌرتي پنهنجي زبان کان وڇڙڻ جو درد ۽ يادگيريون شامل آهن. ڊاڪٽر سحر امداد ان دور جي حالتن ڪي بيان ڪندي لکي ٿي ته "شروعات جا پهريان چند سال شاعري توڙي ڪهاڻي سنڌ کان جدائي جو هڪ نهايت دکدائڪ منظر پيش ڪندي نظر اچي ٿي. ساروڻيون سندن لفظ لفظ مان لڙڪن جيان ٽمن ٿيون. اکر اکر آگر ٿي اڀري ٿو، سٽ سٽ ۾ سڏڪا سمايل آهن، پر پوءِ وقت سان گڏ زميني حقيقتون جذبن تي حاوي ٿي وڃن ٿيون. ليڪن دل ۾ وري به سنڌ سمايل اٿن اها سڪ ، اڪير ۽ اداسي ڪڏهن خود بخود اٿلي ٿي پوي." (11)

1954ع ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين تي وقت جي حڪمرانن بندش وڌي، پر تنهن هوندي به هي تحريڪ ادب ۾ پنهنجو معيار قائم رکڻ ۾ ڪامياب ويئي ۽ هو ( حڪمران) سندس مقصد کي ختم ڪري ڪون سگهيا. بقول علي سردار جعفري جي ته" ترقي پسند تحريڪ جو اهو ادب جيڪو وقتي ضرورتن جي سبب لکيو ويو، تاريخ جو اهو حصوآهي ۽ اهو باب آهي جيڪو زنده آهي ۽ هميشه زنده رهندو. تاريخ ادب جو هڪ زنده ڪارنامو آهي ڪير به ان کي ختم ڪري نه ٿو سگهي. مستقبل جي راهه ۾ اهو ادب اسان لاءِ مشعل جي برابر ٿيندو ماڻهو گڏ ايندا رهندا ۽ قافلو بنجي ويندو. (13)

ان کان پوءِ سنڌي ادبي سنگت جو پهريون مرڪزي ڪنوينشن ٿيو، جنهن ڪيترن ئي معياري افسانن ۽ افسانه نگارن کي جنم ڏنو. حالتون تيزيءَ سان تبديل ٿي رهيون هيون. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ سماجي سڌاري تحت پڻ ڪيترين ئي تحريڪن جنم ورتو مثلاً حيدر بخش جتوئي جي حقن ۽ فلاح بهبود لاءِ قائم ڪيل "هاري حقدار تحريڪ" الائي تحريڪ جيڪا بقول سوڀو گيان چنداڻي جي ته انهيءَ لاءِ هلائي ويئي هئي ته جيڪا به زمين هندو ڇڏي ويا آهن اها مهاجرن کي الاٽ ڪرڻ بدران سنڌي هارين جن جي پيڙهي به پيڙهي پگهر ۽ رت شامل هو اها زمين انهن کي ڏني وڃي." (14)

هن تحريڪ ان وقت وڌيڪ زور پڪڙيو جڏهن سنڌي هارين کان زمينون ڪسي ٻارت کان لڏي آيل مسلمانن کي اهي زمينون ڪليم ۾ ڏنيو ويون . ته انهن حالتن پڻ افسانوي ادب تي پنهنجا اثرات مرتب ڪيا. سڀ کان وڏو سياسي بحران ون يونٽ جي قائم ٿيڻ سان ٿيو جنهن جي سياسي توڙي سماجي سطح تي ڀرپور مزاحمت ڪئي ويئي. جنهن کان پوءِ سنڌي ادب ۾ قوميت جي لاڙي زور پڪڙيو جنهن ڪري ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ به قوميت ۽ جديديت جا ادبي ۽ فڪري لاڙا ۽ تحريڪون به سنڌي ادب جو حصو بنجي اڀريون. بقول ڊاڪٽر حبيب الله صديقي جي ته "سنڌي ڪهاڻي جا فڪري لاڙا مختلف رهيا آهن ڇاڪاڻ ته فڪر ڪهاڻيڪار جو پنهنجو آهي ليڪن جنهن سماج ۾ هو رهي ٿو ۽ جنهن سماجي صورتحال بابت ڪهاڻي جو پلاٽ ناهيو ويو آهي انهيءَ ۾ گهٽا ئي نڪر، توڙ، پٿر يا لاهه ڪتل آهن جن کي ڪيڏي ٻاهر ڪرڻ هڪ ڪهاڻي ڪار لاءِ لازمي امر ٿئي ٿو. پوءِ جڏهن سماج جا ڪي پول پترا ٿين ٿا ته خود به انهيءَ سماج جو حصو آهي ٻين سان گڏ سماجي نا برابري نا انصافي، ڏاڍ ۽ ڏمر جو خود به شڪار بنيل آهي. تنهنڪري لا محالا سندس قلم هڪ رخ اختيار ڪري ٿو اها نعري بازي هجي، قوم پرستي ۽ ترقي پسندي جي تنوار هجي علامتي اظهار جو تڪرار هجي يا انقلابي شعلا بياني هجي اها روءِ داد سڀني اديبن سان لاڳو آهي. ان ۾ ڪهاڻيڪار گهڻ ۾ گهڻ تضاد جو مظاهرو ڪري ٿو ۽ وڌ ۾ وڌ پنهنجي ڪهاڻي جي پلاٽ، ڪردارن ۽ واقعن کي موثر انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. (15)

سياسي ۽ سماجي تحريڪن جي اثرات کان بچڻ هڪ عام ماڻهو لاءِ ته مناسب ٿي سگهي ٿو، پر هڪ سجاڳ انسان جو انهن ( تحريڪن) کان متاثر ٿيڻ اٽلرهوندو آهي. ان لاءِ جو اديب صرف پنهنجي ذات تائين پنهنجي ذات کي محدود نه ٿو رکي سگهي، هن مٿان ملڪ، معاشري ۽ قوم جي به نميواري آهي. انڪري سندس تخليق ۾ انهن سڀني رجحانن جو عمل دخل شامل هوندو آهي. بقول غلام



ڊاڪٽر مخمور بخاري

# حضرت سيد علي سرمست شاهه بخاري قلندر سائين جو وزير

تاريخ علم آهي ڪالهه ڪي ڄاڻڻ جو، اسان جيڪو وقت گذاري ٿا اڇون ان کي جيڪڏهن رقم نہ ڪجي تہ تاريخ جو وڏو خلاءُ پيدا ٿي وڃي ٿو ۽ وقت جي ٻوڙندڙ رفتار سان گهڻو ڪجهه ميسارجي وڃي ٿو، پر جيڪڏهن ان وقت کي جهٽي وٺجي، لفظن ۾ قيد ڪجي تہ تاريخ جا ڪيترائي باب ٻاثمرادو رقم ٿي وڃن ٿا. ڪيترائي سماجي، سياسي، ثقافتي، تهذيبي، تمدني، علمي واقعا پنهنجي تسلسل سان اسان تائين پهچي وڃن ٿا ۽ ڪڏهن ڪڏهن تاريخ جي صفحن ۾ ڪن اهم ٻلن جي کوٽ بہ پنهنجي جاءِ تي محسوس ٿيندي آهي. سنڌ جي شاندار علمي ۽ روحاني اتهاس ۾ حضرت قلندر شهباز جو مان مرتبو اعليٰ آهي، پر ان جي سوانح ۽ علمي مرتبي تائين گهڻو احوال تضادن جي ور چڙهيل نظر اچي ٿو. (انهن تضادن کي راقم پنهنجي هڪ مقالي ”قلندر شهباز تي نئين سر تحقيق جي ضرورت“ ۾ بحث هيٺ آندو آهي.)

حضرت قلندر شهباز جي چئني/ اڻ چئني احوال ۾ سندس خليفن جو ذڪر پڻ شامل آهي. لال سائين جي خليفن ۾ مخدوم علي سيوستاني، مير ڪلان، مير سيد صلاح الدين، پير پنو، مخدوم سڪندر بودلو ۽ سيد علي سرمست شامل آهن. ڪن تذڪرن ۾ سيد علي سرمست کي سيد علي بغدادي ڪري پڻ لکيو ويو آهي. اڄ هن محفل ۾ سيد علي سرمست بابت گفتگو ڪئي ويندي ڇاڪاڻ جو هن بزرگ بابت ڪو بہ مفصل احوال قلندر سائين بابت تذڪرن ۾ موجود ناهي.

سيد علي سرمست بابت تذڪرن ۾ جيڪي ڪجهه درج آهي، اهو ايترو تہ مختصر ۽ اڻ چٽو آهي جو ان مان شاهه صاحب جي سوانح توڙي علمي مرتبي بابت ڪا خاطر خواهه ڄاڻ نہ ٿي ملي، تنهن ڪري ضروري آهي هٿ آيل مواد جي آڌار تي اسان هن بزرگ بابت ڪا ڳالهه ٻولهه ڪيون.

سيد علي سرمست، حضرت سيد جلال الدين حيدر سرخپوش، جو فرزند ارجمند هو (1) ۽ قلندر شهباز جو وزير ليکجي ٿو. سيد جلال الدين حيدر، قلندر شهباز جي چئن يارن ۾ شمار ٿئي ٿو. پاڻ پنهنجي وقت جو عارف ڪامل ۽ اهل الله هو. سندن ولادت 595هه ۾ بخارا ۾ سيد علي ابو المويد بخارا جي گهر ٿي، سندن والد نقوي سادات هجڻ باوجود بخاري سڏرائيندو هو. سيد علي پنهنجي وقت جو اهلِ علم ۽ اهل فضيلت شخص هو، تنهنڪري سيد جلال الدين جي تعليم ۽ تربيت پاڻ ئي ڪرڻ فرمايائون. سن بلوغت کي پهچڻ کان اڳ ئي سيد جلال جون ڪرامتون ظاهر ٿيڻ شروع ٿيون. سندن والد کين اهڙن عملن کان روڪي ڇڏيو ۽ اجا بہ وڌيڪ اندر جي صفائي تي سوچ کي مرڪوز رکڻ جي تلقين ڪندا رهيا. جواني جي ڏاڪي تي قدم رکڻ کان پوءِ سندن والد بخارا جي هڪ نيڪ مرد سيد قاسم بخاري جي دختر سان سندن شادي ڪرايائون، جنهن مان کين بہ فرزند سيد جعفر ۽ سيد علي سرمست پيدا ٿيا. ڪجهه عرصي بعد بيبي صاحبہ وفات ڪئي، جنهن کان پوءِ سيد جلال الدين حيدر پنهنجي ٻنهي فرزندن سيد جعفر ۽ سيد علي سرمست سان گڏ پنهنجن بزرگن جي زيارت ۽ حصولِ علم جي لاءِ ڪربلا ۽ نجف اشرف پهتا جتان باطني فيض حاصل ڪرڻ بعد شام روانا ٿيا، جتي ڪجهه عرصو حضرت سليمانؑ جي روضي تي حاضري ڀريندا رهيا ۽ پنهنجي اندر ۾ حق جي حقيقت کي ڳوليندا رهيا، ان کان پوءِ مدينة منوره پهتا ۽ رسول اڪرم ﷺ جن جي روضي تي حاضري ڀريائون ۽ اتي بہ ڪجهه عرصو تعليم جي حصول ۽ روحاني منزلن جي اعليٰ ٿيڻ جي لاءِ ترسي پيا، نيٺ ايران جي رستي سنہ 630هه ۾ سکر/ بکر پهتا.(2)

سيد جلال الدين جي هن سفر جو عرصو ڪنهن

بہ نہ ڄاڻايو آهي. هڪ اندازي موجب اهو سفر لڳ ڀڳ ڏهن ورهين تي مشتمل هوندو، يعني 35 ورهين جي ڄمار ۾ سيد جلال الدين سنڌ پهتو، ساڻن سندن ٻئي فرزند حضرت سيد جعفر ۽ حضرت سيد علي سرمست گڏ هيا. اهڙي تصديق بخاري خاندان جي شجري ۽ تحفة الڪرام ۽ ڪن ٻين تذڪرن مان ٿئي ٿي(3). سنڌ پهچڻ کان پوءِ سيد جلال الدين حيدر بکر جي سادات سيد بدر الدين وٽ قيام ڪيو(4). سيد بدرالدين اهل الله ۽ درويش ۽ الله وارن سان انسيت رکندڙ هو. تحفة الڪرام ۾ ڪين سيد صدرالدين جو پٽ ڄاڻايو ويو آهي(5) جڏهن تہ سيد حسام الدين راشدي "حديقة الاولياء" جي مقدمي ۾ ڪيس سيد محمد مڪي جو وڏو پٽ ۽ سيد صدرالدين جو پاءُ سڏيو آهي(6). سيد صدرالدين جي احوال ۾ ڪٿي بہ سيد بدرالدين سندس پٽ ڄاڻايل ناهي. سيد محمد مڪي بکري ستين صدي هجري ۾ اچي بکر ۾ رهيو، ڪين شيخ شهاب الدين سهروردي (539هہ/ 632هہ) جي نياڻي مان چار پٽ ۽ ٻي ٻيبي مان سيد شمس ۽ سيد ماه بہ پٽ ڄاوا. پهرئين چئن مان سيد صدر الدين ۽ سيد بدرالدين بکر ۾ ڄاوا. سيد محمد مڪي 644هہ ۾ وصال فرمايو.

سيد بدرالدين جي شادي نصرت خان (غالباً سلطان سيد علاوالدين خلجي جي پاءُ) جي نياڻي سان ٿي جنهن مان ڪين ٻن پٽن سيد مرتضيٰ ۽ سيد سعد الدين ۽ غالباً ٻن نياڻين جو اولاد ٿيو. سيد مرتضيٰ ۽ سيد سعدالدين ملتان جي لانگاهہ سلطانن مان سڱ ورتا(7).

سيد حسام الدين راشدي ڪتاب "حديقة الاولياء" جي مقدمي ۾ سيد بدرالدين جي پڙهيل هڪ سنڌي بيت بہ ڏنو آهي:

ڪٿئين تان هارئين، مرين تہ وڃين واءُ

ٻنهي منجهئون هڪڙي، چڱي نہ ٿئي ڪاءُ(8).

ان ئي سيد بدرالدين پنهنجي نياڻي ڪنيز زهرئ، سيد جلال الدين حيدر جي نڪاح ۾ ڏني، جنهن مان سيد محمد غوث پيدا ٿيو ۽ ٻيبي صاحبہ وفات فرمائي، جنهن کان پوءِ شاهہ صاحب وري پنهنجي ٻي نياڻي ڪنيز اطهہ، سيد حيدر جي نڪاح ۾ ڏني جنهن مان ڪين سيد احمد ڪبير پيدا ٿيو(9). جنهن جي شادي وري پنهنجي مامي سيد مرتضيٰ جي نياڻي سان ٿي، جنهن مان سيد جلال جهانيان جهان گشت ۽ راڄو قتال پيدا ٿيا(10).

سيد جلال الدين حيدر بکر کان وري ملتان پهتو ۽ غوث بهاوالدين جو مريد بڻيو ان عرصي ۾ سندن فرزند سيد جعفر بخارا واپس هليو ويو البتہ سندن ٻيو نمبر فرزند ۽ قلندر شهباز جو وزير سيد علي سرمست ساڻن گڏ رهيو. اهڙي تصديق مون کي مختلف تذڪرن کان علاوه پنهنجي خانداني شجري مان ملي ٿي جنهن مطابق:

"سن 641 هہ ۾ (ملتان کان) بکر واپس آيا، ۽ اُتي سندن طبيعت کي قرار نہ آيو ۽ پنهنجي اهل عيال سميت ملتان ڏانهن وريا، ۽ ملتان بدران اچ شريف ۾ رهائش اختيار ڪيائون جيڪو ان وقت اوچائي تي هڪ ڳوٺ هو. انهي هجرت دوران سندن وڏو فرزند سيد جعفر واپس بخارا هليو ويو، سيد علي گڏ رهيو جيڪو اڳتي هلي سيد علي سرمست جي نالي سان مشهور ٿيو(11)."

سيد جلال الدين حيدر سرخ بخاري جو حضرت غوث بهاءالدين زڪريا، حضرت فريد شڪر گنج ۽ حضرت قلندر شهباز سان گڏ سنڌ ۽ هند جي سير ۽ سياحت مشهور آهي ۽ ان ئي سياحت دوران سيد علي سرمست پنهنجي والد سان گڏ رهيو هوندو ڇاڪاڻ جو هڪ تہ سيد جعفر جي بخارا واپس هليو وڃڻ بعد هوئي سنڌ ۾ والد جو وڏو پٽ هو. سندس بہ ڀيا ڀائر سيد محمد غوث ۽ سيد احمد ڪبير ننڍا هئا، ٻيو تہ شروعات کان هو والد سان گڏ رهيو. سندس تعليم ۽ تربيت حضرت سيد جلال الدين حيدر خود ڪئي هوندي گمان غالب آهي تہ ان ئي سير ۽ سياحت دوران سيد جلال الدين پنهنجي مرشد غوث بهاءالدين زڪريا جي حڪم تي يا پنهنجي مرضي موجب پنهنجي فرزند سيد علي سرمست، حضرت قلندر شهباز جي خدمت ۾ پيش ڪيو هوندو، هڪ اندازو اهو بہ آهي تہ حضرت جلال الدين اهو فيصلو قلندر شهباز جي وڏي ڄمار کي ڏسندي بہ ڪيو هجي.

سيد علي سرمست، سيد جلال الدين حيدر جو پيو نمبر فرزند هو. هو سنڌ ۾ ئي رهيو. سندس نسب هن ريت آهي:

سيد علي سرمست بن سيد جلال الدين حيدر سرخ پوش بن سيد علي ابو المويد بن سيد جعفر ابو تراب بن محمد ابو الفتح بن محمود بن احمد ابو يوسف بن عبدالله (جد سادات بخاري) بن علي الاشقر يا علي اصغر بن جعفر الزكي بن امام علي نقي بن امام محمد تقي بن امام علي رضا بن امام موسيٰ كاظم بن امام جعفر صادق بن امام باقر بن امام زين العابدين بن سيد الشهداءِ امام حسين عليه السلام بن حضرت علي عليه السلام بن ابو طالب(12).

سيد علي سرمست جو اولاد سنڌ ۾ هند ۾ پکڙيو. اسان جي خانداني معلومات ۽ شجري موجب سيد علي سرمست جي اولاد جو سلسلو هن ريت آهي:

سيد علي سرمست ان جو پٽ سيد بهاوالدين ان جو پٽ مبارڪ ان جو پٽ محمود ان جو پٽ حامد ان جو پٽ احمد ان جو پٽ محمد ان جو پٽ بهاوالدين ان جو پٽ رحمت ان جو پٽ شاهه حسين ان جو پٽ اجمل هاشم (لقب: ڪمال) ان جو پٽ احمد علي ان جو پٽ عارف ان جو پٽ فيروز ان جو پٽ عابد ان جو پٽ عباس ان جو پٽ محمد ان جو پٽ مسعود ان جو پٽ مير مست ان جو پٽ شمس الدين ان جو پٽ الهداد ان جو پٽ نذر محمد ان جو پٽ پير محمد ان جو پٽ مصطفيٰ ان جو پٽ نذر محمد ان جو پٽ پير محمد ان جو پٽ مصطفيٰ ان جو پٽ درويش شاهه ان جو پٽ پير محمد ان جو پٽ ابراهيم ان جو پٽ علي محمد ان جو پٽ واحد بخش ان جو پٽ ممتاز علي شاهه المعروف ڊاڪٽر ممتاز بخاري(13).

ڊاڪٽر ممتاز بخاري جن کي ٽي فرزند هر هڪ ڊاڪٽر سيد اسد الله شاهه بخاري، شهيد سيف بخاري "تنها" ۽ ڊاڪٽر رشد الله شاهه عرف مخمور بخاري ٿيا.

حضرت سيد علي سرمست، قلندر سائين جي محبوب نظر خليفن مان هو، تنهنڪري ئي کين لال سائين جو وزير ڪري سڏيو ويندو هو. شاهه صاحب جي ان چڻي احوال مان اها ڳالهه نٿي خبر پوي ته ڪهڙي سن ۾ سيد علي، قلندر سائين جو مريد ٿيو ۾ واقعن جي ترتيب مان اهو سمجهي سگهجي ٿو ته جڏهن چئن يارن گڏجي سنڌ ۽ هند جو سير ٿي ڪيو ته اهو زمانو اندازاً 641هه کان 649هه/ 1451ع جي وچ جو آهي. ڇاڪاڻ ته سن 641هه کان پوءِ ئي حضرت جلال الدين حيدر سرخ بيهر بکر کان اچ آيو. جڏهن ته شاهه صاحب 630هه ۾ بکر سيد بدر الدين وٽ آيو جنهن کان پوءِ 641هه تائين هڪ يا ٻه پيرا ملتان ويو ۽ نه رڳو غوث جو مريد ٿيو، پر ڪانئس روحاني حاصلات جي سلسلي ۾ رهنمائي به حاصل ڪئي. هوڏانهن ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد جي لکت موجب: "اندازاً قلندر شهباز 649هه/1451ع ۾ سير سياحت کان پوءِ سيوهڻ ۾ رهائش اختيار ڪئي."(14) هنن واقعن جي ترتيب مان اندازاً سيد علي سرمست، قلندر شهباز جو خليفو سن 641هه کان 649هه/1451ع جي وچ ڌاري ٿيو. جڏهن ته هنن واقعن مان اسان هڪ ٻيو اندازو به لڳايون ٿا ته سيد جلال الدين بخارا کان ڪربلا، نجف اشرف، شام، مدينة منوره کان ٿيندا ايران رستي 630هه ۾ بکر پهتا. سندن به فرزند سيد جعفر ۽ سيد علي ساڻن گڏ رهيا. سيد جلال الدين جيڪڏهن اهو سفر 620هه يا 622هه ۾ شروع ڪيو هوندو ته ان وقت سندن عمر 25 يا 27 ورهيه هوندي، ڇاڪاڻ ته سندن ولادت 595هه ۾ ٿي. ان خيال موجب سيد علي سرمست ان وقت پنجن کان ائن سالن جو هوندو يعني سندن ولادت 612هه کان 6-615هه جي وچ ڌاري ٿي هوندي ۽ جواني جي دور ۾ قلندر سائين جو خليفو بڻيو. هنن واقعن جي ترتيب مان ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي جي اها راءِ ته هو (سيد علي سرمست) والد جي حياتي ۾ واپس بخارا ويو(15) ۽ حبيب الله ٻڻي جي راءِ ته قلندر جي سياحت دوران هو کيس بغداد ۾ گڏيو ۽ اتان ساڻس گڏ سنڌ آيو(16) درست نه ٿي لڳي.

سيد علي سرمست، قلندر شهباز جو سڀ کان اهم خليفو ڏسجي ٿو، ڇاڪاڻ ته تذڪرن موجب قلندر شهباز پنهنجي آخري وقت سيد علي سرمست کي قلندري سلسلي بابت هدايتون ڏنيون ۽ پنهنجي تدفين واري جاءِ بابت پڻ کين حڪم فرمايو. جنهن

سروز علي سرور حيدرآبادي، وصي، شاهه محمد صوفي، رئيس مرزا خان، ماستر الاهي بخش، مولوي جان محمد، مولوي شفيع محمد هاتف، عبدالقادر ميمڻ، محمد رمضان ثاقب، راءِ صاحب منگهومل، واحد بخش عاشق.

ڪانفرنس جي پهرين نشست 26 تاريخ جو 10 وڳي شروع ٿي. تلاوت ڪلام پاڪ کان پوءِ واحد بخش عاشق، غلام محمد نظامي جي نعت سُر سان پڙهي. سيد علي اڪبر شاهه ڪانفرنس جو افتتاح ڪيو، رئيس ضياء مرحبائي تقرير پڙهي. ڪانفرنس جو پهريون ڏينهن "يومِ بلبل" ڪري ملهايو ويو. ڊاڪٽر خليل ۽ ٻين بلبل جي فن تي ڳالهايو، نشست کان پوءِ شريڪ احبابن مرحوم بلبل جي مزار تي وڃي دعا گهري. ڪانفرنس جي ٻي نشست رات انين وڳي شروع ٿي، جنهن ۾ غلام محمد گرامي ۽ ڊاڪٽر عبدالمجيد صديقي، بلبل بابت تقريرون ڪيون. ڊاڪٽر صديقي فارسي نظم ۽ جمع خان غريب، توقير ۽ صوفي شاهه محمد سنڌي نظم پڙهيا. ان کان پوءِ مشاعرو شروع ڪيو ويو.

مصرع طرح: "هوا بدلجي وئي آهه اڄ زماني جي."

اردو طرح: "عقل سجدے میں گری سر جھک گیا تدبیر کا"

ٻئي ڏينهن انين وڳي سبجيڪٽ ڪاميٽي جي ميٽنگ سيد علي اڪبر شاهه جي صدارت ۾ ٿي. ان ڏينهن ڊاڪٽر خليل "عيوب شاعري" مولانا عبدالڪريم چشتي "شاعري جو مقصد زندگي" ۽ حڪيم محمد صادق "سنڌي زبان" بابت مقالو پڙهيو. جميعت الشعراء سنڌ جون چونڊون ٿيون- شام جو مشاعري جي صدارت مولانا عبدالڪريم چشتي ڪئي، جيڪو 2 وڳي رات جو ختم ٿيو.

جن شاعرن شعر پڙهيا، انهن جو انتخاب:

**نواب علي نياز:**

پڇر چڙي ڏني بلبل ٻه اڄ تراني جي،
ڏنائين برق لڳي ان ڪي آشياني جي،
چمن ۾ ديده ۽ نرگس ٿي باربار روئي،
پوي ٿي ياد انهي ڪي ٻه ڪنهن فساني جي.

**محمد بخش واصف:**

خبر نه آهه ڪِري ڪهڙي باغ ۾ بجلي،
جو خاڪ اڏري ٿي بلبل جي آشياني جي،
نه چمن، نه پکي سي نه سا فضا ۽ بهار،
هوا بدلجي وئي آهه اڄ زماني جي.

**ڊاڪٽر ابراهيم خليل:**

اهائي شاخ برباد آشياني جي،
جا يادگاري هئي منهنجي ڪنهن زماني جي،
چمن ته آهه ٿيو منهنجي خون سان رنگين،
ڏسو بهار ۾ سرخي سندم فساني جي.

**ماستر محمد عالم:**

ڇُپن ٿا تير ستم تون پڇين ٿو ڇا حالت،
جگر جي سيني ۽ قلب جي نشاني جي،
چمن ۾ ڪانءُ ٿا ڳاهين پنهنجا آڪيرا،
ملي ٿي جاءِ نه بلبل ڪي آشياني جي.

**حافظ محمد حيات شاهه:**

اوهان جو پانيو ٿا رستو حرم جي مسجد جي،
اها ته راهه چون ٿا شراب خاني جي،
هجي ڪا صاف سچي ڳالهه سا چئي چڙجي،
ڪجي تلاش نه هرگز ڪنهن بهاني جي.

**سليم ڳاڙهوي:**

جلايو برق سجو گهر ۽ پَرَ چڙيا ساڙي،
اڃان نظر رهي صياد جي نشاني جي،
نه پنهنجا پنهنجا رهيا ۽ دوست دوست رهيا،
هوا بدلجي وئي آهه اڄ زماني جي.

**عبدالعزيز ڏوڪري:**

انهيءَ ڪي لطف ڇا ڏئي نسيم آزادي،
هوا جنهن ڪي وٺيل آهه قيدخاني جي،
ڪِري ڪا برق غضب اهڙي آهه دنيا جي،
جو تيلي تيلي سڙي جڳ جي آشياني جي.

**واحد بخش عاشق:**

سدائين خوش ٿا رهون آسمان جي ڇت هيٺ،
نه آهه گهرج غريبن ڪي شلمياني جي،
مان پنهنجي درد جي لاءِ سمجهان ٿو اها اڪسير،
ملي جي خاڪ وڃي ان جي آستاني تي.

ڏهر+ ڪي= ڏهرڪي

.مهر+ ڪي = مهرڪي

گهوٽ+ ڪي = گهوٽڪي

هينري پاٽنجر پهريون انگريز سياح آهي، جنهن 1810ع ۾ صحيح ۽ نوس علمي بنيادن تي چانڊڪا پرڳڻي جي قديم نالي کي ”چانبوڪي“ سمجهندي، ان جي معنيٰ ۽ اشتقاق تي بحث ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته:

”لفظ چانبوڪيءَ جي معنيٰ سنڌ جي جديد ٻوليءَ ۾ آهي،
چانديءَ جي، يعني استعاره طور ان جو مطلب خوشحالي،
آسوده يا اک کي سهڻو نظر ايندڙ آهي.......... (182).“

هن مٿئين بحث مان هينئان نتيجا سامهون اچن ٿا:

1. موجوده چانڊڪا علائقي جي نالي جي پهرين تحريري صورت ”چانبوڪي“ هئي، جنهن کي ڪجهه مؤرخن ۽ سياحن چانبوڪي، چانڊڪي، چانبوڪ، چانڊڪو جي صورتن ۾ به لکيو آهي.
2. چانبوڪي، مرتب لفظ آهي، جنهن جو بنياد ’چانڊ‘ آهي، جيڪو سنسڪرت جي ”چندراهه“ مان مشتق آهي. ان ۾ ڪي، اوڪي پڇاڙيون ملائي چانڊڪي ۽ چانبوڪي ٺاهيو ويو آهي. اهي پڇاڙيون سنسڪرت نه بلڪ دراوڙي آهن. يعني ته چانبوڪي مرتب لفظ جي صورت تمام پراڻي ۽ دراوڙ دور جو يادگار آهي.
3. ڪاڇو يا ڪاڇي جي زمين ۽ علائقو بيابان ۽ سنئون پٽ ۽ ميدان آهي، جيڪو ڏينهن ۽ رات جو چانبوڪيءَ جو ڏيک ڏيندو آهي. جيڪڏهن نئن جو پاڻي منجهس اچي وڃي ته پوءِ اهو علائقو رات ۽ ڏينهن جو چانديءَ وانگي نظر ايندو ۽ پيداوار به ججهو ڏئي ٿو. ان لاءِ استعارن مٿس نالو ”چانبوڪي“ يا ”چانڊڪي“ پيو.
4. هينري پاٽنجر علائقي جي جاگرافيائي بيهڪ، پس منظر، معنيٰ ۽ وجهه تسميه کي صحيح سمجهندي، ان جي معنيٰ تي درست رخ ۾ بحث ڪيو آهي.

## چانڊڪا:

مليل تاريخي شاهدين ۽ اسان جي مطالعي جي روءِ سان ”چانڊڪا“ نالو يا لفظ پهريون دفعو 1634ع ۾ يوسف ميرڪ استعمال ڪيو آهي(183). منشي عطا محمد 1854ع ۾ ”چانڊڪا“ لفظ تحرير ڪيو آهي(184). اي ڊبليو هيوگز 1876ع ۾ پڻ ”چانڊوڪا“ لفظ لکيو آهي(185). ٽوپڻ مل 1880ع ۾ ”چانڊڪا“ صورت رقم ڪيو آهي(186). ايٽڪن 1907ع ۾ ”چانڊڪا“ صورت ڪتب آندو آهي(187). مرزا قليچ بيگ پڻ انگريزن جي تحريرن کي نقل ڪندي ”چانڊڪا“ لفظ ڪتب آندو آهي (188). ان کان بعد سنڌ جا ڏيهي ۽ پرڏيهي مؤرخ ۽ سياح صرف ”چانڊڪا“ لفظ کي ترجيح ڏيئي لکندا رهيا آهن ۽ عوام ۾ پڻ هاڻي اهوئي لفظ مستعمل آهي. ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته چانڊڪا لفظ سترهين صديءَ جي پهرين چوٿائيءَ ۾ مشهور ۽ معروف ٿيو. ان کان اڳ چانبوڪي (چانبوڪ ۽ چنبوڪي) مروج هئا.

چانڊڪا نالي يا لفظ جي اصل صورت ”چاند“ يا ”چانڊ“ آهي، جنهن ۾ ”اوڪي ۽ ”ڪي“ پڇاڙين بدران ”ڪا“ پڇاڙي ملائي ”چانڊڪا“ مرتب لفظ ٺاهيو ويو آهي.

چانبوڪي، چنبوڪي، چنبوڪ لفظن جو بنياد ”چندراهه“ آهي، پر ”چانڊڪا“ لفظ سنسڪرت جي لفظ ”چانڊريڪا“ (Chandrika) يعني چنڊ جي روشني، چانبوڪي (Moon light)، چنڊ وارو، روشن، تجلو رڪندڙ، جي تبديل ٿيل صورت آهي(189). چانڊريڪا مرتب لفظ آهي، جنهن ۾ چانڊ مفرد ۽ آزاد صورت آهي، جيڪو صفت

طور ڪم اچي ٿو، جنهن جي معنيٰ چنڊ جو، قمري، چانڊوڪي وغيره آهي. ان کي ڪڏهن ”چانڊر“ به چوندا آهن(190). انهي چاندر يا چاندري ۾ بي ”ڪا“ پڇاڙي لڳائي چاندريڪا لفظ بڻايو ويو آهي. جنهن جي معنيٰ چنڊ واري روشني، چنڊ جي روشني، چانڊوڪي، چانڊاڻ آهي. پر ڦرڙو صاحب غلطيءَ وچان ”چاندريڪا“ لفظ کي ”چنڊڪا“ لکيو آهي(191). جيڪو صحيح نہ آهي.

عام ڳالهائجندڙ سنڌي ٻولي (Spoken Language) ۾ ”چاندريڪا“ کي ”چانڊڪا“ استعمال ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ ’چاندري‘ لفظ جي پڇاڙي يعني ’چاندري‘ لفظ جي وچياڙي حذف ڪئي وئي آهي. لسانيات ۾ لفظ جي اندر ڪن آوازن جو حذف ٿيڻ يا گم ٿي وڃڻ کي ”تاريخي سَنڌِي“ (Historical Assimilation) چئبو آهي. جيئن لڪشڻ مان شد آواز حذف ٿي ۽ ڪ آواز ک ۾ تبديل ٿي ”لکڻ“ ۽ پوءِ لڇڻ صورت اختيار ڪيائين. درجن مان ”د“ آواز ”ڏ“ ۾ تبديل ٿيو ۽ ”ر“ حذف ٿيو ۽ ”جن“، ”جڻ“ آواز ۾ تبديل ٿي ”ڏجڻ“ صورت اختيار ڪيائين، مثال طور:

لڪشڻ > لڇڻ > لکڻ

درجن > ڏُجَڻ

ننڌرَ > ننڊَ

چنڌرَ > چَنڊُ (192).

اهڙي طرح سنسڪرت لفظ ”چاندريڪا“ ۾ ”چاند“ لفظ ”چانڊ“ ۾ تبديل ٿيو، ۽ ”ري“ پڇاڙي حذف ٿي باقي ”چانڊڪا“ صورت اختيار ڪيائين، جنهن جي معنيٰ چنڊ واري روشني، چانڊوڪي، چانڊاڻ، چنڊ جي روشني آهي.

”چانڊڪا“ لفظ ۾ ”ڪا“ پڇاڙي هند آريائي بڻ بنياد نشاني جي آهي جيڪا صفت نسبتي طور استعمال ٿئي ٿي. قديم دور ۾ هند ۽ سنڌ ۾ ڪيترائي اهڙا شهر، علائقا ۽ قبيلن جا نالا آهن، جن جي پڇاڙيءَ ۾ ڪا پڇاڙي استعمال ٿيل آهي، جنهن مان ”وارو“ يا ”اتان جو رهاڪو“ يا ”رهڻ وارو“ يا ”جو“ جي معنيٰ ورتي وئي آهي.

مثلاً:

دوار+ ڪا= دوارڪا يعني دروازي وارو يا گجرات جو رهاڪو ۽ رهندڙ.

ايونيہ+ ڪا= ايونيڪا يعني ايونيڪا جو رهاڪو يا رهائشي

پريمي+ ڪا= پريميڪا يعني پيار ڪرڻ واري، محبوب رکڻ واري.

انام+ ڪا= اناميڪا يعني غير نالي وارو، بي نام

لمپا+ ڪا= لمپاڪا يعني لمپا جو رهاڪو

ايوڏيہ+ ڪا= ايوڏيڪا يعني ايوڏيہ جو رهاڪو

امبا+ ڪا= امباڪا يعني ماءُ وارو، ماءُ (جنهن جو/ جي ماءُ زنده هجي) رکڻ وارو.

اپتيا+ ڪا= اپتياڪا يعني جبل جي هيٺيان رهڻ وارو (193).

هن مٿئين بحث مان هيٺيان نتيجا سامهون اچن ٿا تہ:

1. چانڊڪا نالو يا لفظ هڪ مرتب لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ- چنڊ وارو، چنڊ جي آهي جيڪو سنسڪرت لفظ ’چاندريڪا‘ جي تبديل ٿيل صورت آهي.

2. چانڊڪا لفظ پهريون دفعو تحريري صورت ۾ سترهين صديءَ جي پهرين چوٿائيءَ ۾ مستعمل ٿيو ۽ مليل معلومات جي آڌار تي اهو لفظ پهريون دفعو يوسف ميرڪ استعمال ڪيو آهي.

3. هاڻي جديد دور ۾ چانڊوڪي بدران چانڊڪا لفظ عوام ۾ مستعمل آهي.

## چاندوڪي يا چانڊڪا علائقي تي نالي پوڻ جا تاريخي سبب ۽ دور جو تعين:

هتي هيءُ سوال اُڀري ٿو تہ جنهن علائقي کي هاڻي چانڊڪا نالي سان سڏيو وڃي ٿو، ان تي ان نالي پوڻ جا ڪهڙا سبب هئا يا آهن؟ ان سببن کي ڳولڻ يا معلوم ڪرڻ لاءِ اسان کي قديم تاريخ ڏانهن رجوع ڪرڻو پوندو تہ جيئن سمورا سبب معلوم ٿي سگهن. چانڊڪا علائقي تي چانڊڪا نالو پوڻ متعلق گهڻو ڦڻي مواد ٽڙيل ۽ پکڙيل صورت ۾ موجود آهي پر اهو سمورو گماني ۽ ظني آهي. ان لاءِ انهن تي ڀروسو نہ ٿو ڪري سگهجي. ان ظني مواد کان هٽي ڪري محقق دين محمد ڪلهوڙي جو "چانڊڪا" جي نالي ۽ قدامت متعلق ٽيل تحقيق هڪ ڪار آمد ۽ دستاويزي ثبوت جي حيثيت رکي ٿي. محقق دين محمد ڪلهوڙو صاحب لکي ٿو تہ:

> "راجا ڏاهر (712ع- 700ع) جي ڏينهن ۾ هاٽوڪي قنبر، وارهہ ۽ ڏوڪري جي اولهہ- اتر جي ڪاڇي واري جابلو ۽ وارياسي پٽيءَ تي راءِ گهراڻي (راءِ قنوج) جي هڪ هندو عورت چانڊني بائي راڄ ڪندي هئي....... حالانڪ چانڊنيءَ جو ذڪر ڪنهن بہ تاريخي ڪتاب ۾ نہ آيو آهي. البتہ اهو حوالو هڪ مقامي قلمي نسخي "خزانة العلم" مان هٿ آيو آهي جيڪو 17 صدي عيسوي جي وچ ڌاري (1054هہ) جو لکيل آهي. محمد عفي عنه نالي هڪ سنڌي عالم انهيءَ ڪتاب جا مختصر پيش لفظ ابوالحسن جي سنڌي (الف اشباع) ۾ لکيا آهن.......(194)."

دين محمد ڪلهوڙو صاحب اڳتي لکي ٿو تہ:

> "محمد عفي عنه اهو نسخو محمد شفيع جي هڪ فارسي ڪتاب تان نقل ڪيو آهي، جنهن لاءِ هو چوي ٿو تہ هن جا وڏا اهو نسخو محمد بن قاسم کان بہ اڳ هتي (هاٽوڪي قنبر) ڪٺي آيا...........(195)."

دين محمد ڪلهوڙو بہ سال پوءِ يعني 2005ع ۾ وري پنهنجي ان ساڳي راءِ کي دهرائيندي لکي ٿو تہ:

> "دراصل چانڊڪا، سمن جي دور (1519ع-1350ع) کان اڳ ۾ چانڊوڪي جي نالي سان آباد هو. ڊاڪٽر مبارڪ علي ان کي "چانبوڪيا" ڪري لکيو آهي. 'چانبوڪي' کان اڳ واري دور جون ڪُجهہ حقيقتون پراڻن قلمي نسخن مان ملن ٿيون، تہ اهو علائقو عربن جي دور کان اڳ برهمڻ دور (712-622ع) ۾ 'چانڊني' نالي ڪنهن هندو عورت جي جاگير هو. هن وقت بہ تعلقي وارهہ ۾ چانڊني جاگير نالي هڪ ديهہ بہ واقع آهي. پانئجي ٿو تہ 'چانبوڪي' لفظ مذڪوره راڻي 'چانڊني' جي نالي جي بگڙيل صورت آهي، جو پوءِ سمن جي دؤر ۾ چانڊني جي آبادڪاري کان پوءِ بگڙجي چانڊڪو ٿيو...........(196)."

ڪلهوڙي صاحب جي مٿين تحريرن (قلمي صفحي جي تحرير نہ) مان هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا:

1. راجا ڏاهر جي دور ۾، ڪاڇي تي راءِ گهراڻي جي هڪ عورت چانڊني بائي حڪومت ڪندي هئي. هن وقت بہ وارهہ ۾ چانڊني نالي جاگير موجود آهي، جا ان عورت حڪمران جي جاگير جي ياد تازه ڪري ٿي.
2. چانبوڪي ان چانڊني نالي عورت حڪمران جي نالي جي بگڙيل صورت آهي، جو پوءِ سمن جي دور ۾ چانڊين جي رهائش جي ڪري چانڊڪو ۾ تبديل ٿي.

3. چاندني ٻائي واري معلومات هڪ فارسي قلمي ڪتاب "خزانة العلم" تان ڪنئي وئي آهي. اهو ڪتاب محمد شفيع لکيو آهي. جنهن تان وري محمد عفي عنه نقل ڪيو آهي، جيڪو سترهين صديءَ جو لکيل آهي. جنهن لاءِ (محمد عفي عنه) لکيو آهي ته هيءُ ڪتاب (محمد شفيع جا وڏا) عربستان مان قنبر ۾ ڪٿي آيا هئا.

هيٺ اسان دين محمد ڪلهوڙي جي مٿين ٽنهي اهم نُڪتن جو جائزو وٺي ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته واقعي ڪلهوڙو صاحب قلمي نسخي جي حوالي سان صحيح نتيجا اخذ ڪيا آهن يا ڪانئس ڪي تحقيقي پيچيدگيون سرزد ٿيون آهن.

1. اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي قطعي آهي ته برهمڻ دور کان اڳ راءِ خاندان جي حڪومت هئي. هن خاندان جا بالترتيب هينيان پنج حڪمران ٿي گذريا آهن:

| | |
|---|---|
| 1. راءِ ديوائج | 560ع- 545ع |
| 2. راءِ سهيرس (پهريون) | 583ع- 560ع |
| 3. راءِ سهاسي (پهريون) | 601ع- 583ع |
| 4. راءِ سهيرس (ٻيو) | 630ع- 601ع |
| 5. راءِ سهاسي (ٻيو) | 640ع- 630ع. (197). |

ان کان پوءِ چچ برهمڻ جي حڪومت شروع ٿي. هن خاندان مان چچ (680ع- 640ع)، چندر (688ع- 680ع) ۽ ڏاهر (712ع- 688ع) حڪمران ٿيا (198).

چچ برهمڻ جي دور ۾ راءِ خاندان جي هڪ عورت جو عليحده ۽ اڪيلي حڪومت ڪرڻ هڪ عجوبي کان گهٽ نه آهي. جو ته راءِ سهاسي (ٻئي) جي زال سونهن ديوي چچ کي حڪومت وٺرائي ڏيڻ ۾ پنهنجا سمورا ملڻ سندس تابع ڪرايا ۽ ڪن مخالفن کي قتل ڪرائي ڇڏيو. ان کان پوءِ برهمڻن واري سنڌ جي جاگرافيائي حدن اندر راءِ خاندان جو ڪوبه فرد حڪمران نه رهيو ۽ نه ٿي هو. ان لاءِ ان دور ۾ هڪ عورت کي بطور حڪمران ڏيکارڻ غلطي آهي.

2. ڪلهوڙو صاحب "چاندڪو" لفظ کي پهرين ۽ ابتدائي شڪل قرار ڏنو آهي ۽ پوءِ سمن جي دور ۾ ان علائقي ۾ چاندين جي رهائش جي وجهه کان "چانڊوڪي" نالو مشهور ٿيڻ جو جواز ڳوليو اٿس جيڪو صحيح نه آهي جو ته اسان مٿي تحقيقي طور ثابت ڪري آيا آهيون ته "چانڊوڪي" پهرين ۽ اوائلي صورت آهي ۽ چاندڪو پڻ انهيءَ لفظ جي بنياد مان مشتق ٿيل ثانوي لفظ آهي. جنهن ۾ صرف "و" ۽ "ڪ" آوازن جي تبديلي واقع آهي. جڏهن ته حقيقت ۾ "چانڊوڪي" لفظ چاندين جي اچڻ کان گهڻو اڳ مروج هو. جيئن ڪلهوڙو صاحب پاڻ تسليم ڪري ٿو ته:

"دراصل چانڊڪا، سمن جي دور (1519ع-1350ع) کان اڳ ۾ چانڊوڪي جي نالي سان آباد هو...... (199)."

ته پوءِ چاندين جي رهائش ڪري، چانڊوڪي لفظ جو مروج ٿيڻ جو جواز پيدا ڪرڻ يا ڳولهڻ ضروري نه آهي.

3. دين محمد ڪلهوڙي صاحب لکيو آهي ته 'خزانة العلم' نالي فارسي ڪتاب محمد شفيع جو لکيل آهي، جنهن جا وڏا محمد بن قاسم کان اڳ آيا هئا. جيڪو سترهين صدي جو لکيل آهي. محمد عفي عنه نالي هڪ سنڌي عالم ان جا مختصر پيش لفظ لکيا آهن. اسان هيٺ اصل تحرير جو نمونو ۽ پوءِ هيٺ ان کي جديد سنڌي رسم الخط ۾ به پيش ڪنداسين. مثلاً:

"ڪاڇو چنو، سنڌ سمو، پٽي جيسلمير. چنن جو پنهنجي اهم مرڪز يعني ڪاڇي ۾ وڏا، ماڇڪ ذات يا قبيلن وارن سان برادري ۽ قبيلائي اتحاد هو. جيئن سنڌن، ان اتحاد بابت مشهور آهي تہ: چنا، وڏا، ماڇڪ، موره منگ ڏتي(201).

هنن ذاتين يا قبيلن مان وڏا يا وڏيا دراوڙي قبيلو آهي، ۽ براهوئي قوم جو هڪ ٽڪل يا عليحده نسلي فرقو آهي جو تہ براهوئي لفظ ودا ڪوئي (روڙا ڪوئي) ودا ڪوئي (بدا ڪوئي) (برا ڪوئي) (براهوئي) لفظ جي تبديل ٿيل صورت آهي. جنهن ۾ "ودا" معنيٰ اتر ۽ "ڪوئي" معنيٰ اتريان ماڻهو آهن، يعني "اتريان جابلو ماڻهو". ان ئي نالي سان هڪ ٻيو قبيلو وڏاگا Vadaga (وڏاگ، وڏاگو، بڏاگا، بڏاگو) يا وڏاڪا هندستان جي تامل نابو، مدراس، نيلگري ۽ ڪُندا جابلو علائقن ۾ موجود آهن، جن جو تعداد هڪ لک، ايڪهتر هزار آهي(202).

وڏاگ، وڏاڪا لفظ جي معنيٰ بہ "اتريان جابلو ماڻهو" آهن. وڏاگ لفظ ۾ ودا معنيٰ اتريون ۽ گ، ڪو معنيٰ جبل لفظ جي تبديل ٿيل صورت آهي. يعني وڏيا، براهوئي ۽ بڏاگ (وڏاگ) ٿيئي هڪ نسل ۽ دراوڙي الاصل آهن.

چنا، راءِ گهراڻي جي دور ۾ ٻُڌيہ (ٻڌپور) صوبي ۾ رهائش رکندا هئا، جيڪو موجوده دور ۾ سمورو ضلعو لاڙڪاڻو، جيڪب آباد ضِلعي جو الهندو پاڱو، قنبر، شهداد ڪوٽ ۽ وارھ پاڱن تي مشتمل هو ۽ سندن گادي جو هند ڪاڪي راڄ، موجوده دور ۾ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڪڪڙ تعلقي جي نالي سان مشهور آهي/هو(203).

اسلام جي آمد کان پوءِ چنا پهريان ماڻهو هئا، جن محمد بن قاسم جي هٿان اسلام قبول ڪري مسلمان ٿيا ۽ مسلمانن لاءِ اهم عسڪري قوت بڻيا. چنن جو سياسي ۽ سماجي ڏاڪو تيرهين صدي جي پهرين چوٿائي تائين باقاعده رهيو. جڏهن ناصر الدين قباچہ 1220ع ڌاري سنڌ تي قبضو ڪيو تہ ان وقت سنڌ مقامي سطح تي ستن راڻن ۾ تقسيم ٿيل هئي، جيڪي پنهنجي پنهنجي حصي تي حڪومت ڪندا هئا. انهن مان بہ، هڪ وڪيو ولد پنهون چنو سيوئي (سبي، بلوچستان) ۽ ٻيو چنو ولد ڏهڻ (ڏيئو) ذات چنو، ساڪن پاڳ ناڙي (بلوچستان) چنا هئا (204).

راءِ گهراڻي جي دور ۾ چنن جو حاڪم سرڪونڊ پٽ پنبرڪو پڪو هو، جيڪو ڪاڪا راڄ (ڪڪڙ) ۾ ستو راءِ جي هٿ هيٺ حڪومت ڪندو هو. ۾ ذاتي ۽ موڙا، ٻلوا، ليبا ۽ ٻدامر ذاتين سان قبيلائي ۽ برادري اتحاد جي حوالي سان راءِ قنوج (قنوڄ) سندن سردار هو(205)، ۽ ان جي زال چانڊني ٻائي چانڊڪا واري علائقي ۾ پنهنجي جاگير سنڀاليندي هئي. راءِ قنوج ۽ چانڊني ٻائي، ٻئي نالا هندو طرز جا آهن، جيئن راءِ گهراڻي وارن جو لقب "راءِ" هو، جيڪو سنڌيءَ جي "راڻي" يا "راڻو" جي برابر آهي. جيڪي اسلام کان اڳ استعمال ٿيندا هئا. جڏهن چنا، مسلمان ٿيا تہ پوءِ مسلمانن وارا نالا رکيائون ۽ راءِ قنوج ۽ ٻائي وارا نالا ۽ القاب ڇڏي ڏنائون.

ڊاڪٽر بلوچ، راءِ قنوج کي ارغونن جي شروعاتي دور جو قرار ڏني ٿو. هو لکي ٿو تہ:

"سمن بعد انهن (چنن) جي حڪومت ختم ٿي پر سرداريون غالباً قائم رهيون. سمن کان پوءِ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي حڪومت ٿي....... چنا ۽ ٻيا جيڪي قديم "ٻڌيا" جا قبيلا هئا، سي سنڌ جي سمن کان اڳ هئا. سمن جي حڪومت ۾ سندن زور ڀڳو هو...... ان وقت جا مکيہ برادر قبيلا پنج هئا: چنا، موڙا، ٻلوا، ليبا ۽ ٻدامر. پنري جي پيءُ جو نالو "ٻدامر" هو ۽ سندس نڪاح ۾ هڪ مغليائي بہ هئي. جيڪا پنري جي ماٽيجي ماءُ هئي، يعني تہ مغلن سان هٿان جي سردار گهر جو رشتو هو. اهو سردار گهر "راءِ قنوڄ" جو هو ۽ ارجڻ ان وقت گاديءَ تي هو...... 206)."

ڊاڪٽر بلوچ جي اها ڳالهه درست نه آهي، ڇو ته محمد شفيع جي نقل ڪيل فارسي قلمي نسخي ۾ اهو واضح بيان ڪيل آهي ته اهو ڪتاب سندس وڏا محمد بن قاسم کان اڳ جڏهن راءِ قنوج جي راڻي چاندني ٻائي چانڊڪي تي حڪمران هئي، جي دور ۾ ڪٺي آيا.

تاريخي طور ۽ ڇنن جي تاريخي ورق گردانيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته چاندني ٻائي، راءِ قنوج جي زال هئي ۽ چانڊڪا (ڪاڇو) تي حڪمران هئي. چانڊڪو، ڪاڇي جي حدن ۾ هو ۽ ڇنا ڪاڇي تي حڪمران هئا.

ڊاڪٽر بلوچ جنهن راءِ قنوج جو ذڪر ڪيو آهي، اهو تقريباً نو سؤ سال پوءِ جو آهي، ڪو ٻيو قنوج هو يا ان گهراڻي مان ڪو ٽيون يا چوٿون قنوج هوندو. جنهن قنوج متعلق اسان بحث ڪري رهيا آهيون، اهو تاريخي قدامت جي لحاظ کان عربن کان اڳ تقريباً راءِ گهراڻي جي دور جو هو ۽ ڇنه قبيلي سان تعلق رکندڙ هو. سندس راڻي چاندني ٻائي (چانداڻي- چانداني- چاندني) پڻ ڇنياڻي هئي. چانڊڪو يا چانڊڪا نالا پڻ ڇنن جي ان علائقي ۾ رهائش جي وجهه کان مشهور ٿيو هجي، ۾ گهڻو شڪ آهي. ڇو ته ڇنه، ڇنو ۽ ڇنا لفظ جو چانبوڪي ۽ چانڊڪا ۾ تبديل ٿيڻ غير لسانياتي آهي. اصل لفظ 'چاند' آهي. چاندني ٻائيءَ نالي چانبوڪي يا چانڊڪا نالي کي منسوب ڪرڻ هڪ اهم جواز آهي. ان لاءِ اسان کي سواءِ هڪ قلمي نسخي "خزانة العلم" کان سواءِ ٻيو ڪوبه ثبوت ميسر نه آهي، چانبوڪي يا چانڊڪا نالي کي 'چاند مهر' نالي منسوب ڪرڻ ۾ به هڪ اهم جواز ملي ٿو، جيڪو راءِ گهراڻي جي دور جو هڪ اهم شخص هو. ٿي سگهي ٿو ته راءِ خاندان وارن، چاند مهر کي ماڻيلي جي گورنر مقرر ڪرڻ کان اڳ موجوده چانڊڪا واري علائقي ۾ ڪا جاگير مختص ڪئي هجي، جنهن سبب هن علائقي تي چانڊڪا يا چانبوڪي نالو مشهور ٿيو هجي.

بهرحال، چاندني ٻائي ۽ چاند مهر ٻئي عربن جي دور کان اڳ جون شخصيتون آهن، انهن ٻنهي مان ڪنهن هڪ جي نالي سان چانڊڪو، چانبوڪي يا چانڊڪا نالو مشهور ٿيو. اهڙيءَ طرح تاريخي شاهدين، ثبوتن ۽ سَنَدُن جي مطابق: چانبوڪي، چانڊڪو يا چانڊڪا نالا عربن جي دور کان اڳ مروج هو/هئا ۽ اهو هڪ علائقي جو نالو پڻ هو. باقي ان کي چانڊيا قبيلي جي نالي سان منسوب ڪرڻ صحيح نه آهي.

## حوالا، حاشيا ۽ اضافا


1. ڊاڪٽر مبارڪ علي، "تاريخ اور آگهي" (اردو)، لاهور، نگارشات، 1986ع، ص. 52
2. ايضاً ....... "تاريخ اور روشني"، (اردو)، لاهور، نگارشات، 1986ع، ص. 65
3. سيد مير محمد بن بايزيد پوراني، "نصرت نامهء ترخان" (فارسي)، به تصحيح و تنقيح، ڊاڪٽر انصار زاهد خان، ڪراچي، انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل اينڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز جامعه ڪراچي، 2000ع، ص 61
4. علامه ابوالفضل، "آئين اڪبري" جلد اول، اردو ترجمو: مولوي محمد فدا علي صاحب طالب، لاهور، سنگ ميل پبليڪيشنز، 2000ع، ص 1045.
5. مير محمد معصوم بکري، "تاريخ معصومي"، سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٽيون 1985ع، ص 161،165.
6. يوسف ميرڪ بن امير ابوالقاسم "نمڪين"، "تاريخ مظهر شاهجهاني"، سنڌي ترجمو، نياز همايوني حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٻيو 1994ع، ص 120،121.

7. ڊاڪٽر فرانسس برنيئر، "برنيئرڪا سفرنامہ هند"، ترجمہ ۽ حواشي، خليفہ محمد حسين، لاهور، تخليقات، 2000ع، ص 531.

8. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "ميين شاهہ عنايت جو ڪلام"، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٻيو 2010ع، ص 37.

9. ميان نور محمد "منشور الوصيت و دستور الحڪومت"، مرتب: سيد حسام الدين راشدي، ترجمو: عبدالرسول قادري بلوچ، ڪراچي، ڪلهوڙا سيمينار، ڪميٽي، 1996ع، ص 121،123.

10. "باقيات از احوال ڪلهوره" (فارسي)، بسعي و تحقيق: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڪراچي، ڪلهوڙا سيمينار ڪميٽي، 1996ع، ص 41

11. مير علي شير قانع ٺٽوي، "تحفة الڪرام" سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٻيو 1976ع ص 136.

12. صمصام الدولہ شاهنواز خان، "ماثرالامراء"، جلد ٽيون، اردو ترجمو: پروفيسر محمد ايوب قادري، لاهور، اردو سائنس بورڊ، 2007ع، ص 195.

13. هينري پاٽنجر، "سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر" سنڌي ترجمو: محمد حنيف صديقي ۽ سومار علي سومرو، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٻيو 1993ع، ص 41.

14. اليگزنڊر برنس، "سنڌوءَ جو سفر- 1831ع"، سنڌي ترجمو: عطا محمد ڀنڀرو، ڪراچي سنڌيڪا اڪيڊمي، ٻيو ڇاپو 1998ع، ص 172،239.

15. ٽي. پوسٽنس، "سنڌ جيئن مون ڏٺي"، سنڌي ترجمو: عطا محمد ڀنڀرو، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي، 1997ع، ص 169.

16. Edward Thornton, "A Gazetteer of the countries adjacent to India on the north-west," Karachi, Indus publication, reprint 1996, p 133.

17. ڊاڪٽر ايس. پي ڇٻلاڻي، "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، سنڌي ترجمو: سراج الحق، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٻيو 1968ع، ص 228

18. منشي عطا محمد شڪارپوري، "تازن معرڪن جي تاريخ"، سنڌي ترجمو: حڪيم نياز همايوني، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، 2005ع، ص 112

19. "Seection from the records of the Bombay government" Edited by: Hughes Thomas, Bombay, Bombay education society's press, 1855, p 711.

20. A.W Hughes,

21. خداداد خان، "لب تاريخ سنڌ"، سنڌي ترجمو: حافظ خير محمد اوحدي، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، 1989ع، ص 132.

22. E.H. Aitken, "Gazetteer of the province of Sind", karachi, Indus publication, reprint 1986, p. 170

23. J.W Smyth, "Gazetteer of the province of Sindh", "Larkana district", lahore, sang-e-meel publication, reprint 2005, p 11

24. مرزا قليچ بيگ، "قديم سنڌ- ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو"، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٽيون 1990ع، ص 41،368

25. مير علي شير قانع، حوالو ڏنل آهي، ص 287.
26. اليگزنڊر برنس، حوالو ڏنل آهي، ص 172
27. ايضاً............................... ص 220.

28. Edward thornton, O P Cit. P 133.
29. See ref. No: 19, op. cit p.711.
30. Ibid, p. 725.
31. A.W Hughes, op. cit. p 179.
32. Ibid.................. p 477

33. خداداد خان، حوالو ڏنل آهي، ص 132.

34. E.H.Aitken, op. cit. p 170
35. J.W.Smyth, op. cit p 11.

36. مرزا قليچ بيگ، حوالو ڏنل آهي، ص 41،368
37. رحيمداد خان مولائي شيدائي، ”جنت السنڌ“، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٻيو 1985ع، ص 398.
38. ”لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو“ مرتب: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، 1984ع، ص 706
39. ”لاڙڪاڻو تاريخ جي آئيني ۾“ مرتب: محمد يوسف شيخ، لاڙڪاڻو، لاڙڪاڻو هسٽاريڪل سوسائٽي، 2002ع، ص 85،66
40. سيد امام المتقين راشدي، ”چانڊڪي پرڳڻي ۾ ڪلهوڙن جا يادگار“ (مقالو)، ٽماهي ”مهراڻ“، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، جلد 47، نمبر 3،4 1998ع، ص 73
41. مرزا قليچ بيگ، حوالو ڏنل آهي، ص 412 ۽ پڻ ڏسو: خير محمد ٻرڙو، ”ذاتين جي انسائيڪلو پيڊيا“، سيوهڻ، مراد پبليڪيشنز، 2005ع، ص 289

42. Sheikh Sadik Ali sher Ali Ansari, "A short sketch historical and traditional of the Musalman races found in sind, Baluchistan and Afghanistan", karachi, 1901 p 21.

43. سردار خان گشڪوري، ”چاڪري اعظم“، اردو ترجمو: عبدالغفار نديم، ڪوئيٽا، بلوچي اڪيڊمي، 1988ع، ص 113

جلال خان جو دور سردار گشڪوريءَ تان نقل ڪيو ويو آهي ۽ بقايا ماڻهن جو دور جو تعين راقم الحروف واقعن کي مدنظر رکي مقرر ڪيا آهن. انهن ۾ ڪجهه ڦيرگهير ۽ گهٽ وڌائي ٿي سگهي ٿي.

44. خير محمد ٻرڙو، حوالو ڏنل آهي، ص 289
45. يوسف ميرڪ، حوالو ڏنل آهي، ص 179
46. راءِ بهادر هيتورام، ”تاريخ بلوچستان“ (اردو)، ڪوئيٽا، بلوچي اڪيڊمي، ٻيو ايڊيشن 1973ع، ص 6،7 190 ۽ پڻ ڏسو.

پروفيسر ڊاڪٽر محمد اشرف شاهين قيصراني، ”بلوچستان- تاريخ اور تهذيب (ايڪ تحقيقي جائزه)“ ڪوئيٽا، اداره تدريس ڪوئيٽا، 1994ع ص 72

47. راءِ بهادر هيتورام، حوالو ڏنل آهي، ص 193

59. ايضاً، ص 307
60. ايضاً، ص 57،58

61. Hunaira faiz dasti, "Multan-A province of the Mughal Empire (1525-1751)", Karachi, Royal Book Company, 1998, p 101.

62. يوسف ميرڪ بن مير ابوالقاسم "نمڪين"، حوالو ڏنل آهي، ص 191. حوالو 1.
63. ايضاً، ص 192،191
64. ايضاً، ص 194
65. ايضاً، ص 192
66. ايضاً، ص 58،57
67. حڪيم عبدالحميد خان چانڊيو، "سنڌ جو اتر ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو"، ماڏو، دادو، 2000ع، ص 390،310،304،299،245،218،217،186.
68. ايضاً، ص 161
69. ايضاً، ص 162،161

70. 70. Humaira Faiz Dasti, op cit pp 148,153.

۽ پڻ ڏسو:

مير علي شير قانع، "مڪلي نامو"، حوالو ڏنل آهي، ص 415

71. مير علي شير قانع، "مڪلي نامو"، حوالو ڏنل آهي، ص 416،415
72. ايضاً، ص 418،417
73. راءِ بهادر هيتو رام، حوالو ڏنل آهي، ص 193
74. مير علي شير قانع، "تحفة الڪرام"، حوالو ڏنل آهي، ص 266.

75. F.Bernier, "F.Bernier's travels in the Moghal Empire". Vol.1 westminister, 1890. pp 203,204. & alsosee.

ڊاڪٽر فرانسس برنيئر، "برنيئر ڪا سفر نامہ هند"، اردو ترجمو: خليفہ محمد حسين، لاهور، تخليقات 2000ع، ص

76. رحيمداد خان مولائي شيدائي، "جنت السنڌ" حوالو ڏنل آهي، ص 444
77. دين محمد ڪلهوڙو، "قنبر-شهدادڪوٽ ضلعو (تاريخ جي وهڪري) ۾" قنبر شهدادڪوٽ ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي 2011ع ص 142،143
78. ايضاً، ص 143
79. يوسف ميرڪ، حوالو ڏنل آهي، ص 192، حوالو 1
80. حڪيم عبدالحميد خان چانڊيو، حوالو ڏنل آهي، ص 304،279،43
81. ڊائوسن، "تاريخ سنڌ مؤرخن جي زباني"، سنڌي ترجمو: عطا محمد ڀنڀرو اسلام آباد، نيشنل بڪ فائونڊيشن، 2000ع، ص 754، حوالو 7
82. "لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو"، حوالو ڏنل آهي، ص 7،6
83. حڪيم عبدالحميد خان چانڊيو، حوالو ڏنل آهي، ص 235 کان 243 تائين.

غلام رسول مهر، "تاريخ سنڌ، عهد ڪلهوڙا" (اردو) جلد ڇهون، (حصو پهريون) ڪراچي، سنڌي ادبي بورڊ، 1958ع، ص 92،91،90

126. لال عزت راءِ، حوالو ڏنل آهي، ص 43 ۽ پڻ ڏسو.
غلام رسول مهر، حوالو ڏنل آهي، ص 92،91

127. روايت مشتاق علي بروهي، ولي محمد بروهي، شبير محمد بروهي، ٽيئي وينل جاڙا واهه، تعلقو لکي، يوسي زڪ اين حبيب ڪوٽ، ضلعو شڪارپور، هي ماڻهو ۽ انهن جا وڏا، آزاديءَ کان اڳ جاڙا واهه جي ڪپرن تي اچي وينا. جتي سندن ڳوٺ "حاجي علي محمد بروهي" جي نالي موجود آهي.

128. ايچ. جي راورٽي، حوالو ڏنل آهي، ص 805 يا ڏسو حوالو نمبر 96.

129. مير محمد معصوم بکري، حوالو ڏنل آهي، ص 109،108.

130. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "رهاڻ هيرن کاڻ" جلد پهريون، حوالو ڏنل آهي، ص 9،8،7 يا ڏسو حوالو 82 نمبر.

131. مير محمد معصوم بکري، حوالو ڏنل آهي، ص 162.

132. ايضاً، ص 165،164
۽ پڻ ڏسو:
يوسف ميرڪ بن امير ابوالقاسم، حوالو ڏنل آهي، ص 120

Mr. Saleem Akhtar, "Sindh under the Mughal", Islamabad, N.I of H and C.R Karachi, D.of C, Govt: of Sind, 1990, p. 145.

133. 131. M.H. Panhwar, "Chronological dictionary of sind", op cit p 382.

134. يوسف ميرڪ بن امير ابوالقاسم، حوالو ڏنل آهي، ص 120

135. 133. Mr. Saleem Akhtar, op cit. p 145

136. خداداد خان، حوالو ڏنل آهي، ص 130.

137. ايضاً..........................................................

138. E.H.Aitken, op cit. p. 176.

139. F.G.Goldsmid, "Historical memoir on shikarpur". 1855, p.7

140. A.W.Hughes, op cit p. 779

141. E.H Aitken, op cit pp. 135,134, 220

142. مرزا قليچ بيگ، ڏسو حوالو نمبر 24، ص 355.

143. غلام احمد بدوي، مقالو، "شڪارپور، ماضي ۽ حال"، مرتب: ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، شڪارپور، 1984ع ص 38،37

144. پروفيسر لطف الله بدوي، مقالو، "شڪارپور سونهن جو شهر"، مرتب: خليل موريائي، شڪارپور، 1996ع ص 65،64

145. F.G.Goldsmid, op. cit p.7

146. Ibid, = = = = = = = = p.p 7.8

147. E.H. Aitken, Op. Cit. p 107

148. مرزا قليچ بيگ، "قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو"، حوالو ڏنل آهي، ص 355

149. Ibid, = = = = = = = = P.P 6.7

150. خداداد خان، حوالو ڏنل آهي، ص 130

151. مير محمد معصوم بکري، حوالو ڏنل آهي، ص 185

152. ايضاً.................................. ص 186،185

153. M.H. Panhwar "An illustrated historical atlas of Soomra kingdom of Sind" op. cit p 79.

154. مرزا مُلا صالح ڪبوه، "شاهجهان نامہ"، لاهور، سنگ ميل پبليڪيشنس، 2000ع ص 90

155. يوسف ميرڪ، حوالو ڏنل آهي، ص 239،245 ۽ تعليقات نمبر 25.

156. اعجاز الحق قدوسي، "تاريخ سنڌ" جلد ٻيو، اردو، لاهور، مرڪزي اردو بورڊ، ڇاپو ٽيون 1985ع، ص 233،232،150،149.

157. يوسف ميرڪ، حوالو ڏنل آهي، ص 239.

158. ايضاً، ص 243

159. صمصام الدولہ شاهنواز خان، "ماثرالامراء" (جلد ٻيو)، اردو، ترجمو: پروفيسر محمد ايوب قادري، لاهور، اردو سائنس بورڊ، 2007ع ص 20،21،578 ۽ پڻ ڏسو.

سيد حسام الدين راشدي، "تذڪره امير خاني"، ڪراچي، سنڌي ادبي بورڊ، 1961ع، ص 156

160. يوسف ميرڪ، حوالو ڏنل آهي، ص 248،249

161 M.H. Panhwar, "An illustrated historical atlas of Soomra kingdom of Sind" op. cit p 79.

162. يوسف ميرڪ، حوالو ڏنل آهي، ص 249

163. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، "لاڙڪاڻو، ماضي ۽ حال" ترتيب: بدر ڌامراهو، لاڙڪاڻو، موهن جو دڙو پبليشنگ ايجنسي، 2001ع، ص 37،44.

164. سيد مير محمد بن با يزيد پوراني، حوالو ڏنل آهي، ص 61

165. علامہ ابوالفضل، حوالو ڏنل آهي، ص 1045

166. مير محمد معصوم بکري، حوالو ڏنل آهي، ص 159،165،161،160.

167. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "ميين شاهہ جو ڪلام"، حوالو ڏنل آهي، ص 37

168. ميان نور محمد، حوالو ڏنل آهي، ص 123،121

169. "باقيات از احوال ڪلهوره"، فارسي، حوالو ڏنل آهي، ص 41.

170. مير علي شير قانع، "تحفة الڪرام"،حوالو ڏنل آهي، ص 136، 257

171. هينري پلٽنجر، حوالو ڏنل آهي، ص 41

172. اليگزنڊر ربرنس حوالو ڏنل آهي، ص 239،172

173. Edward thornton, op cit p 133

174. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "اردو- سنڌي لغت"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1989ع، ص 219

175. محمد پناهہ ڦرڙو، "هندي- سنڌي لغت" حيدرآباد سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 2007ع ص 149

197. نذير احمد شاڪر بروهي، "سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جي حڪومت" (مقالو)، ٽماهي "مهراڻ" جلد 45، نمبر 1، جنوري- مارچ، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، 1996ع، ص 94 کان 108 تائين.
198. نصير خان احمد زئي، "تاريخ بلوچ و بلوچستان"، جلد ٻيو، ڪوئيٽا، بلوچي اڪيڊمي، 1989ع، ص 233،204،187.
199. ڊاڪٽر انورفگار هڪڙو، حوالو ڏنل آهي، ص 436.
200. دين محمد ڪلهوڙو، حوالو ڏنل آهي، ص 18
201. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "جنگناما"، ڄام شورو سنڌي ادبي بورڊ، 1984ع، ص 30
202. William Frawley, "International Encyclopedia of linguistics", Vol: 1 New York, Oxford University press, 2003, p 465.
203. علي ڪوفي "فتح نامہ سنڌ عرف چچ نامو"، سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ ڇاپو ڇوٿون 1994ع، ص. 403،402،54،53 حوالا ۽ حاشيا.
204. مير علي شير قانع، حوالو ڏنل آهي، ص 81 ۾ پڻ ڏسو.
خداداد خان، حوالو ڏنل آهي، ص 40.
205. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "جنگناما"، حوالو ڏنل آهي، ص 31.
206. ايضاً، ص 31

**نوٽ:**

راقم الحروف هن مقالي لکڻ لاءِ هيٺين اهم معزز، همدرد ۽ تعاون ڪندڙ شخصيتن جو شڪر گذار آهي، هنن جو مقالي لکڻ وقت هر طريقي سان مدد ۽ تعاون رهيو.

1. محترم غوث بخش خان مهر، وفاقي وزير براءِ نج ڪاري ڪميشن پاڪستان.
2. محترم انور احمد خان مهر، ميمبر سنڌ صوبائي اسيمبلي.
3. محترم نادر شاهہ سابق ناظر يو.سي مسيتي تعلقو لکي، ضلع شڪارپور.
4. محترم انجنيئر وجاهت حسين مهر، پرنسپال گورنمينٽ پولي ٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ بوائز سکر.
5. مهر قبيلي جي پيش ڪيل شجري ۾ ڪي تبديليون اڃان موجود آهن، ڇو ته جيسر ذات جي موجوده آبادي ڪي ڏسي اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته "جيسر" جنهن جا عاقل خان ۽ بکر پٽ آهن، ڪان اڳ ٻيو ڪو "جيسر " ٿي گذريو آهي، جنهن تان جيسر ذات مشهور ٿي آهي. راقم جي غوث بخش خان مهر سان 31 مئي 2012ع بروز خميس تي ملاقات ٿي، ڪچهريءَ دوران هن ان ڳالهہ کي واضح ڪيو تہ اسان مارو خان جو اولاد آهيون، پر آهيون جيسراڄ. اهو جيسر، جنهن جا عاقل ۽ بکر ٻہ پٽ آهن، ڪان گهٽو اڳ ٻيو جيسر ٿي گذريو آهي، جنهن جي نالي پٺيان اسان پاڻ کي جيسراڄ سڏايون ٿا پر تاريخ ۾ ان جيسر جو ذڪر ڪٿي بہ نہ ٿو ملي. والله اعظم باالعنين.

مرزا ڪاظم رضا بيگ



# اروڙ واري پُل

اروڙ واري پُل متعلق تاريخي حقيقتون بيان ڪرڻ کان پهرين ڪجهه اروڙ جي باري ۾ عرض ڪندس. اروڙ پراڻين جاين جي ڪري مشهور آهي. قديم گهرن جي بيهڪ ۽ ڪتبا پڙهڻ کان پوءِ هن شهر جي اڳئين هجڻ جو ثبوت ملي ٿو، بلڪ هن شهر جي سونهن ۽ سوڀيا جو بہ اهڃاڻ ملي ٿو.

اروڙ جي تاريخ ڪيتري قديم آهي، تنهن لاءِ پختي تاريخي شاهدي موجود نہ آهي. هڪ ڳالهه جنهن تي سمورا تاريخي ڪتاب متفق آهن تہ رائي سهاسي ٻئي جي دور حڪومت ۾ جنهن ذڪر پيو، تنهن غريب عوام سرڪاري ڍل ڏئي نہ سگهيو، ۽ رائي سهاسي ٻئي ساڻن رعايت ڪري ڍل جي عيوض ڪين اروڙ ۽ پنجن ٻين شاهي قلعن ۾ مٽي وجهي ڏيڻ لاءِ چيو. انهن پنجن قلعن مان "سرواهي يا سيرو رائيءَ" جو قلعو خاص طور تي قابل ذڪر آهي. سرواهي اڳوڻي رياست بهاولپور ۾ آهي. اها ڳالهه ظاهر ڪري ٿي تہ اروڙ جي قلعي کي 1500 سال اڳ مٽي وجهي مٽي ڪيو ويو هو، انهيءَ ڪري ائين چئجي تہ ان وقت اِهو قلعو ايترو تہ جهونو هو، جو سندس تري واري حصي کان ٻاهرين مٽي ڪافي مٽي اچي چڪي هئي. مٽيءَ جي تهه جو مٽي اچڻ ڪافي سؤ سالن کان پوءِ ٿئي ٿو، انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو تہ اروڙ گهٽ ۾ گهٽ اڍائي هزار سال اڳ آباد ٿيو هوندو؟

## اروڙ متعلق غلط فهمي:

ابن حوقل مشهور عرب سياح ٿي گذريو آهي. هن اروڙ واري قلعي کي خط ڪوفي ۾ "الرور" لکيو آهي. ڪتاب "آئينہ قديم سنڌ" جو مصنف رقمطراز آهي تہ "الرور، لفظ جو جيڪڏهن فقط لام ساڪن ڪجي ٿو تہ پوءِ اهو نالو اروڙ ٿئي ٿو، مگر جيڪڏهن ان جا الف ۽ لام ٻئي اکر ساڪن ڪجن ٿا تہ پوءِ اهو نالو "رور" ڪري پڙهبو، مگر هن وقت جي ڪن صاحبن ابن حوقل جي لکيل نالي "الرور" کي "الور" ڪري سمجهيو آهي، ۽ ان کي تمام گهڻي شهرت ڏني آهي، جنهن ڪري ڪتابي دنيا ۾ هن اروڙ وارو ڪنبر قديم سنڌ جو پايہ تخت "الور" ڪري مشهور ڪرايل آهي. آئينہ قديم سنڌ جي مصنف جي خيال موجب موجوده اروڙ اهو قلعو نہ آهي، جنهن ۾ راجا ڏاهر رهندو هو، هو اڳتي لکي ٿو تہ:

"اروڙ جو ڪنبر هن وقت اُپرندي ناري جي ڪپ تي روهڙي شهر کان ستن ميلن جي مفاصلي تي ڏسجي ٿو، جتي اروڙ نالي سان ڳوٺ بہ آهي. ڪنبر ۾ هڪ قلعو ۽ ڪن قديم عمارتن جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اتي هڪ ننڍي مقدار جو قلعو هو، جيڪو اڄ تائين اروڙ جو قلعو سڏجي ٿو. قديم وقت ۾ اُپرندي ناري کي هاڪڙا درياهہ جي نالي سان سڏيو ويو ٿي، جنهنڪري هيءُ هاڪڙا درياهہ ڪپ وارو قلعو هو. هاڪڙا، واهند، والن ۽ ڪول وارين شاخن جي وچ ۾ جيڪو ٻيٽ پيدا ٿيل هو، تنهن ٻيٽ جو حاڪم اروڙ واري قلعي ۾ رهندو هو.

هتي هڪ ڳالهه خيال ۾ رکڻ گهرجي تہ آئينہ قديم سنڌ جو مصنف اروڙ جي آثار قديمہ کي ڪا بہ اهميت نہ ٿو ڏئي. سندس خيال موجب اروڙ جو قلعو ڪنهن وڏي راجا جو محل يا ڪنهن چڱي خاصي اراضيءَ واري ملڪ جي راڄڌاني ٿي نٿو سگهي، پر منهنجي تحقيق موجب ڳالهه بنهه ان جي ابتڙ آهي. اروڙ جي عظمت ويدن ۽ پراڻن مان ثابت آهي. جنهن زماني ۾ مهاڀارت واري لڙائي لڳي، تنهن سمي مسٽر مورڪ (اپيگرافيا انڊڪا جو مصنف) پنڊت هيمراج شرما، پروفيسر پربوڌ چندريس گپت ۽ ٻين جي راءِ مطلق سڄي هندستان ۾ اٽڪل هڪ سؤ کن راجا راڄ ڪندا هئا، جن مان ڪي ننڍا راڄ يا "جن پد" هئا تہ ڪي وڏا

بريت بيابان ۽ جبل ٿي جبل آهن. جيئن ٿي هن کنڊرن واري شهر ۾ اسين قدم رکنداسين تہ سڀ کان پهريائين محمد بن قاسم جي ٺهرايل مسجد نظر ايندي، جنهن جون پٿيون اجا تائين زبون حالت ۾ موجود آهن. مسجد کان ٿورو اڳتي راجہ ڏاهر جو شاهي محل ويران نظر ايندو. شاهي محل هن وقت صرف کنڊر جي صورت ۾ موجود آهي. شاهي محل کان چند قدم اڳتي هڪ مقبرو نظر ايندو، چون ٿا تہ ان مقبري ۾ هڪ الله وارو بزرگ حضرت مهر علي فقير مدفون آهي. هن مقبري ۾ داخل ٿيڻ سان انسان اچرج ۾ پئجيو وڃي، ڇو تہ مقبري جو اندريون حصو جنهن خوبصورت نموني ۾ تعمير ڪيو ويو آهي، اهو ڏسڻ وٽان آهي، ۽ ان وقت جي فن تعمير جو عظيم شاهڪار آهي.

اروڙ جي ڏکڻ ۾ پڻ بن الله وارن بزرگن جا مقبرا آهن، جن کي اتي جا رهاڪو حضرت شاهہ گنج ۽ قتل شاهہ جي نالن سان ياد ڪن ٿا. هي ٻئي بزرگ حضرت لعل شهباز قلندر جا معاصر هئا. هتي اسلامي تعليم عام هئي ۽ اولهہ طرف هڪ وڏو ديني مدرسو پڻ هو.

مغل شهنشاهہ اڪبراعظم جي دور جو ناميارو مؤرخ مير معصوم بکري، تاريخ معصومي ۾ هن شهر جي اهميت ۽ افاديت تي تفصيلي روشني وڌي آهي. هو لکي ٿو تہ سنڌو درياهہ جَي ڪناري تي اروڙ هڪ عظيم الشان شهر هو، جنهن ۾ عاليشان عمارتون، خوبصورت ۽ مضبوط محلات، ميون سان ڀريل باغ ۽ وڻن ٻوٽن سان سهڻا سهڻا باغ ۽ شهريت ۽ تمدن جو اهو سمورو سامان موجود هو، جو ڪنهن وڏي شهر ۾ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو.

مير معصوم بکري وارو دور اڪبر ۽ جهانگير وارو دور آهي. هن سلسلي ۾ هڪ ڳالهہ واضح معلوم ٿئي ٿي تہ مغلن جي دور ۾ پڻ هي شهر آباد هو. هي شهر زلزلي جي ڪري زمين دوز ٿي ويو يا ڪنهن ٻي طرح سان تباهہ ٿيو؟ ان متعلق بہ طرح طرح جون مختلف ڪهاڻيون ۽ قصا مشهور آهن، پر تاريخي طور تي انهن تي اعتبار نٿو ڪري سگهجي.

هي ماڳ غالباً مغلن جي آخري دور ۾ اُجڙي ويو هجي. اها بہ هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ درياهہ هميشہ کان پنهنجو رُخ بدلائيندا رهندا آهن، جنهنڪري اروڙ جو شهر کنڊرن ۾ بدلجي ويو هجي ۽ اروڙ جا رهاڪو درياهہ جي ٻئي ڪناري تي لڏي وڃي آباد ٿيا هجن، جيڪو اڄڪلهہ روهڙي جي نالي سان مشهور آهي.

هتي هڪ ڳالهہ وسارڻ نہ گهرجي تہ اڳوڻي دور ۾ راجائن وٽ مقرر لشڪر ڪونہ هوندو هو، پر ضرورت يا جنگ وقت جاگيردار ۽ نواب پنهنجي حيثيت موجب لشڪر مهيا ڪري ڏيندا هئا. ان کان سواءِ راجا ڏاهر، جيڪو سنڌ جي ٽن اهم مرڪزن ۾ واري ڦيري سان سڪونت اختيار ڪندو هو، تنهن جو خاص لشڪر بہ تہ ٽنهي هنڌن تي ورهايل هوندو. انهيءَ ڪري وثوق سان چئي سگهبو تہ اروڙ عهدِ رفتہ جو هڪ عظيم الشان شهر هو جيڪو نامساعد حالتن، خصوصاً جاگرافيائي تبديلين جو مقابلو نہ ڪري، کنڊرن جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. عربن جي عهد جا اهڃاڻ وري بہ ڪنهن حد تائين معلوم ڪري سگهجن ٿا، باقي پراڻين نشانين کي سطح زمين تي ڳولڻ خام خيالي آهي، اهي تہ هن عظيم ارض جي ڇاتيءَ هيٺان آهن، جيڪي آثارِ قديم سان دلچسپي رکندڙ محقق (خصوصاً ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري، سيڪريٽري قديم نوادرات حڪومتِ سنڌ) ئي لهي سگهن ٿا. اڄ تہ هاڻي اروڙ واري پُل جو جائزو وٺون.

### اروڙ واري پُل:

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ جنهن قوم جي تاريخ محفوظ نہ آهي، اها قوم ان وڻ جي مثال آهي جيڪو ميوو نہ ڏي. جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا تہ ايندڙ نسل کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏيون تہ اسان لاءِ اهوئي ڪافي آهي تہ اسين اروڙ يا سنڌ جي ٻين شهرن جي قديم آثارن کي جيترو بہ ٿي سگهي محفوظ رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪريون. سنڌ سرڪار جو قديم نوادرات وارو ڪاتو، ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري جي سربراهيءَ ۾ اهو ڪم بهتر طريقي سان سرانجام ڏيڻ لاءِ رات ڏينهن ڪوشان آهي.

اروڙ، صدين کان قديم آثارن جو مرڪز

1) سن 1002هه ۾ روهڙي جو عيدگاهه تعمير ٿيو.
2) سن 1003هه ۾ معصوم شاهه مناري جي تعمير جي ابتدا ٿي.
3) سن 1004هه ۾ فيض محل جڙي راس ٿيو.
4) سن 1005هه ۾ هشت پهلو مسجد ۽ منزلگاهه وارو باغ تعمير ٿيو.
5) سن 1006هه ۾ جاءِ عشرت تعمير ٿيو.
6) سن 1007هه ۾ منزلگاهه، ستياسر ۽ ٻيڙي نما مسجد تعمير ٿي.
7) سن 1008هه ۾ اروڙ ۾ درياهه جي سير واري پٿر جو سنگِ بنياد رکيو ويو.
8) سن 1009هه ۾ منهنجي خيال مطابق اروڙ واري پُل جوڙائي وئي هجي.

اروڙ واري پُل ٺهرائڻ کان پوءِ نواب مير معصوم شاهه بکري سن 1014هه ۾ فوت ٿيو، يعني اروڙ واري پُل ٺهرائڻ کان پوءِ 5 سال زنده رهيو. انهيءَ مطابق اروڙ پُل مير معصوم شاهه بکري جو آخري يادگار هو، جيڪو سن 1932ع ۾ ناري واهه جي کوٽائي وقت ڊهي ويو.

مير معصوم شاهه بکري جي سکر، روهڙي ۽ اروڙ ۾ اڏاوتن واري سالن ۾ بکر جا چار مغليه گورنر اچن ٿا، جن مان فقط مير ابوالقاسم نمکين، صفئِ صفا (ستين جو ٿان) کانسواءِ ٻي ڪابه جاءِ هن شهر ۾ ڪونه جوڙائي. سعد خان جي به ڪا عمارت جوڙايل هتي نظر نه ٿي اچي. اها مير معصوم شاهه بکري جي شخصيت هئي، جنهن ڪوهه ڪوٽايا، مسجدون، منزلگاهون، باغ ۽ ٻيون تفريح جون جايون تعمير ڪرايون.

مير معصوم شاهه بکري سن 1008ع ۾ اروڙ جي درياهه جي پراڻي ڊوري ۾ ٻه پٿر به هٽايا هئا. هنن پٿرن جو ذڪر پير سيد حسام الدين شاهه راشدي به ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته ”هينيون ڪتبو اروڙ جي قِتل شهر جي پر ۾ هڪ ڪبڙ جي ٻوٽي جي پاڙ ۾ پيل آهي، جيڪو معلوم ٿئي ٿو ته پنهنجي اصل جاءِ تان نڪري، اتي اچي پيو آهي.“ (از: مير معصوم بکري)

اڄ کان ڪيترائي سال اڳ پروفيسر محمد شفيع مرحوم هن ماڳ جي آثارن جي کوجنا ڪرڻ لاءِ اروڙ آيو هو. هن کي هن شهر جا آثار ته نه مليا، البته هڪ وڏو پٿر مليو، جنهن تي ٽن سٽن وارو فارسي ۾ هينيون ڪتبو لکيل هو:

> بردارِ قدم چورهٔ نوردان
>
> دربادیہ پائی نه چو مردان.

بفرموده سياست پناه امير محمد معصوم مرقوم شد سن 1008هه.

مٿئين تحقيق مطابق ته اروڙ واري پُل مير معصوم شاهه جي ٺهرايل آهي. سن 1009هه کان سن 1352هه (سن 1839ع) تائين اروڙ واري پُل پورا 343 سال اروڙ جي رهاڪن جي نظرن جي سامهون بيٺي رهي ۽ پوءِ سن 1932ع ۾ هيءَ پُل نار واهه جي کوٽائي سبب ڊهي ناس ٿي وئي.

## مددي ڪتاب


1) ضاديدِ سنڌ، مولوي پروفيسر محمد شفيع
2) سنڌ جا قديم آثار، مترجم: عطا محمد ڀنڀرو
3) تذڪرهٔ امير خاني، پير سيد حسام الدين شاهه راشدي
4) مير محمد معصوم بکري، پير سيد حسام الدين شاهه راشدي
5) نئين مصر جا پراڻا ورق، مترجم: ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ
6) سنڌ جي تاريخي شهرن جي تواريخ، ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو
7) تاريخ سکر، مولائي شيدائي

خليل کوسو



# ميين معروف جا قُبا

## (هڪ تاريخي قبرستان)

سونهاري سنڌ جي ڌرتي، اها سڀاڳي سرزمين آهي، جتي الله لوڪ انسانن جا اڻ ڳڻيا آستانا آهن، جتي وقت جي ولين، موڙهل ۽ منجهيل انسانن جي رهنمائي ۽ رهبري ڪندي شريعت طريقت، معرفت ۽ حقيقت جو درس ڏنو. سنڌن آخري آرامگاهن، مزارن، مقبرن ۽ تڪين تي، اڄ به روح کي راحت، من کي محبت، سُک ۽ سُڪون ملندو آهي. اهڙيون برڪت ڀريون جايون، علمي، مرڪز، درسگاهون ۽ درگاهون سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور و معروف آهن. انهن ڀلارين ڀيٽين منجهان "ميين معروف جا قبا" پڻ هڪ اهم ۽ تاريخي جاءِ آهي. ميين معروف جا قبا ۽ هڪ تاريخي قبرستان آهي، جيڪو اڳوٺي "ولهار" ۾ ديهه ڪنڊياري، يونين ڪائونسل سنجرچانگ، تعلقي چنبڙ، ضلعي ٽنڊي الهيار ۾ پراڻي گهلو ڍوري جي ڪاپي ڪناري تي بلڪل صحيح سلامت بيٺل آهن. جيڪي پري کان ايندڙ مسافرن جي نگاهن جو مرڪز هئڻ سان گڏوگڏ تاريخدانن جو توجهه پاڻ ڏانهن ڇڪائين ٿا. اهي قبا ڪنهن ٺهرايا، مقامي طور ان لاءِ به روايتون ملن ٿيون:

1. اهي قبا ميين معروف ٺهرايا، يا ٻئي ڪنهن جوان جوڙايا.
2. مقبري جي اندر ميين معروف جي مزار هئڻ جي ڪري عرف عام ۾ ميين معروف جا قبا سڏيا ويا.

'تحفة الڪرام' جو صاحب لکي ٿو ته: ميين معروف جو قبو مشهور آهي(1). مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو ته ولهار جي ديهه هاڻي ٽنڊوالهيار ۾ آهي جتي ميين صابر جو مقبرو آهي(2). مولانا وفائي کي شايد اها روايت صحيح ملي نه سگهي آهي، ٻُڌل ڳالهه تي ويساهه ڪندي شايد مولانا وفائي کان سهوَ ٿو پائنجي، ڇو ته ضلعي ٽنڊي الهيار ۾ نه ڪا ولهار نالي ديهه ۽ نه ئي ميين صابر جو ڪو مقبرو آهي. مير علي شير قانع جي لکڻ مطابق ئي دُرست آهي، پر مقامي ماڻهو ميين معروف جو قبو نه بلڪ ميين معروف جا قُبا ڇو ٿا چون؟ ان لاءِ عرض هيءُ آهي ته ميين معروف جي قبن کي ڪجهه فاصلي تان ڇبو ٿي ڏسبو ته قبن جو تعداد هڪ کان وڌيڪ آهي، هڪ ميين معروف جو قبو ۽ ٻي مسجد شريف جا قُبا آهن، مڙني منجهان ميين معروف جي قبي جو گُنبد وڏو آهي.



ميين معروف جا قُبا

### قبن جي بيهڪ:

اڍائي سئو سال گُذري ويا آهن، ان وچ ۾ ڪيترائي تندو تيز طوفان آيا، زلزلا، طوفاني برساتون، جهڪون، جهولا، پر هن شاندار عمارت کي، ڪٿان ڪوبه شگاف وغيره نه پيو آهي، قبن جو داخلي در، اوڀر پاسي کان آهي، جنهن جي ويڪر ٽي فوٽ ۽ ڊيگهه ڇهه فوٽ آهي. قبي ۾ داخل ٿبو ته اندر به قبرون آهن، اوڀر واري تربت ميين مقبول جي آهي، ۽ اولهه واري تربت ميين معروف جي آهي. مذڪوره قبي جي اندران اندر ماپ 10x10 آهي، قبي

پيو(6). درسگاهه جي بنياد کان پوءِ، هن برڪت واري جاءِ تي، طريقت جون تنوارون ۽ معرفت جون مقالون به شروع ٿيون. ميون صابر ايڏي منزل تي پهچي ويو جو وڏا وڏا اهلِ علم ۽ اهلِ ادب سندس حاضريون ڀري هن روحاني طبيب کان اندر جو علاج ڪرائي ويا. مولانا وفائي لکي ٿو ته:

”ميون صابر ولهاري وقت جو وڏو عالم ۽ نقشبندي طريقي جو مُرشد هو، تنهن سان به شاهه عبدالطيف ڀٽائي جي ملاقات ٿي آهي.“



مخدوم ميون صابر ولهاري، جي ڇٽي

ان ملاقات جي باري ۾ مولانا وفائي لکي ٿو ته:

”هڪ دفعو شاهه صاحب سفر ۾ هئا ۽ سندس اکيون اٿي پيون، جنهن ڪري هڪ اک تي سائي اڳڙي لڙڪائي ڇڏي هئائون. ميون صابر پنهنجي تر (ولهار) ۾ شاهه صاحب جي آمد جو ٻڌي سندس ملاقات لاءِ ڪهي آيو. شاهه صاحب، مخدوم صاحب جي نالي کان اڳم ئي واقف هو، جڏهن مخدوم صابر ولهاري، شاهه صاحب جي ڪچهري ۾ اچي ويٺو، تڏهن شاهه صاحب، اکين تان اڳڙي پري ڪندي فرمايو: ”اي منهنجون اکيون، هي اهڙو ئي آهي نه جهڙو مون اوهان کي چيو ٿي (7).“ جيئن ته مخدوم صابر ولهاري ۽ ٻيا وڏا اولياء، مخدوم آدم نقشبندي جي فيض مان بهره ور ٿيل هئا(8). مخدوم آدم نقشبندي ٺٽوي، هڪ وڏو عالم بزرگ ٿي گذريو آهي. هن بزرگ جي بيعت خواجه عُروة الوثقيٰ (مظبوط ڪڙو) حضرت محمد معصوم ولد حضرت امام رباني مجدد الف ثاني سان ٿيل آهي. امام رباني شهنشاهه اورنگزيب عالمگير جو مُرشد هو(9). حضرت مخدوم ميون صابر ولهاري، هڪ ڪامل ولي، وقت جو وڏو عالم دين ۽ صاحب شريعت ۽ روحاني رهبر هو. هي استاد العلماء پنهنجي درسگاهه ۾، درس و تدريس کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ مخفي نموني سان پنهنجي مام ۾، ”چرخو ائين چور، جيئن پوُن پٽڪو نه ٿئي“ واري انداز ۾، پنهنجي مالڪ حقيقي جي عبادت ۾ محوَ ۽ مشغول ٿي ويندو هو. هن نقشبندي طريقي جي مُرشد ۽ ڀلاري بزرگ جي ڄمار ڪيتري هئي، سا ڳالهه معلوم ٿي نه سگهي آهي، البت سن 1135 هه برابر 1722ع ۾، سندس روح جو پکي، دنيا جي قفس مان نڪري وڃي عالم جاوداني جي اڪيري ۾ ويٺو. سندس قبر مبارڪ، پٿر جي يڪي بلاڪ جي آهي، تنهنجي سيراندي کان ڪلمه طيب، ساڄي پاسي کان سوره بقره جو آخري رُڪوع، کاٻي پاسي کان سوره فاتحه ۽ آية الڪرسي، ڏاڍي خوبصورتيءَ سان لکيل آهي، وڏيڪ ڪوبه وفات جو سن وغيره اُڪر ٿيل ڪونهي. مخدوم ميون صابر جي قبر وارو اصلي پٿر جنهن تي آيتون سڳوريون اُڪر ٿيل هيون، اهو پٿر، تمام جهونو ۽ زبون ٿي چڪو هو، انهي پٿر جي مٿان موجوده دؤر جو بهترين ۽ چمڪدار، ٽائلس، لڳائي سيراندي کان سنگِ مر مر جو سفيد پٿر، فِٽ ڪيو ويو آهي، جنهن تي هيءَ عبارت آويزان ٿيل آهي:

”مرقد مبارڪ، قدوة السالڪين، قطب الڪاملين، زبدة العارفين، تاج الصابرين، عارف بالله، فنافي الله، شيخ المشائخ، صائم الدهر قائم الليل، محبوب رسول،حضرت مخدوم ميون صابر ولهاري نقشبندي، رحمة الله ولد ميان عبدالڪريم وصال مُبارڪ 1135هه برابر 1722ع سندس ملاقات لاءِ

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ۽ ميون شاهه عنات رضوي، ولهار جي ڳوٺ ڪنڊياري تشريف فرما ٿيا. يادگار لڪائيندڙ، مخدوم ميون علي محمد ولهاري ثاني ولد ميون لطف علي ولهاري ڳوٺ شاديون ولهار، ٽنبوالهيار 2004ع آهي.

## مخدوم ميون معروف ولهاري:

مخدوم ميون معروف ولد مخدوم ميون صابر ولهاري جي باري ۾، "تحفة الڪرام" وارو صاحب هن بزرگ جي باري ۾ هيٺين لکي ٿو ته:

"هيءُ بزرگ هميشه قرآن پاڪ جو درس ڏيندو هو ۽ حد کان وڌيڪ بزرگ ۽ پرهيزگاري جو صاحب هو(10). مير علي شير قانع پنهنجي جڳ مشهور ڪتابه 'معيار سالڪان طريقت' ۾ فقط ميين معروف جي قبي ۽ مزار جو ذڪر ڪيو آهي(11). هن وقت جي ولي، صاحبِ تقويٰ ۽ عالمِ دين، پنهنجي والد جيان، "درسگاهه ولهار" ۾ درس و تدريس جو ڪم جاري و ساري رکيو. سندس ڪيترائي شاگرد، شريعت ۽ طريقت جي علم سان معمور ٿي نڪتا ۽ درسگاهه ولهار جي علم جو چرچو ڏيهان ڏيهه گونجڻ لڳو. مخدوم ميين معروف جون ڪيتريون ئي ڪرامتون مشهور آهن، جنهن ۾ سندس پوين وٽ هي به ڪرامت مشهور آهي ته ميين معروف ڪاٺ جو گهوڙو پڻ هلايو، سندس قبر تي رکيل سنگ مرمر جي ڪتبي تي سندس وفات جو سال 1175ه لکيل آهي، پر ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق مطابق، سندس وفات جي ڪجهه وضاحت هن طرح ملي آهي:

| | |
|---|---|
| معروف باالبر والتقيٰ | 1171 |
| بود خيمه رشد | 1171 |
| بلغ الحق | 1171 |

اهي تاريخون سيد عبدالهادي ولد سيد محمد شفيق نصرپوري ڪڍيون ۽ پڻ هيٺيون قطعو چيائين:

حزن حسرت که بام دین افتاد
درحق خلق بود رحمت مفت
سال فوت را ز سحر جستم
"خیمه رشد" بود هاتف گفت
(12)1171

## مخدوم ميون مقبول ولهاري:

هيءُ درسگاهه ولهار جو استاد بن استاد بن استاد، ولي بن ولي بن ولي مخدوم ميان محمد مقبول ولهاري ولد مخدوم ميان معروف ولهاري ولد مخدوم ميون صابر ولهاري. وقت جي جيد عالمن مان هڪ هو. پنهنجي والد ۽ ڏاڏي جيان درسگاهه ولهار کي بامِ عروج تي پهچايو. مير علي شير قانع جنهن وقت 'تحفة الڪرام' تاليف ڪري رهيو هو، ان وقت مخدوم ميون مقبول ولهاري حال حيات هو، هو لکي ٿو ته:

"ميان مقبول هن وقت خدا وارن وٽ قبوليت جي زندگي گذاري رهيو آهي(13)." مير قانع وري "معيارِ سالڪان"، طريقت ۾ لکي ٿو ته:

"ميان مقبول برابر مقبول هو(14)." مير قانع جي پوئين ڪتاب جي تصنيف مهل، ميون مقبول هن دنيا مان رحلت ڪري چڪو هو، مخدوم ميون مقبول ولهاري جي قبر تي جيڪو ڪتبو رکيل آهي، ان تي مخدوم ميون مقبول ولهاري جو سن وفات نئين سنگ مر مر جي پٽر تي 1215ه برابر 1800ع لکيل آهي، پر "معيار سالڪان طريقت" جي تحرير ۽ خود علي شير قانع جي وفات جيڪا 1203ه مطابق 89-1788ع ۾ ٿي آهي، ان مان لڳي ٿو ته ميون مقبول ولهاري 12 هين صدي هجري جي آخري ڏهاڪي جي شروعاتي سالن ۾ وفات ڪئي هوندي، يعني 96-1195ه ۾ وفات ڪئي هوندي.

## حاجي شهمير ٽالپر:

هن ساري قبرستان ۾، صحيح سلامت ۽ پراڻي پٽر تي اُڪر ٿيل ڪتبي سان، ڪا قبر ملي ٿي، ته اها حاجي شهمير ٽالپر جي قبر آهي. هن پلاري بزرگ جي باري ۾ ڪافي جستجو ۽ ڳولا کان پوءِ خبر پئي ته، مرحوم حاجي شهمير ٽالپر سُلطان الاولياء خواجه محمد زمان لواري شريف واري جو خاص خليفو هو. عزيزي محترم شرف الدين ٽالپر صاحب (لواري شريف) حاجي شهمير جو شجرو پڻ ڏنايو جيڪو هن طرح آهي:

حاجي شهمير ٽالپر (مدفن ميين معروف جا قبا) بن سليمان، بن رندو، بن بهار خان.

محترم جوٽيجو سائين بخش قبولائي، لواري شريف جي مشاهيرن تي ٽن جلدن تي مشتمل ڪتاب ”سچڻ ڏنو جن“ وڏي محنت ۽ عرق ريزيءَ ڪان پوءِ لکيو آهي. مذڪوره ڪتاب جي جلد نمبر ٻي ۾ قبولائي صاحب حاجي شهمير ٽالپر جي باري ۾ ڪافي ڪجهه لکيو آهي، هو لکي ٿو ته:

”حضرت خواجه حاجي شهمير ٽالپر عليه رحمت خانپور (خانپور هاڻي ڪن فارم جي نالي سان مشهور آهي، جيڪو اسٽيشن صالح پٽيري کان اولهه چار ڪلو ميٽر، رام جاڳي جي تاريخي قبرستان کي ويجهو آهي) مان لڏي اچي جهڏي گدام تعلقه ڏگهڙي ۾ رهائش پذير ٿيو(15). ياد رهي ته جڳ مشهور ڪتاب ”مرغوب الاحباب“ جو مؤلف حاجي نظر علي خان حاجي شهمير جو پوٽو هو. حاجي نظر علي حج تان واپس ايندي، اربع جي ڏينهن 10 رجب 1290هه مطابق 1873ع ۾ يمن جي ”مخ“ بندر تي وفات ڪئي(16). جيئن ته حاجي شهمير ٽالپر وڏي مرتبي وارو بزرگ ۽ نقشبندي سلسلي سان واڳيل هو ۽ مخدوم ولهاري به نقشبندي سلسلي جا هئا، تنهن ڪري شايد ولهاري مخدومن جي محبت، حاجي شهمير کي ڇڪي اچي ولهار جا وڻ ڏيکاريا هجن. حاجي شهمير ٽالپر جي آخري آرامگاهه، ميين معروف جي قبن کان، اولهه ۾ ڏکڻ جي ڪُنڊ تي، ايڪڙ پنڌ جي مفاصلي تي آهي. سندس قبر تي هي ڪتبو لکيل آهي:

لااله الاالله محمد رسول الله
مقبره حاجي شهمير ٽالپر تاريخ 11 ماه شوال سن 1200هه.



حاجي شهمير ٽالپر جي مزار

## مڪٽيو فقير:

هن فقير جي تربت، ميين معروف جي قبن کان، سر ڏکڻ ٻن ايڪڙن جي پنڌ تي آهي. هيءُ همراهه ذات جو ڪير هو؟ اُن لاءِ مقامي طور ٻه روايتون ٻُڌڻ ۾ آيون، هڪ ته هو ذات جو اوٺو هو. ٻي روايت ۾ ڪيس ذات جو مهندو سڏيندا آهن. جيئن ته هي اوٺن جي ولهار سڏجي ٿي، هن ولهار ۾ اوٺا قبيلي جا 12-13 ڳوٺ آهن، جيڪي پاڻ کي ”ولهاري اوٺا“ سڏائين ٿا. ولهار ايراضي ۾ ”سخي ڪاٺي اوٺي جو پڊ“ مشهور آهي، جيڪو مذڪوره فقير جي آستاني کان ڪلوميٽر اولهه طرف آهي. ان مان معلوم ٿيو ته، مڪڻ عرف مڪٽيو فقير ذات جو مهندو نه پر اوٺو هو. هيءُ فقير پڻ ولهاري بزرگن جو همعصر هو، مڪٽيي فقير جي تر ۾ هيءَ ڪرامت پڻ مشهور آهي ته، قبن جي آسپاس وڏو ڪندين جي وڻن جو ٻيلو هو، جنهن ۾ وڻن جي گهاٽاڻ سبب مقامي ماڻهو ڪيس ”گهونو“ سڏيندا هئا. هينئر به ڳوٺ رستم لغاري جي لغارين کي ”گهوني جا لغاري“ سڏيو وڃي ٿو. مقامي ماڻهن جي ڳالهه ته انهي گهوني ۾ ڳورپٽ رهندي هئي، ماڻهن سان وڙهڻ سان گڏوگڏ، لاشن جي بيحرمتي پڻ ڪندي هئي، اتي جي ماڻهن ڳورپٽ واري ساري ماجرا اچي فقير صاحب جي آڏو بيان ڪئي. فقير صاحب چيو ته هن ڏانئڻ ڳورپٽ به جيئڻ نه ڏنو. وڏيڪ چيائين ته آءٌ

اکيون روشني جون ڪڏهن نيٺ ڪُلنديون،
ٻتيون روشني جون ڪڏهن نيٺ ڪُلنديون.

ڪڏهن نيٺ دروازي جا تاڪ ڪُلندا،
دريون روشني جون ڪڏهن نيٺ ڪُلنديون.

سڀي روشني جو ڇڏيا ڇپ آهن،
ڇُميون روشني جون ڪڏهن نيٺ ڪُلنديون.

ڪُليل رستا اونده انڌوڪار جا سڀ،
گهٽيون روشني جون ڪڏهن نيٺ ڪُلنديون.

ڏُکر سوجهري جو ڪڏهن ختم ٿيندو،
نديون روشني جون ڪڏهن نيٺ ڪُلنديون.

ڪڏهن ٿيد ڪاني هُو ظاهر ٻه ٿيندي،
رسيون روشني جون ڪڏهن نيٺ ڪُلنديون.

نڪو ٿي چئي ٿئي، نڪو ٿي اُجهامي،
مٽيون روشني جون ڪڏهن نيٺ ڪُلنديون.

وليون روشني جون نڙي رونقون ڪن،
ڱليون روشني جون ڪڏهن نيٺ ڪُلنديون.

ٻڌل نين عارف سُهائي جا آهن،
ٻٽيون روشني جون ڪڏهن نيٺ ڪُلنديون.

(خليل عارف سومرو)

اٺويهين صديءَ جي چوٿين ڏهاڪي ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئين ۽ انوکي صنف جي شروعات ٿئي ٿي ،جا روايت ۽ موسيقيت جي اعتبار کان هڪ منفرد حيثيت رکي ٿي. جيتوڻيڪ اها صنف فارسي زبان جي وساطت سان سنڌ ۾ اڳي ئي رائج هئي ۽ ڪيترن سنڌي نسل شاعرن انهيءَ صنف کي پنهنجي فارسي ڪلام ۾ استعمال ڪيو، پر سنڌي شاعريءَ ان صنف کي ڪڏهن به پنهنجي دائره عمل ۾ جڳهه ڪانه ڏني هئي، اها صنف غزل جي نالي سان مشهور آهي. سنڌ ۾ فارسي علم و ادب جي زير اثر سنڌي شاعر ۽ مفڪر غزل جي صنف جي سڀني لوازمات کان چڱيءَ طرح واقف هئا. سندس اسلوب ۽ نفس مضمون جي به کين چڱي طرح ڄاڻ هئي، پر انهن اهڙي صنف کي سنڌي شاعريءَ لاءِ ڪڏهن به استعمال نه ڪيو. ظاهري طرح ڪو سبب سمجهه ۾ نٿو اچي يا ڪٿي ائين چئجي ته انهن سنڌي ٻوليءَ کي انهيءَ صنف لاءِ محدود سمجهيو هجي ۽ هو فارسي زبان جي وسعت جا قائل هجن.

غزل جي شاعريءَ جون ٻه خصوصيتون نهايت اهم ۽ لازمي آهن، هڪ اسلوب ۽ ٻيو موضوع ۽ ٻي معنيٰ ۾ کين فن ۽ فڪر سڏجي ٿو. انهن ٻنهي خصوصيات جو هر صنف جي شاعريءَ تي عمل دخل رهيو آهي پوءِ اها شاعري عربي زبان ۾ هجي يا فارسي ۽ اردو زبانن ۾. سنڌي غزل جي صنف پنهنجي مزاج ۽ مضمون جي اعتبار کان فارسي شاعريءَ جي هيئيت موضوع ۽ اسلوب بيان جي مرهون منت رهي آهي. مضمون جي اعتبار کان سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ايامن کان وٺي فارسي فڪر جي اثر کي قبول ڪيو آهي. قاضي قادن، شاهه ڪريم، شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جهڙن عظيم شاعرن تي فارسي مضمون ۽ فارسي فڪر غالب نظر اچي ٿو. شاهه ۽ سچل ته انهيءَ اثر جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ نهايت وضاحت سان ڪيو آهي، پر سنڌي شاعري هيئيت جي لحاظ کان پنج سو سالن تائين هڪڙوئي روپ ڌاريو آهي جو بلڪل مقامي رنگ آهي جنهن جو جنم برصغير پاڪ و هند ۾ ٿيو آهي ۽ انهيءَ متعين ۽ مقرر هيئت ۾ پنجن صدين ۾ ڪا تبديلي ڪانه آئي آهي، ۽ هينئر به موجود دور جو رجحان پڻ ان طرف مائل آهي، هيئيت جي اعتبار کان سنڌي شاعري فني طور- بيت، وائي ۽ ڪافيءَ جهڙين صنفن تي مشتمل رهي آهي. شاعري جو اهو قالب هر سنڌيءَ جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. انهيءَ نيڪنڪ جي سادگي ۽ سڀاجهڙائپ هر سنڌيءَ جي ڪردار ۽ مزاج ۾ نظر ايندي. ماضي بعيد کان وٺي انهن مقامي صنفن جو ڀرپور اثر هلندو آيو ۽ موجوده دور تائين پهتو آهي جنهن مان ثابت ٿئي ٿو انهن قديم صنفن ۾ ايتري قوت ۽ توانائي موجود آهي جا هر دور جي لاهين چاڙهين جو مقابلو ڪري سگهي ٿي. جڻ ته منجهن ابديت جو روح ڦوڪيل آهي ۽ سندن حيثيت جاوداني آهي. تنهنڪري سنڌ جي سرزمين تي ڪلاسيڪي فارم جي افاديت ۽ اهميت پنهنجي جاءِ تي اٽل ۽ مستقل آهي.

ڪتاب [سنڌي غزل جو تجزيو] تان ورتل

## امداد حسيني



# رمتو جوڳي

(اشفاق قاضيءَ جي ياد ۾)

خبر آهه اخبار ۾
"هاڻ اشفاق قاضي
اسان منجهه ناهي رهيو!"
خبر جنهن پڙهيم
هانوَ ۾ مُٺ پيم

الاڙي
"اِشو!"
ڪيس اِشوئي سڏيندا هئاسين
حميد ۽ خواجا سليم(1)
۽ ناصر ۽ مان(2)
۽ سندس هڪ سَکي
سيئي ڪيس "اِشو" ئي سڏيندا هئاسين
اُهو هاڻ اسان ۾ نہ آهي رهيو!

ملاقات اِشوءَ سان ڪڏهن ٿي هئي پهريان؟
جڏهن روح خلقيا وِيا هئا
تڏهن ٿي هئي!

اُهو رمتو جوڳي (3) رمي ويو
مِٽيءَ ۾ ملي
مِٽي ٿي وِيو!
پُٽ سَپُٽ سنڌ جو

جيڪر آباد چاچي گدائيءَ (4) جو شهر
جيڪر آباد جي بار ۾
اُهي ٽهڪ پنهنجا ۽ ناصر جا لڙڪ
لڙڪ ساغر ۾ ڪرندا رهيا
ٽهڪ پنهنجا بہ ڪئبن ۾ ٻُرندا رهيا

اُها جيڪر آباد ناهي
نہ چاچو گدائي
اُها بار ناهي
اُهو تون بہ ناهين
نہ ساغر
نہ ناصر

مگر پوءِ بہ اِن تو لڳي
لڙڪ ڪِرندا رهن ٿا
ٽهڪ ٻُرندا رهن ٿا

الا
اُهي ڏينهن جي گڏ گذاريا هئاسين
اُهي ڏينهن ڪيڏا نہ روشن هئا!

اُهي عشق جي مُشڪ ٿي ويا
اُهي بحث جي ڪونہ کُٽندا هئا
سي بہ دانا هئا، جي بہ دشمن هئا
تڏهن حيدرآباد جا
رول رستا بہ گلشن هئا

---

(1) حميد سنڌي، خواجا سليم (هاڻي سليم نورحسين، (2) ناصر مورائي، (3) اشفاق قاضيءَ جو "روح رهاڻ" ۾ ڇپجندڙ ڪالم "جوڳي"، (4) عبدالڪريم گدائي، (5) "اوطاق"- اسان جي ڪوڪر پاڙي واري جاءِ، جنهن کي اڄ بہ اوطاق سڏجي ٿو، (6) اشفاق قاضيءَ جو گلوءَ ۾ مينهن جو وَٺاڻ، (7) "19- روپ محل" هيرآباد، حميد سنڌيءَ جو فليٽ، هڪ ادبي مرڪز ۽ دوستن لاءِ ٺڪاڻو، (8) سُندري اُتمچنداڻي ناليواري ڪهاڻيڪار، (9) اُتم، ناليوارو ساهتڪار.

## ممتاز کوکر

# غزل

توريءَ منهنجا دلبر پيارا، جذبا سارا رئندا رهندا،
ڳوٺ ڳليون ۽ دَرَ، ديوارون، رستا سارا رئندا رهندا.
پنهنجي دل جي تمنائن لاءِ دوريءَ واري راهه نه ونجانءِ،
خواب خوشيءَ جا خاموشيءَ ۾، الڪا سارا رئندا رهندا.
تون به نه هوندين مان به نه هوندس، دنيا ۾ مَنَ چرچو هوندو،
جيءَ جا جنهن سان بندن جوڙيا، سرتا سارا رئندا رهندا.
ڪير به ڪنهن سان ساڻ نه هلندو، دنيا آهي جڻ خواب مثل،
هتِ مال، متاعُ، محل، ﭘنيون، ﭘارا سارا رئندا رهندا.
اڳ پُٺِ سوچي پلاڻ مرادو، هر ڪنهن سان ٿي نيڪ نيت،
محبت سان جي ملندين، ﭘانهون، ڳارا سارا رئندا رهندا.
ڪوري ڪاگرتي مان اڏما، اوتي اڄ "ممتاز" رهان ٿو،
الفت واري ناتن وارا، رشتا سارا رئندا رهندا.

# غزل

منهنجي من ۾ تون ئي تون،
دل ڌڙڪن ۾ تون ئي تون.
روپ پسائين، روز نوان،
سونهن ڳگن ۾ تون ئي تون.
تو- مان نفرت پئي نه پلئه،
چاهه چمن ۾ تون ئي تون.
تنهنجي صورت پوڄيان ٿو،
سِرُ، سجدن ۾ تون ئي تون.
دنيا ڪان مُنهن موڙيل آ،
منهنجي ڌُن ۾ تون ئي تون.
مون ڪان جي "ممتاز" پُڇين،
ساهه رَڳُن ۾ تون ئي تون.

◙

## ملهار سنڌي



# غزل

ڏنم توکي دلڙي نشاني ڪري!
ڇڏيم تنهنجي نالي جواني ڪري.
مٺي دِل جي دنيا مٿان هر گهڙي،
سنڌ، يادِ ٿي حڪمراني ڪري!
تڏهن اڪ ڪنهن تي ٻُڌي ٿي نه پئي،
جڏهن سَڏُ ڪَيئي مون کي جواني ڪري!
سنڌ، ِناز حسن و ادا جا چوان،
ڇڏيئي ساري دنيا ديواني ڪري!
وَيا ميڻجي درد "ملهار" جا،
ڏنئي پيار جو مهرباني ڪري!

# غزل

دل ۾ دردن جو ڪارخانو آ!
زندگيءَ جو عجب فسانو آ!
توکي چاهيو گهڻو گهڻو آهي!
جنهن جو شاهد سچو زمانو آ!
هر قدم يارَ سنڀالي رکجان،
هي سچو جڳ سرابخانو آ!
سارون، سپنا ۽ شعر تصويرون،
منهنجي جيون سندو خزانو آ!
هڪ گهڙي ٻي نه ٻيو تڪي سگهندو،
دِل . ته تنهنجو ئي آشيانو آ!
سُکُ "ملهار" کي مِلي نه سگهيو،
درد جو ٿيو سدا نشانو آ.

◙

رحمت سومرو



## سنڌ منهنجي امان

تون عنايت ۽ دودي جي همت بہ آن
تون ٻلڻي جي نيڻن جو جڻ نور آن
تون ئي هوشو ۽ هيمون جي للڪار آن
تون ئي سچل جي جڻ من جو منشور آن
ڳاٽ تنهنجو فخر سان اوچو رهي
پنهنجي وحدت سان قائم سدائين ڏسان

سنڌ منهنجي امان،
سنڌ منهنجي امان.

تو ۾ هولين جا شل رنگ پيا لائجن
تو ۾ عيدن جا ٻاڪر پيا ٻڌجن
تو ۾ ڏيارين جا مُرڪي ڏيئا ٻارجن
جهومندي هو جمالا پيا ڳائجن
موسمون تو ۾ شل مرڪنديون سڀ رهن
شل نہ توکي لڳي واءُ ڪوسو ڪٿان

سنڌ منهنجي امان،
سنڌ منهنجي امان.

ڏينهن تنهنجو نہ شل ڪو ڏکن ۾ هجي
رات تنهنجي نہ شل ڪا هجي رنج ۾
تو ۾ تحفظ جو احساس اهڙو هجي
جيئن هجي ٻار ڪو ماءُ جي هنج ۾
پنهنجي سنتوءِ سان گڏ پنهنجي اولاد تي
تون هميشہ رهين شل ائين مهربان

سنڌ منهنجي امان،
سنڌ منهنجي امان.

ڪنهن نہ ڪنهن سوچ مان، ڪنهن نہ ڪنهن لوچ سان
روشني، روشني ٿي وئي رات ۾
هيءَ لهو سان شل لاٽ ٻرندي رهي
پنڌ ناهي گهڻو هاڻ پرڀات ۾
ڏس تہ آڪاش مرڪي چوي ٿو پيو
ٻاٽ رهڻي نہ آهي سدا تو مٿان

سنڌ منهنجي امان،
سنڌ منهنجي امان.

## غزل

تنهنجي نيڻن سان آشنائي هئي،
خوبصورت سڄي خدائي هئي.

تو بنا زندگي تہ ڇا هر شيءِ،
ها اجائي هئي، اجائي هئي.

درد ڪنهن سان سليان ٻلا آخر،
اُب تائين اڪيلائي هئي.

توکان وڇڙي وجود پنهنجي جي،
روز ورسي اسان ملهائي هئي.

ماٺهو، ماٺهوءَ جي رت جو پياسو،
اُج اهڙي ڪٿان ڪان آئي هئي!

جنهن ڪي تنهنجو مليو هو نقش پا،
عرش تائين سندس رسائي هئي.

بس رڳو درد ئي هيو پنهنجو،
ٻي تہ هر شيءِ قسم پرائي هئي.

# خالد احمداڻي

## غزل

وِصل کان پوءِ هجر ستائي ٿو،
ڏار سانجهيءَ پهر ستائي ٿو!
ڦوهه جوڀن بيان ڪندو جانان!
ٽر ڪي ڪيڏو ڪڪر ستائي ٿو!
آئيني جو وجود آهيان مان،
مون کي پٿر شهر ستائي ٿو.
ڪيئن ٻڌايان مان ڪيترو تنهنجي،
خط جو هڪ هڪ اکر ستائي ٿو!
مون کي ڏسندي اُبو نہ ڪر جانان،
بيرخي جو خنجر ستائي ٿو.
تن اگهاڙو ٽريءَ ٻڌائيندو،
ڪيس ڪيڏو اُتر ستائي ٿو!

## غزل

جي آ سارڻ ڏکيو ڀلائي ڇڏ،
خواهشن کي پرين جلائي ڇڏ!
عمر ساري تون سات ڏيئي سگهندين،
مُنڍ ۾ ئي مونکي ٻڌائي ڇڏ!!!
مون کي اونداهہ سان مُحبت آ،
ڏيپ ٻرندو ڏسين، اجهائي ڇڏ!
سينڌ تنهنجي ۾ ٿو سونهي ليڪن،
گل کي گلدان ۾ سجائي ڇڏ!
ڪر عطا زندگي وڏي هُن کي،
عمر منهنجي ڀلي گهٽائي ڇڏ!

## غزل

هاڻ تعلق نئون رکيون ڇا لئہ؟!
غم جو ڀيهر مزو چکيون ڇا لئہ؟!
جاڳ سوچيو "اڳي ستو ناهي"!
نيڻ هُن جا وري ڀکيون ڇا لئہ؟!
الوداعي مهل نہ ڄاتو تو،
هُن جون آليون هيون اکيون ڇا لئہ؟!
ننڊ جيڪر رُٺي نہ آ هُن کان،
رات ساري ٻتيون ٻکيون ڇا لئہ؟!
گهاءُ ناسور ٿي ويو "خالد"،
هاڻ اُن تي مرهم رکيون ڇا لئہ؟!

## غزل

سنيها سهاني رتن جا گلابي،
ڀريا ٽهڪ تنهنجي چپن جا گلابي!
جيئڻ جو ويا حوصلو ڏيئي وري،
حنائي نياپا هٿن جا گلابي!
اهو درد من ۾ چُڀي ٿو خنجر جيئن،
بدن روز روڙيئي، وچن جا گلابي!
اجا ياد آهن ڀرن ڀيا ذهن ۾،
قصا جيڪي آهن جڳن جا گلابي.
شڪاريءَ ڪٺي روز بندوق، ڪنوارا،
تو احساس ماريا پکين جا گلابي!
سجايون چپن تي اسان ڪوڙ مُرڪون،
جڏهن موهہ مهڪيا بدن جا گلابي!
ڇڏيا جيڪي سورج، اهي رات 'خالد'،
مٽائي ڇڏيا رنگ ڳگن جا گلابي!

## اُداسي جکراڻي

### غزل

تنهنجي يادن جو هي معجزو آ اڄان،
ذات جو سلڻ آ، حوصلو آ اڄان.
آءُ مرڪن سان مهڪائي ماحول وچ،
بيرخين جو هي چو سلسلو آ اڄان.
هن کي چئجو تہ بس پروسو هو رکي،
ڪوبہ هن جيان نہ دل ۾ لٿو آ اڄان.
جهول ۾ چنڊ ويساهہ گهاتيون وڌئي،
ياد دل کي اهو حادثو آ اڄان.
نيڻ رستن جي دز ۾ ئي لٽجي ويا،
پر تون ايندين، مئي، آسرو آ اڄان.
مند آئي لابارن جي، ڪونجون وريون،
ڪو سنيهو نہ تنهنجو پهچو آ اڄان.
مُرڪ ڪسجي وئي ٽهڪ مغوي بڻيا،
چا اُداسي وڃ تو بن بچيو آ اڄان.

### غزل

ديد جنهن لاءِ منتظر آهن،
سو اڄان تائين بيخبر آهي.
واءُ ۾ ٽهڪ ڪو وکيري چڏي،
سوڳ اوڍيو سڄي شهر آهي.
پنهنجي خانہ بدوش خوابن جو،
ڪو ٺڪاڻو نہ ڪوئي گهر آهي.
ملتي مند مهڪ بڻجي وئي،
تنهنجي مُرڪن جو ئي اثر آهي.
تنهنجي چاهت جي چانو آ جنهن تي،
سوئي دنيا ۾ معتبر آهي.
اُکري وڃبو ڏکيو سفر جانان،
سار تنهنجي جو همسفر آهي.
تو اکين مان ٽڙيو ”اداسي“ کي،
رول اڄ تائين دربدر آهي.

◘

## علي محمد سولنگي

### غزل

سَدائين تلتِ نيڻن ۾،
آهي برسلت نيڻن ۾.
ڏٺي جنهن کي ويو وڃي،
اٿئي ڪا بلتِ نيڻن ۾.
سُتل سالن صدين کان آ،
ڪا، ڪاري رات نيڻن ۾.
وسيل آهي تہ ورهين کان،
سندو ئي ذاتِ نيڻن ۾.
لڳل هُئي ساهہ کي اڳ پرَ،
هاڻي سڪراتِ نيڻن ۾.
لُڇي ترپي پئي ڦٽکي،
ڏکاري ذاتِ نيڻن ۾.

### غزل

سوچون سيرون سيرون آهن،
جذبا ڇيرون ڇيرون آهن.
بي ڪفنا، ارمان لاشا،
کهڙيون هي تقديرون آهن.
دل، دماغ وڪوڙيل تن ۾،
يادون چڻ زنجيرون آهن.
هٿ ڪشڪول جيان ئي خالي،
جنهن ۾ چنڊُ لڪيرون آهن.
هاءِ! اسان جي عشق تي آيون،
روز نيون تعزيرون آهن.
ترپي ٿي پئي تانگهہ ملڻ لئہ،
تو وٽ سڀ تدبيرون آهن.
منهنجو سارو سرمايو هي،
تحريرون، تصويرون آهن.

◘

فراخ جانوري

## وائي

منهنجي سوچن ۾،
سندر سپنن ۾،
تنهنجي چاهت آ مِنا
لون لون ۾ تون ئي وسين،
دل جي ڌڙڪن ۾،
تنهنجي چاهت آ مِنا.
منهنجي هرهڪ آس ۾،
اندر اُڌمن ۾،
تنهنجي چاهت آ مِنا.
تولئہ روئن هجر ۾،
منهنجي نيڻن ۾،
تنهنجي چاهت آ مِنا.
تو آئي مهڪي پيا،
گلشن گلڙن ۾،
تنهنجي چاهت آ مِنا.
توبن رهن بي چين ٿا،
منهنجن گيتن ۾،
تنهنجي چاهت آ مِنا.

## غزل

جا گهري سي، سا خوشي ناهي ملي،
زندگي کي زندگي ناهي ملي.
ساهہ صدمن ۾ رهيو آهي سدا،
درد کان دل کي وِٿي ناهي ملي.
حق کسيل ۽ بندشون آهن پَيَل،
ها! اڃان آزادگي ناهي ملي.
هي غضب آ سنڌ وارن کي اڃان،
سنڌڙيءَ جي وارثي ناهي ملي.
ڏک مسلسل جانوري ڀوڳيون پيا،
سک جي سهڻي کا گهڙي ناهي ملي.

## غزل

ڪٿي پيي سک نہ پلئي ٿو، اسانجو جيءُ جوڳيڙو،
پيو پلپل رلائي ٿو، اسانجو جيءُ جوڳيڙو.
جڏهن پيي گيت ڳائي ٿو، اسانجو جيءُ جوڳيڙو،
زماني کي نچائي ٿو، اسانجو جيءُ جوڳيڙو.
ٿو دولت سندا سپنا ڏسي ڪڏهين، سدا سيني،
مٽيءَ مهڪار لائي ٿو، اسانجو جيءُ جوڳيڙو.
خوشيءَ کان جهول خالي آ تڏهن پيي اک نہ آلي آ،
غمن سان پيي نڀائي ٿو، اسانجو جيءُ جوڳيڙو.
سدا بي رنگ بستين ۾ ٿِيل ويران وستين ۾،
پيو هي رنگ رچائي ٿو، اسانجو جيءُ جوڳيڙو.
ڏسي ٿو سونهن سک سرهاڻ ۽ انسانيت جا ٿي،
سدا اُت سِرُ جهڪائي ٿو، اسانجو جيءُ جوڳيڙو.
انڌيرن ساڻ اٽڪڻ جو ازل کان شوق آ هِن کي،
پيو خود کي جلائي ٿو، اسانجو جيءُ جوڳيڙو.
زماني کان پَلوَ ۾ ڏک پون ٿا جانوريءَ ڀوءِ پيي،
وفائون پيو لٽائي ٿو، اسان جو جيءُ جوڳيڙو.

## غزل

ڪنهن سهاني سار ۾ جيئون پيا،
زندگي جي پيار ۾ جيئون پيا.
دل جي هر احساس ۾ خوشبوءِ آ،
محبتي مهڪار ۾ جيئون پيا.
پنهنجي پر ۾ جڳ سڄي تي آ نظر،
ڳوٺ جي سنسار ۾ جيئون پيا.
ظلم ناحق ۽ ستم ٿين ٿا پيا،
ڪيتري آزار ۾ جيئون پيا.
حالتن خود کان ڪيو آ دور پر،
سونهن سان سهڪار ۾ جيئون پيا.
چا تہ دل ڪش چين ڏيندڙ آ فضا،
واهہ تي وٺڪار ۾، جيئون پيا.
سنڌڙي سان نينهن شل نيڄي وڃي،
پاڻ ان ويچار ۾ جيئون پيا.
وقت توکي ڪٽ الائي ويو ڪٿي،
پاڻ غم جي جلر ۾ جيئون پيا.
دل جو ڪنهن سان درد اوريون اي فراخ،
بي حسي سنسار ۾ جيئون پيا.

ذوالفقار ڪانڊڙو

نثري نظم

## زندگي ۽ موت

زندگي
موت کان ڪيڏو نہ ڊڄندي آهي
۽
موت زندگيءَ کان ڪڏهن بہ ناهي ڊڄندو
زندگي
موت کان نفرت ڪندي آهي
موت
زندگيءَ سان محبت ڪندو آهي
۽ پاڳلن جيان زندگيءَ جي پويان ڊوڙندو رهندو آهي
زندگيءَ کي
سدائين موت کان شڪايت رهندي آهي
موت
زندگيءَ جون شڪايتون ٻڌي مسڪرائيندو آهي
زندگي
بار بار موت جو ذڪر ڪندي آهي.
۽ موت
ڪڏهن بہ زندگيءَ جو ذڪر ناهي ڪندو
فقط زندگيءَ جي چپن کي چُمي
پنهنجي پاڪرن ۾ ڀري وٺندو آهي.

## نثري نظم

آلا فقط
پنهنجي پاڻ جو هوس
تنهنجو ٿي ويندس
مون اِهو سوچيو بہ نہ هو.

دل ۾ ڦٽي آيل
رابيل جهڙيون ڪلپنائون
مرجهائجي وينديون
مون اِهو سوچيو بہ نہ هو.

مون وٽ ڪجهہ خواب هئا
انڌي فقير جي ڪستي مان
ڪريل ريزگاريءَ جيان
وکري ويندا
مون اِهو سوچيو بہ نہ هو.

منهنجو هڪ روشن مستقبل هو
پيانڪ ماضي بنجي ويندو
مون اِهو سوچيو بہ نہ هو.

تون منهنجي هئينءَ
اجنبي بنجي وينديںءَ
مون اِهو سوچيو بہ نہ هو.

## ثمينہ ميمڻ



# بينظير کي ڀيٽا

## هر سڏڪو هئو نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو

جڏهن هئو مون ٻڌو
تون ديس پنهنجي
وَرڻي هُئين،
هڪ پل لاءِ ٿيو هئو خوشيءَ جو احساس
پر
اڄاڻي احساس هُئو
ٻڇاري ڇڏيو
توکي تہ مُور نہ وَرڻو هئو
تُنهنجي ڪُرمَ جا ويري
هُئا تُنهنجي ئي تاڪ ۾
پر
مان هئس ڀُليل!
تو تہ سڀڪجھ ئي ڄاتو
جو مون نہ ئي ڄاتو
توکي بي پهچ ديس مارويڙن لاءِ
هُئو جو ورڻو پيو
ءُ
پوءِ
گهڙيءَ گهڙيءَ هُئا تاڪائو
تُنهنجيءَ تاڪ ۾ رُڏل
ها
اُها سانجهي ويل بہ آئي
جڏهن تاڪائن جو نشانو
هئين، تون ٻٽيل
شهادت تُنهنجي تي
هر گهڙيءَ ڪربل ڇانئي هئي
هر ڪنهن جو سڏڪو هو نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو
ڪن جي تہ ساھ جو سڳوئي ٽُٽي پيو
منهنجي اڄاڻي احساس
مون کي ورائي ڏنو
ڇا؟ مون اِهو سوچيو هئو!!
موت تہ برحق آهي
پر
ڳوڙهيءَ جي شهيد: جي تاريخ کي جو
اَمر ٿيڻو هئو.



يوسف سنڌي



بهادر ٽالپر



غلام مصطفيٰ سولنگي

دوزخ

سدرة المنتهيٰ جيلاني



اصغر لاکو

بَکيا

سنڌيا شاهه

# ڪهاڻيون

ڪهاڻي نهايت سادي دور جي پيداوار آهي، تنهنڪري پنهنجي مزاج ۾ بہ نهايت نازڪ ۽ سادي آهي. اها صنف، انسان جي سنئين ۽ سادي، بي تڪلف ۽ بي تصنع معاشرتي زندگيءَ جي پيداوار آهي. اڳ ڪهاڻي، فقط ٻڌائڻ ۽ بيان ڪرڻ تائين محدود هئي. اوائل ۾ ڪهاڻي، انهن جذبن ۽ خيالن جي ترجماني ڪندي گهڙي وئي، جڏهن ويچاري انسان جي زبان چڻ تہ اڃا گونگي هئي. گويا ڪهاڻي سندس دل جي گوناگون ڪيفيتن جي اظهار جو پهريون وسيلو بني.

ڪهاڻيءَ جو استعمال بہ نهايت سادي ماحول ۾ ٿيو. وقت گذاريءَ، وندر، تفريح، دلچسپيءَ ۽ دلبستگيءَ لاءِ پيدا ڪئي وئي. ان طرح مسرت ۽ غم، ڪاميابيءَ ۽ ناڪاميابيءَ، فتح ۽ شڪست جي احساسات ۽ جذبات جي اظهار جو پڻ وسيلو بني. ان طرح موقعي تي، اخلاق ۽ زندگيءَ جي بهترين آدرش جي حڪمت آفرين وضاحت بہ ڪندي آئي.

انسان، پنهنجي اوائلي زندگيءَ جي گوناگون مشاهدات تجربات کي نہ فقط ڪهاڻيءَ ۾ سهيڙڻ جو ڪامياب تجربو ڪيو، پر ان سان گڏ، زندگيءَ جي عميق ۽ دقيق اخلاقي پهلوءَ جو تجزئي ڪندي، جيڪا مٿس سندس ناتجربہ ڪاريءَ جي ڪري، حيرت جي ڪيفيت طاري ٿي، ان کي بہ نهايت سادگيءَ سان بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين، ان طرح ڪهاڻي هڪ انسان ۽ ٻئي جي وچ ۾، يا هڪ هڪ فرد ۽ جماعت جي وچ ۾، تبادلہ خيالات ۽ افهام تفهيم جو ذريعو بہ ٿي سگهي. ائين ڪندي ڪهاڻي نہ فقط هڪ صنف بنجي پيئي، پر ان سان گڏ نهايت اهم شغل پڻ بنجي پيئي.

انسان پورهيو ڪري ٿڪجي چور چور ٿي پوي، ڪنهن طلب ۾ ڪامياب نہ ٿئي، ڪٿي شڪست کائي ويهي، زماني جي حادثن ۽ معاشري جي بي اعتنائيءَ کان آزرده ۽ افسرده ٿي پوي، تہ پوءِ ڪهاڻي، داستان سرائي ۽ قصہ گوئي سندس سڀ ٿڪَ لاهيو ڇڏي. ڳالهہ ٻڌڻ سان ۽ افساني پڙهڻ سان، آزردگي ۽ افسردگي، ملال ۽ دل گرفتگي، ڪافور ٿي وڃن ٿا. افساني ۽ ڪهاڻي جي عالم ۾ ڪيس اهو سڀ ڪجهہ ملي ٿو وڃي، جو سندس مطلوب آهي ۽ جنهن کان پاڻ محروم آهي.

ڪهاڻي، هرحال ۾، مرد ۽ جوان، ٻار ۽ ٻڍي، زال ۽ صنف نازڪ سان جيترو ساٿ ڏنو آهي، اوترو ٻئي ڪنهن بہ صنف کان نہ ٿي سگهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪهاڻي ڪم و بيش، هر انسان جي لوازم حيات ۾ داخل ٿي چڪي آهي. هن خلائي دور ۾، جڏهن سج ۽ چنڊ سندس نگاهہ جو آماجگاه بنجي چڪا آهن ۽ هو چنڊ جي حيرت انگيز ۽ مريخ جي سحر خيز دنيا جا خواب لهي رهيو آهي، تہ بہ ڪهاڻيءَ جي طلسماتي ماحول جو محتاج آهي. اڄ بہ ڪهاڻي سندس لاءِ لوليءَ کان گهٽ نہ آهي. سندس ذهني الجهن ۽ پريشانيءَ لاءِ عقده ڪشائيءَ جو سامان آهي. سندس زخم خورده دل لاءِ، عيسيٰ جو مرهم آهي. اڄ بہ سندس هر ناڪام آرزوءَ جي دنيا ڪهاڻي آهي، اڄ بہ سندس روح ۽ ان جي باليدگيءَ لاءِ پناه گاه، ڪهاڻي ئي آهي.

ڪتاب [تاريخي افسانا ۽ ڈراما]
تان ڪنيل

ماڻهو هو، سندس گهر ۾ دنياوي سکن ڪڏهن پلجي ٻه پير نه پاتو هو، ڪجهه هارپي ۽ ڪجهه هِتي هُتي مزدوري ڪرڻ کان پوءِ چڪي تاڻي رڪا سڪا ٽي ويلا ماني جا مس ڪائي سگهندا هئا. هاڻ ڪجهه ادلوءَ جي مزدوري ڪرڻ جي ڪري، جيڪو هن ئي شهر ۾ ڪٿي مزدوري ڪندو هو، ۽ هر جمع جي رات ڳوٺ ايندو هو، ۽ ڪيس مزدوري مان بچايل ايترا پئسا ڏيئي ويندو هو، جو گهر جو چرخو چڪي تاڻي هلڻ لڳو هو.

جڏهن هي وٺ پڪڙ ۾ ڳونان نڪتا هئا ته هن جي کيسي ۾ پيل رومال ۾ ويڙهيل ويهين روپين جو نوٽ ئي هن جو ڪُل اثاثو هو. ”ويهن روپين مان ڇا ٿيندو؟“ هن سوچيو ۽ سياڻي شهر ۾ ادلوءَ کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندس... پوءِ خيال آيس ته ادلو پاڻ هنن لاءِ پريشان هوندو ته ڪٿي آهين، ڪيس هنن جي لاءِ اُلڪي ته سمهڻ ئي نه ڏنو هوندو... ڇو ته ڪيس خبر پئجي ويئي هوندي ته سندس ڳوٺ ٻُڏي چڪو آهي... جنهن هنڌ تي اڳ سندن گهر هو. سايون ٻنيون هيون... اُتي هاڻ رڳو پاڻيءَ جي اڇ ئي اڇ آهي.

هن سڄي رات پنهنجي پُٽ جي اُلڪي ۾ گذاري ۽ ٻي ڏينهن هو چاهيندي به ادلوءَ جي خبر چار وٺڻ جي لاءِ ڪيڏانهن وڃي نه سگهيو، جو ڪيس ڊپ هو ته ڪٿي ماڻهن جي وڌندڙ انبوهه ۾ سندس ننڍڙو ڪٽنب گم ٿي نه وڃي. اُهو سڄو ڏينهن هن وڻ جي هيٺان ويهي آسپاس ويٺل ٻين ٻوڏ ستايلن سان خبرون چارون ڪندي گذاريو. سندن ڪوبه حال پاڻي نه هو، سيني جي ڪٿا ساڳئي هئي، سيني کي پيٽ ۽ پنتي جي ڳڻتي ۽ نظر سامهون روڊ تي هئي، جتي ڪنهن ڪنهن مهل وڏيون گاڏيون بيهي ماڻهن ۾ کاڌي پيتي جو سامان ورهائڻ ٿي لڳيون، پر هن جي اوسٽائين پهچڻ کان اڳ، سڀ ختم ٿي ويو ٿي... شام ڌاري ڪٿان کو پت جي ديگ ڪٿي اچي هنن ۾ ورهائي ويو ۽ هنن جي پيٽ ۾ پوندڙ ٻک جي ڇڪن کان جند آجي ٿي.

ايئن ٻيو ڏينهن به گذري ويو... ڪوبه سندن اوهي واهي نه ٿيو... بس منجهند ڌاري ڪجهه وڏين گاڏين وارا آيا ۽ هنن کي ڪجهه بسڪوٽن جا پاڪيٽ ۽ پاڻيءَ جون بوتلون ڏيئي، فوٽو ڪڍي... سندن موٽي پريندا روانا ٿي ويا.

هاڻ ٻک هنن جي سهپ کان ٻاهر ٿي ويئي هئي. پنهنجي پوڙهي زال ۽ ننهن جي لٿل ۽ مايوس چهرن، هن جي اندر ۾ وڍ وجهڻ شروع ڪيا هئا. سندس پوٽي، جيڪا گهر ۾ سڄو ڏينهن ٽينگ ٽپا پيئي ڏيندي هئي، ايئن خاموش ۽ هر ايندڙ ويندڙ کي گهوري ڏسي رهي هئي، جڻ ڪنهن ٻي دنيا جي مخلوق هجي.

هن کان اهو سڀ ڪجهه ڏٺو نه ٿيو ۽ هي اُٿي روڊ تي آيو ۽ ماڻهن جي ان انبوهه ۾ شامل ٿي ويو، جيڪو سامان ڪٺي ايندڙ هر گاڏي تي رومڙ ڪري، ان کي ڇهني ٿي ويو، پر پنهنجي هيڻن هڏن سبب ڪجهه حاصل ڪري نه سگهيو هو ۽ هاڻ هُو ٿڪي اچي رستي جي پر ۾ ويٺو هو ته هاڻ ڇا ڪري ۽ خالي هٿين ڪيئن وڃي؟

هڪ پيرو ٻيهر ماڻهن ۾ چرپر پيدا ٿي ۽ هوليرو مچي ويو. سامان سان پريل ٽرڪ کي سڀ ماڻهو ايئن ورائي ويا هئا، جيئن ڍوند کي ڳجهون حملو ڪنديون آهن. هن هڪ ٻن لمحن لاءِ انهن کي ڏٺو ۽ پوءِ منجهس ڪا ازغيبي سگهه اچي ويئي ۽ هو ”متان ويا آهيو“ چئي ٻوڙندو وڃي ٽرڪ کي پهتو ۽ سامهون ايندڙ ٻن همراهن کي ايئن ڌڪا ڏيئي پري ڪيائين، جيئن جوانيءَ ۾ ڪوڏي ڪيڏندي، سامهون واري کي ڪانچاڻ لاءِ اوچتو ڌڪ هڻبو آهي. ٻي گهڙيءَ سامان سان ڀريل ٿيلهي هُو پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳو...

◙

ڪري ٿي، مٿانهين بند تي چڙهڻ لاءِ هن پنهنجي رفتار وڌائي وڏيءَ ڪوشش کان پوءِ هوءَ بند تي چڙهي آئي. هوءَ سهڪي سهڪي ساٿي ٿي چڪي هئي. اوچتو ڪانئس رڙ نڪري وئي: ”هئه! منهنجو ٻچڙو ڪاڏي ويو؟“ هوءَ گهٻرائجي وئي، پر پوءِ ٿورڙو ئي پريرو پنهنجي ٻچڙي کي ڏوڙ ۾ ليٽيل ڏسي ڪيس دلجاءِ ٿي. هُو شايد ماءُ وانگر ڪونه ٿي رڙهي سگهيو. هوءَ مٿس پهچي وئي، ڪيس ڇُهي ڏٺائين: ”هئه ڀڳوان! تون منهنجي ٻچڙي کي ٻه ماري ڇڏيو؟! ظالم آن تون ڀڳوان...!“

هوءَ سڪل اکين مان ڳوڙها وهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي، ڪيس پنهنجي ٻچي کي ڪٽڻ جي ٻه سگهه ڪونه هئي. هوءَ پنهنجي ٻچڙي کي پوئتي ڇڏي دل ئي دل ۾ دانهون ڪندي اڳي وڌ هينان ويني. ڪيس پنهنجو مڙس ياد اچي ويو. جيستائين هُو جيئرو هيو ته وٽن ڪنهن به شيءِ جي ڪا کوٽ ڪانه هئي. سندن هر خواهش پوري ٿيندي هئي، پر ڀڳوان جي منشا ڪجهه ٻي هئي، هڪ ڀيري سندس مڙس ڪاڏي جي ڳولا ۾ ڪنهن گهر ۾ هليو ويو. هڪ ڪمري ۾ وڏي چاڏي پئي هئي، هن اُن چاڏيءَ ۾ ٻُوٿ وڌوئي مَس ته پويان ڪنهن بدبخت ڪندي تي لٺ وهائي ڪڍيس، ويچارو نانگ رڙهندو ۽ ڦٿڪندو گهر آيو، سندس ڪرنگهو ڀڃي چڪو هو. ٻه- ٽي ڏينهن عذاب ۾ ڪاٽي اهو ٻه مري ويو.

مڙس جي موت کان پوءِ هن ٻه مرڻ ٿي چاهيو. سندس زندگي بيڪار ۽ بي مقصد ٿي چڪي هئي، پر پوءِ ڪيس ياد آيو ته هن پنهنجي مرندڙ مڙس سان واعدو ڪيو هو ته هوءَ هر حال ۾ پنهنجي ٻچڙي کي پالي وڏو ڪندي، پر قسمت ۾ ڪجهه ٻيو ئي لکيل هيو.

اونهارو شروع ٿي ويو. جهولا لڳا، ڪوهه سڪي ويا، ڍنڍن ۽ تلائن ۾ پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو ٻه نه رهيو هو. اهڙي حال ۾ هوءَ ويچاري پنهنجي ٻچڙي کي پاليندي رهي. هن ڏاڍا ڏک ڏاکڙا ڏٺا، پاڻ بکيو رهي ٻه ٻچڙي کي کارايائين. هاڻي ته ڌرتي ويچاري پاڻ اُجاري ٿي وئي هئي. هوءَ پنهنجي ٻچڙي لاءِ ڪٿان پاڻي آڻي ها؟ سڄو ڳوٺ اُجڙي چڪو هو. سڀ نانگ مري چڪا هئا، رڳو هوءَ ۽ سندس ٻچڙو وڃي بچيا هئا، ڪين اميد هئي ته اجهو ٿو مينهن وسي، پر مينهن ٻه ڪونه وسيو، مجبوريءَ جي حالت ۾ هن پنهنجي ٻچڙي سوڌو ڳوٺ ڇڏيو ۽ هاڻي ته سندس ٻچڙو ٻه ڪونه بچيو هو، سندس اڪيلو ساٿي ٻه ڪانئس وڇڙي چڪو هو.

گذريل ڏينهن کي ياد ڪري هوءَ سڏڪا ڀرڻ لڳي. ”ڇو پئي روئين مائي نانگڻ؟!“ اوچتو هن کي آواز ٻڌو، مڙس ۽ پُٽ ڪيس ڏاڍو ياد اچڻ لڳا، سندس دل مان دانهون نڪرڻ لڳيون.

”نه روءُ مائي نانگڻ...! نه روءُ“ وري اهوئي آواز آيو.

هن چئني پاسي حيرت وچان ڏٺو. هڪ پوڙهي وڻ ڪانسواءِ هتي ٻيو ڪير ٻه ڪونه هو. وڻ ئي ساڻس ڳالهائي رهيو هو.

”ڇو پئي روئين مائي نانگڻ...؟“ پوڙهي وڻ ڪانئس پڇيو.

نانگڻ پوڙهي وڻ ڏانهن روئيندي ۽ سڏڪندي ڏٺو. وڻ جي همدرديءَ ڪيس ڏاڍو متاثر ڪيو. پوءِ هن ٿڪو ساهه پريو ۽ وڻ کي ڏک جو داستان ٻڌايائين. ويچارو وڻ ڏاڍو ڏکارو ٿي ويو، پر هُو ڪري ٻه ڇا ٿي سگهيو. نانگڻ ڪانئس پڇيو، ”توهان هتي اڪيلا ڇا ڪري رهيا آهيو...؟ توهان کي بيزاري ڪونه پئي ٿئي...؟“

پوڙهي وڻ وراڻيو، ”ڇا ڪريان...؟ مان ته ڇُري پُري ٻه ڪونه ٿو سگهان، مان اڪيلو ڪونه هيس، ڪجهه ڏينهن پهرين تائين منهنجي چوڌاري ڪجهه وڻ ٻوٽا ۽ وليون بيٺل هيون. انهن مان ڪوبه ڪونه بچي سگهيو. اهي سڀ اُس ساڙي ڇڏيا. مون کي ڏاڍو ڏک آهي جو منهنجا ساٿي مون کان وڇڙي ويا.“

"منهنجي ڳالهہ جو دل ۾ نہ ڪجو. مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ آخر اوهان جيئرا ڪيئن آهيو...؟" نانگڻ رحم ڀرين جذبن سان وڻ کان پڇيو.

پوڙهو وڻ ڪجهہ دير خاموش رهيو ۽ پوءِ چيائين، "سچ پچ تہ هاڻي منهنجو جيئڻ جنجال ٿي پيو آهي. منهنجي زندگي بيڪار ٿي وئي آهي. مان چاهيان ٿو تہ مان جلد ختم ٿي ويندس. رڳو انڪري جيئرو آهيان جو موت تہ اجا اچي ڪونہ ٿو."

"پوڙهي وڻ وانگر مان بہ لاچار آهيان، مان انڪري جيئري آهيان جو مري ڪونہ ٿي سگهان." نانگڻ سوچيو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ پوڙهي وڻ ڳالهائڻ شروع ڪيو: "مائي نانگڻ! مان تنهنجي جذبن کي سمجهان ٿو، منهنجي هڪ ڳالهہ ٻڌ! هن دنيا ۾ هر قسم جا ماڻهو رهن ٿا، پر انهن مان ڪيترائي بيزاريءَ جو شڪار آهن. سندن زندگيءَ جو ڪوبہ مقصد ڪونهي. انهن مان گهڻن ئي اهو سڀ ڪجهہ حاصل ڪري ورتو آهي، جنهن جي ڪين خواهش هئي، موت جي باري ۾ تہ اهي سوچين بہ ڪونہ ٿا، موت جي اوسيئڙي ۾ بس جيئندا ٿا رهن. پر توکي نہ مرڻ کپي. منهنجي ڳالهہ ڪَن ڏئي ٻڌ! هتان کان ٿورو پرڀرو هڪ ننڍو تلاءُ آهي. ڪوشش ڪري اوسيتائين پهچي وڃ ۽ پوءِ اتي ئي رهي پءُ! ڏس! موت جو آڏرياءُ ڪرڻ لاءِ توکي جيئرو رهڻ گهرجي."

پوڙهي وڻ جي اها نصيحت ٻڌي هوءَ اتان رواني ٿي، آلين اکين سان هن هڪ پيرو وڻ کي ڏٺو.

"مائي نانگڻ! تون منهنجو هڪ ننڍڙو ڪم ڪندينءَ...؟" پوڙهي وڻ پڇيو.

"ضرور... جيڪو چوڻو اٿو، سو چئو... چئو تہ مان ويهان... چئو تہ مان وڃان...!"

"نہ... نہ! تون هتان ضرور وڃ... تون هتي ويهي رهينءَ تہ پوءِ هڪدم مري ويندينءَ... پر وڃڻ کان اڳ منهنجو هڪ ننڍڙو ڪم ڪيون وڃ..." پوڙهو وڻ روئڻهارڪو ٿي ويو تہ مهينو ڏيڍ ٿي چڪو آهي، پر ڪوبہ ساهدار مون وٽ ڪونہ آيو آهي. ڪو پکي پَکڻ بہ مون تي جهَٽ پَلڪ لاءِ اچي ڪونہ ويٺو آهي. اڄ تون آئي آهين تہ مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. ڀڳوان کي مڃ! ڪجهہ دير منهنجي سڪل بدن تي گهُم ڦِر تہ مون کي ڪو قرار اچي."

نانگڻ رڙهندي رڙهندي مٿي وڻ تي چڙهي وئي، هوءَ ٽارين ۽ سُڪل ٿُڙ تي گهمڻ لڳي، ڪجهہ دير کان پوءِ هوءَ هيٺ لهي آئي، وڻ کي ڏاڍو سڪون اچي ويو هو. نانگڻ وڻ کان موڪلايو. پنهنجي مئل ٻچڙي کي آخري پيرو ڏنائين ۽ پوءِ دل تي پٿر رکي اڳتي وڌي وئي.

وري اهوئي ٻرندڙ سج... اُهائي ڪوسي واري... اُهائي تتل ڌرتي. شام ٿيڻ واري آهي، پر ڌرتي اجا تتي ڪونہ پئي ٿئي. سج لهڻ تي آهي. سج جا هيڏا سارا تِرورا ۽ هيڏا ڳاڙها ڪرڻا آسمان تي پکڙجي رهيا آهن. عام حالتن ۾ ڌرتيءَ کي ڪنهن ڪنوار وانگر هجڻ کپندو هو، پر هن وقت ڌرتي ويچاري ڪنهن بيمار وانگر بستري تي پيل نظر ٿي آئي.

نانگڻ ان منظر کي وڏي اشتياق سان ڏٺو ۽ اکيون ٽمڪائيندي اڳتي وڌڻ لڳي. رات ٿي چڪي آهي. رات کان پوءِ نيٺ صبح بہ ٿيندي، نانگڻ تي ننڊ جا ڪيپ چڙهڻ لڳا، پر هن آرام ڪرڻ نہ ٿي چاهيو، ڪيس جلد کان جلد پاڻيءَ جي تلاءُ تي پهچڻو هو.

ٻيو ڏينهن... ۽ منجهند جو پهر... نانگڻ تِڪي تِڪي رڙهندي ٿي رهي. منجهند مان شام ٿي چڪي آهي. "اي ڀڳوان! هنن وڻن تي بہ توکي ڪا ڪَهل نہ ٿي اچي؟ ويچارا سُڪي ڪاٺ ٿي ويا آهن..." نانگڻ ڀڳوان سان شڪايت ڪئي ۽ اڳتي وڌندي رهي.

پند ڪُٽو ۽ نانگڻ ويچاري پنهنجي منزل تي پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. تلاءُ پاڻيءَ سان ڀريل هو. اهوئي پاڻي ڪيترو تہ صاف سُٿرو هو. هوءَ هوريان هوريان پاڻيءَ جي ويجهو وڃي ٿي، ڪيس پنهنجو

ڪليو... خبر نہ هئي دروازو بند ٿيڻ کان پوءِ ناهن کوليا ويندا.

دريءَ جي اڌ ڪليل تاڪ مان ٻرندڙ تيلي اندر آئي، دريءَ جي اڌ ڪليل تاڪ ۾ مون مجاهد کي ڏٺو هئو، ان ڏينهن سڀ گهر جا ڀاتي گهمڻ جي بهاني سان ڪيڏانهن ويل هئا. گهر ۾ منهنجي سس هئي، مڙس هئو... منهنجو پٽ بہ تہ هئو... دروازو نہ کوليو ويو، مون کي باهہ وڪوڙي وئي، نل ۾ پاڻي بہ نہ هئو. سڀ ڪجهہ ڄاڻي واڻي ڪيو ويو هئو... توکي تہ خبر هئي نہ ياالله ان وقت تون ياد آئين ڏاڍو.

گهڻا ماڻهو ڳالهائيندا رهيا دروازن جي ٻاهر، دروازا تڏهن کليا جڏهن دير ٿي وئي هئي.

منهنجا مائٽ آيا، سجاد مون کي سهارو ڏنو هئو، پوءِ اک هن بستري تي کُليم، ڪيتري دير منهنجي گهر وارا روئيندا رهيا، ساهرا غائب رهيا... پوءِ مجاهد آيو، پوليس ٻاهر بيٺل هئي. ڊاڪٽر پريشان هئا... اهو حادثو هئو، توکي احتياط ڪرڻ کپندو هو، ٻڌ مهرباني ڪري، ڪير بہ پڇا ڪري تہ ٻڌائجانءِ سڀ حادثو هو، هيءُ اهوئي مجاهد هئو...

ٻہ سال تہ ڪنهن جانور کي بہ گڏ رکڻ سان محبت ٿي ويندي آهي، هن کي مون سان همدردي بہ نہ ٿي هئي... هڪ زندهہ انسان کي باهہ ۾ وجهڻ کان پهرين هڪ ڀيرو بہ هن نہ سوچيو... هُو ڪهڙو انسان هو...

منهنجون نڻانون، جن کي رسالن جي ڪهاڻين تي روئيندو ڏٺم، انهن کي زندهہ انسان تي ڪو رحم نہ هئو...

منهنجي سس، جنهن جي چهري تي ماءُ واري شفقت ۽ رحم ڳوليندي ٻہ سال گذاريم... اها سدائين سس رهي، جنهن جي زبان تي ڪنڊا هئا، پر ياالله جنهن سان ٻہ سال چرين وانگر محبت ڪيم، ان مون کي ٽي.وي، وي.سي.آر، موٽر سائيڪل، زيورن تان باهہ ڏئي ڇڏي... ۽ هاڻ هو ان کي حادثو ٿو چئي...

حادثو نہ هئو مجاهد... منهنجي زبان جو آخري جملو هو...

اهو ٻڌائيندين، تہ پوءِ مون کي تہ پوليس ٻڌي ويندي، عثمان جو ڇا ٿيندو، ان جو سوچ، هن کي ڊاڪٽر ڏانهن ڪير وٺي ويندو... ڪير هن جو خيال رکندو، منهنجو آخري احتجاج بہ ٽُٽي پيو... لفظ ڪٽي پيا...

منهنجي ماءُ روئيندي رهي... ۽ مون وٽ روئڻ لاءِ لڙڪ نہ بچيا...

پوليس انسپيڪٽر بيان وٺڻ آيو... ڊاڪٽر منهنجي نازڪ حالت ڏسي ٽاري ڇڏيو، سوال ساڳيا ٿي هئا.

ساهرن جو سلوڪ ڇا هئو.

ڇو ساڙيو ويو، ڪنهن بچايو ڇو نہ... سوال اڃان بہ هئا...

تڪليف وڌندي وڃي... آخري سوال تہ مون کي بہ ڪرڻو آهي توهان کان... اوهہ منهنجا الله...

منهنجو درد، سور، ساهہ، مونجهہ، زخم، رت...

آخري بس هڪڙو سوال... ياد آيم سوال...

منهنجو عثمان... ڪٿي آهي، آخري ڀيرو... ياالله ڇا هيءُ موت آهي... ايڏو تڪليف وارو... آخري سوال... ياد آيم... ياالله تو جي چيو هو تہ باهہ جو عذاب صرف توهان ڏئي سگهو ٿا...

مون کي تہ باهہ جو عذاب ماڻهن ڏنو آهي... آءٌ تہ هن دنيا جي دوزخ جي عذاب کان گذري آن...

فرق بس اهو آهي تہ اهو دوزخ تنهنجو نہ، ماڻهن جو دکايل آهي...

هاڻ جڏهن آءٌ مرڻ کي ويجهو آهيان، تڏهن توکان پڇان ٿي... تہ مري وڃان تہ ڇا تون بہ منهنجي لاءِ اهوئي دوزخ دکائيندين...؟

تون بہ ماڻهن وانگر مون کي دوزخ ڏيندين، ٻيو دوزخ نہ پيارا الله ٻڌائي ڇا هاڻ تون بہ ائين ڪندين... تون پيارا الله تون؟ مونجهہ، ساهہ گهٽجڻ، اونداهي، رڪ...

اصغر لاکو



# صدقو وڃان

اڌڙوٽ عمر جي عورت، رنگ سانورو، جسم ماسيرو، ڇاتي گهڻي اڳتي نڪتل، مٿو اگهاڙو ۽ وار سٿيءَ جي سڱن جيان ڇڳون ڇڳون، ڏندن تي زور ڏئي، زوم ڪندي در جو تاڪ پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ هٿ ۾ جهليل ڏنڊي اُڀي ڪري لوڏيندي، "هيڏي آءُ ته نينڊي کيانءِ مُئا!" عورت ڏند ڪرٽيندي چيو، "تون ڇڳو رت ڪيو آ ماڪي ڳريل ڳاٽي پڳل!"

ٻار پنهنجي ننڍي چيچ نڪ ۾، سانچي ۾ پينسل جيان ڦيرائيندي ۽ دَرَ جي سامهون واري ديوار سان پٺي گسائيندو آهستي آهستي اڳتي وڌي رهيو هو. هُو هيسيل هرڻيءَ جيان ڏٻل ۽ خوف ۾ ورتل هو. سندس اکيون ڏاند جي اکين جيان وڏيون ۽ ڦاٽل هيون. سو ماءُ ڏانهن نهاري رهيو هو، ڄڻ ته ڪيس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته سامهون بيٺل عورت ماءُ آهي يا ڪا ٻي عورت! مون کي اينڊو ڏسي عورت تڪڙ ۾ در ٻيڪڙائي ڇڏيو ۽ پاڻ در جي اندران بيهي، منهنجي وڃڻ جو انتظار ڪندي رهي. در بند ٿي وڃڻ سان ٻارڙو روئڻهارڪو ٿي ويو ۽ چپ هيٺ لڙڪي پيس. ان وقت سندس چهرو بيوسي ۽ لاچاريءَ جي علامت بڻجي ويو ۽ منهن مان معصوميت جو عرق ڳڙي رهيو هو. سندس معصوم چهري مون کي پاڻ ڏانهن متوجهه ڪيو ۽ ڇڪي وٺس آندو. سندس مٽيءَ پريل مٿي تي شفقت جو هٿ رکندي پڇيم:

"ماءُ ڇو ٿي مارئي؟"

ڪنڌ هيٺ ڪري پير جي آڱرين سان زمين کوٽيندو رهيو ۽ مون کي ڪو جواب نه ڏنائين. گهر ۾ ڪو ٿانوَ ٺڪر ڀڳو اٿئي!؟

اکيون ڦاڙي حيرانگي مان مون ڏانهن نهارڻ لڳو.

"پلا...! پيڻ سان وڙهيو آهين!؟"

وات ۾ اشهد آڱر وجهندي، ڪنڌ کي هلڪو ڌوڻو ڏنائين، ان وقت سندس نرڙ تي پگهر جا ننڍا ڦڙا نڪري آيا ۽ هر عضوو مٿس گواهه بڻجي بيٺو. پڇتاءُ ۽ پشيماني جي باهه سندس جسم کي ساڙي ڪوئلا ڪري رهي هئي. سندس پتڪڙي جسم کي ڇڪي، پنهنجي جسم سان ملايم ته پَرَم جي پُٺي ديوار ڍهي اچي پٽ پئي ۽ سڏڪن ۾ پئجي ويو.

پيڻ سان وڙهڻ واري ڳالهه ٻڌندي، مون کي پنهنجو ٻالڪپڻ ياد اچي ويو ۽ ماضيءَ جو هڪ واقعو ذهن جي تختيءَ تي تري آيو.

منهنجي پيڻ جندل مون کان عمر ۾ سال وڏي آهي، اسان ٻئي گڏجي گهر جي اڱڻ ۾ ٽپ راند ڪيڏندا هئاسون، هڪ دفعي ڪنهن ڳالهه تان اسان ٻنهي ۾ اختلاف ٿي پيو ۽ ٻئي پنهنجي ڳالهه تي بضد بيٺا هئاسون، پاڻ ۾ نهڻ ۽ اتفاق جو ڪو نالو ئي نه پئي ورتو، خار ۾ ايندي، جندل کي چوٽ کان وٺندي سَٽ ڏنم ته هيٺ وڃي ڪِري ۽ مٽيءَ ۾ منهن مٿو ڀيوت بڻجي ويو. پوءِ ته رڙين رانپاٽن ۾ اچي پئي ۽ نير نار ڪري وهي رهيا هيس، روئندي رڙندي ۽ ان بُري حال سان، وار وکريل ۽ منهن مٿو مٽيءَ ۾ ڀيوت بڻيل، امان وٽ دانهين اچي پهتي، جندل کي اهڙي حال ۾ ڏسي، امان غصي ۾ پرجي ڳاڙهي لال ٿي وئي ۽ ڏند ڪرٽيندي، "ڳريل ڳاٽي پڳل رت ڪري ڇڏيو آ صفا! باهه لڳل جو پيڻ سان مَلخ ته ريجهي ئي نه ٿو!"

جندل جا مٽيءَ ۾ ڀيوت بڻيل وار ڇنڊيندي

# مشهور سياح اليگزينڊر هيملٽن جي نظر ۾ سنڌو/سنڌ

سنڌ مغل بادشاهت جي انتهائي اولهہ ۾ سمنڊ سان لڳندڙ صوبو آهي ۽ لاهري بندر هن جو بندرگاهہ آهي، جيڪو سمنڊ کان 5 يا 6 ليگ، سنڌوءَ جي هڪ شاخ تي آهي. هن بندرگاهہ تي 200 ٽنن جا جهاز اچي سگهن ٿا. اُن سان گڏ هڪ ڳوٺ آهي، جنهن ۾ هڪ سؤ گهر موجود آهن، جيڪي مٽيءَ جي گاري مان جُڙيل آهن، پر اُتي پٿرن سان جُڙيل هڪ قلعو بہ آهي، جنهن تي چار يا پنج توبون رکيل آهن، جيئن هتي جي تجارتي سامان جو بلوچ ۽ مڪراني ڌورن کان بچاءُ ڪري سگهجي. سرحدي علائقن ۾ رهڻ جي ڪري ڪين چوري چڪاري ڪرڻ جي عادت آهي، اهي هتي جي ويجهڙائيءَ جا رهاڪو آهن. هي هر اُن شخص کي ڦرين ٿا، جيڪو سنڌن ور چڙهي ٿو. بلوچ ايران مان بغاوت ڪري هتي آيا آهن. ۽ مڪراني مغلن جي رعيت آهن. جڏهن فوج سنڌن سرڪشيءَ کي دٻائڻ لاءِ ايندي آهي، تڏهن انهيءَ ڪري بچي ويندا آهن، جو انهن جو علائقو، جتي هو رهن ٿا، ڏٽين ۾ آهي. هي پنهنجي حاڪمن جي حڪمن يا قانون جي ڪابہ پرواهہ نٿا ڪن. انهن قافلن کي ڦرڻ سنڌن پيشو آهي، جيڪي لاهري بندر ۽ ٺٽي جي وچ ۾ اچي وڃن ٿا. توڙي جو انهن قافلن جي حفاظت لاءِ 200 گهوڙي سوارن جو دستو هوندو آهي. جيڪو ٺٽي جو نواب يا گورنر ساڻن گڏ موڪليندو آهي، پر اڪثر قافلن جا اهي حفاظتي دستا انهن ڌورن هٿان قافلن کي ڦرجڻ ڏيندا آهن. اُن لاءِ اُهي اهو بهانو ڏيندا آهن تہ اُهي سنڌن سامهون بيوس آهن، يعني ڌورو گهڻا آهن، پر پوءِ انهن ڌورن کان ڦُريل مال مان ڪين حصو ملندو آهي.

ٺٽو هن صوبي جو واپاري مرڪز آهي ۽ انهيءَ لحاظ کان هي هڪ وڏو دولتمند شهر آهي، ڊيگهہ ۾ ٽن ميلن تائين ڦهليل آهي ۽ ان جي ويڪرائي ڏيڍ ميل ٿيندي. لاهري بندر کان هي چاليهن ميلن جي مفاصلي تي آهي. اُن جي اولهہ واري ڇيڙي تي هڪ وڏو قلعو آهي. ان ۾ پنج سؤ ماڻهن ۽ گهوڙن جي رهائش جي سهولت آهي هتي ماڻهن جي رهائش لاءِ بيرڪون ۽ گهوڙن لاءِ طنبيلا ٺهيل آهن. نواب جي رهڻ لاءِ هڪ وڏو محل آهي. اهو سمورو مال جيڪو ٺٽي کان لاهري بندر تي ايندو ويندو آهي، ان لاءِ اُٺ، گهوڙا ۽ ڏڳي گاڏيون استعمال ٿينديون آهن. اهو سمورو علائقو ميداني آهي ۽ رستي ۾ جتي ڪٿي گهاٽا چار جا وڻ وغيره بيٺل آهن. اُهي چار جا وڻ وغيره ڌورن جي لڪڻ جو ڪم ڏيندا آهن. جتان اُهي نڪري قافلن تي حملو ڪندا آهن. اُن وقت جڏهن حفاظتي دستو ڪنهن هڪ پاسي جنگ ۾ مصروف هوندو آهي، تڏهن ڌورو گاڏين کي سامان سميت ڪٽي ويندا آهن. 1699ع ۾ چار يا پنج هزار بدمعاش جي جتي مال ۽ دولت سان ستيل قافلي کي لُٽيو هو. اُن جو حفاظتي دستو، جيڪو 250 گهوڙيسوارن تي مشتمل هو، سو سمورو قتل ٿي ويو. 500 واپاري ۽ سامان ڍوئيندڙ جيڪي قافلي سان گڏ هئا، اُهي لُٽجي ڦُرجي جڏهن ٺٽي پهتا، تڏهن انهن ماڻهن کي گهٽو ڊيجاري ڇڏيو.

ڪتاب [سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل]
تان ڪنيل

وساريان نہ وسرن، نہ وسارڻ جيها،
ريکون ٿي رهيا، سڄڻ سونيءَ تند جئن!



ناماري ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ ناٽڪ نگار

## سُندري اُتمچنداڻي

تاريخ پيدائش: 28 سيپٽمبر 1924ع وفات: 8 جولاءِ 2013ع

پکي ٿي مان هيڪر، اُڏامان جيڪر،
وڃان آئون اُڏري اڪيلي اڪيلي!




سنڌ ۽ هند جي برک ليکڪا
شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار

# ريٽا شهاڻي

تاريخ پيدائش: 24 آگسٽ 1934ع
حيدرآباد سنڌ

وفات: 15 سيپٽمبر 2013ع
پونا هندستان



## تاج جويو

# رينا شهاڻي، سنڌ جي بيباڪ ليکڪا لاڏاڻو ڪري وئي!

رينا شهاڻي، سنڌي ٻوليءَ جي برک ليکڪا، شاعره، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، سوانح نگار ۽ نقاد هئي. هن جو جنم 24 آگسٽ 1934ع تي حيدرآباد ۾ هڪ تعليم يافته خاندان جي فرد عالمچند اُڏارام جي گهر ۾ ٿيو هو، جيڪو مشهور اديب ۽ عالم منگهارام ملڪاڻيءَ جو ڀاءُ هو. سندس گهر حيدرآباد ۾، درسگاهن جي ٽمورتي- نور محمد هاءِ اسڪول، ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج (فارمين) ۽ پگٽ گرلس هاءِ اسڪول- جي ڀرسان هو. رينا جو والد عالمچند موسيقيءَ جو وڏو ڄاڻو هو ۽ تمام سٺو ڳائيندو ۽ وڄائيندو هو. جڏهن 1923ع ۾ رابندرناٿ ٽئگور سنڌ آيو هو ته عالمچند ملڪاڻيءَ سندس شعري مجموعي 'باغبان' (Gardener) مان هڪ گيت ڳائي، کيس مسحور ۽ متاثر ڪيو هو. رينا جي پڦي به شاهه لطيف جي ڄاڻو ۽ سٺي ڳائيندڙ هئي. اهڙين ادب، سنگيت، نرت ڪلا ۽ ماڻهپي واري ماحول ۾ رينا زندگيءَ جا 15 سال مس گذاريا هئا ته ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ رينا جي خاندان، ڀارت جو شهر لکنؤ وڃي وسايو. رينا جي شادي 20 آڪٽوبر 1957ع تي جيوت رام ٺاڪرداس شهاڻيءَ جي پٽ وشنو شهاڻيءَ سان ممبئيءَ ۾ ٿي ۽ هن پنهنجي مڙس سان پونو وڃي وسايو ۽ اڳتي هلي هن 7- فلورينا اسٽيٽ، بوٽ ڪلب روڊ پوني ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي، جتي زندگيءَ جي آخري پساهن تائين رهي.

رينا شهاڻيءَ جي قلم جي تيزيءَ جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته هن جا 1980ع کان هن وقت تائين 30 کان مٿي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. ان کانسواءِ سندس تخليقون لڳاتار هند ۽ سنڌ جي ادبي رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون آهن. هن سنڌي ادب جي هر صنف: ڪويتا (شاعري)، ناول، ڪهاڻي، مضمون، تنقيد، سوانح، آتم ڪٿا ۽ سفرنامي وغيره تي ڪاميابيءَ سان قلم هلايو.

رينا شهاڻيءَ جا موضوع نهايت وسيع رهيا، جن ۾ قدرت کان وٺي نفسيات ۽ روحانيت جا موضوع اچي وڃن ٿا. هن جي تخليقن ۾ قديم ۽ جديد تهذيب جو بهترين ميلاپ رهيو آهي. رينا شهاڻيءَ کي 'ڀنڀرڪيءَ جي پُڻ پُڻ' (ناول)، 'ڀيهريءَ جا ٻه پل' (آتم ڪٿا) ۽ ٻين ڪتابن تي انعام ۽ اوارڊ به ملي چڪا هئا.

رينا شهاڻيءَ جو ناول 'ڀنڀرڪي جي پُڻ پُڻ' بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ بي. اي (B.A) جي پهرئين سال جو ٽيڪسٽ بُڪ ٿي رهيو آهي ۽ سندس ڪتاب 'گيت رامايڻ' پوني يونيورسٽيءَ ۾ بي. ڪام (B.com) جي پهرئين سال لاءِ ٽيڪسٽ بُڪ طور پڙهايو ويندو آهي.

رينا شهاڻي، ڀارت جي مختلف شهرن ۾ ڪيترن گهڻ ٻوليائي توڙي سنڌي مشاعرن ۾ به حصو وٺندي رهي. ان کانسواءِ 'دور درشن' جي سنڌي مشاعرن ۾ به شرڪت ڪري چڪي هئي. هوءَ پنهنجون ڪهاڻيون، شاعري ۽ مضمون اڪثر آڪاشوائيءَ (ريڊيي) تان پيش ڪندي رهندي هئي.

گيانپيٺ جي 'ڀارتيه ڪوتائين 1983-' ۾، رينا شهاڻيءَ کي سنڌي ٻوليءَ جي عيوضي شاعره طور شامل ڪيو ويو. همعصر ڀارتي شاعرائن بابت پينگئن (Penguin) جي ڪتاب 'In their own Voice' ۾ به رينا جي شاعري شامل آهي. اوڙيسا جي رسالن ۾ سندس ڪهاڻين ۽ شاعريءَ جا ترجما ڇپجي چڪا آهن. 1998ع ۾ سينٽرل ساهتيه اڪاڊميءَ جي شايع ڪيل شاعريءَ جي انتخاب 'Freedom & Fissures' ۾ سندس هڪ نظم جو انگريزي ترجمو شامل ڪيو ويو ۽ ساهت اڪاڊميءَ جي Indian Literature جرنل (1998ع) ۾ سندس هڪ ڪهاڻيءَ جو ترجمو ڇپجي چڪو آهي.

رينا شهاڻي، مهاراشٽر رياست جي سنڌي ساهتيه اڪاڊميءَ جي ميمبر ۽ مهاراشٽر 'ٽيڪسٽ بوڪ بيورو' جي ايڊيٽوريل بورڊ تي ميمبر رهي چڪي هئي. هوءَ 'راشٽريه سنڌي ڀاشا وڪاس پرشد' (NCSPL) جي صلاحڪار بورڊ تي ٻن ملتن لاءِ

پنجواڻيءَ جي هڪ ڪوٽيشن سان جيڪو هن نارايڻ پارٽيءَ جي ڪاريہ جي قدرشناسي ڪندي 1960ع ۾ لکيو هو، ان وشيہ تي سماپت ڪندس، ”نارايڻ پارٽيءَ کي نوق آهي، لگن آهي، سنڌي لوڪ ساهتيہ کي ڪٺي ڪرڻ جي. شاباس آهي هن اُتساهي نوجوان کي جنهن اُتساهہ، همٿ ۽ حوصلي ڪان ڪم وٺي برپٽ لتاڙي، جتان ڪٿان گيت آکاڻيون وغيره ڪٺيون ڪري، اسان آڏو ’هو جمالو‘، ’سنڌي لوڪ ڪهاڻيون‘ ۽ ’سنڌي لوڪ ڪلا‘ پيش ڪري پنهنجي اورچائي ڪوجنا ۽ ساڌيهہ جي سک جو ثبوت ڏنو آهي.“

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن جا ڪتاب گهڻا ئي سٺا، پر اُنهن ۾ پروفن جون چُڪون گهڻيون هونديون آهن. اُن ۾ پروف ريڊنگ جي ڪوتاهي نظر ايندي آهي. برابر، ڪوشش ڪرڻ ڪان پوءِ بہ گهڻو چاهيندي بہ گهٽ جون رهجي وينديون آهن پر پنهنجي طرفان پوري پوري ڪوشش ڪرڻ جائز آهي، جيئن ليکڪن جي شبدن جي ارٿ جو انرٿ نہ ٿي وڃي.

پارٽيءَ کي نہ رڳو ڪوجناتمڪ ساهت جي اڀياس جو شونق آهي، پر فڪشن، ڪهاڻيون ۽ ناول پڙهڻ جو بہ شونق آهي؛ هو نہ رڳو سنڌي پُستڪ پڙهندو آهي، پر هندي ۽ انگريزي ڪتاب پڙهڻ ۾ بہ دلچسپي رکندو آهي، نہ رڳو اهي پڙهندو آهي پر اُنهن کي خريد بہ ڪندو آهي ۽ پنهنجي سنگرهاليہ ۾ جوڙيندو ويندو آهي، پنهنجي لائبريري کي وڌائيندو ويندو آهي. اڄ ڪلهہ جي شهري جيون ۾ جڏهن جتي ڪٿي سوڙهہ لڳي پيئي آهي اهو ڪتابن کي خريد ڪرڻ ۽ پنهنجن ڪپٽن ۾ سجائڻ جو ڪم هڪ انوکو ۽ ورلو شونق پيو ڀانئجي. هن زماني ۾ جڏهن تہ ماڻهن جي گهرن ۾ ايڏي جڳهہ ناهي، نہ ئي عمر جي ڪري سنڌن شرير ۾ ايڏي شڪتي جو اُنهن کي صفائيءَ سان رکن ۽ اُڌوهيءَ ڪان بچائين، جيڪو طبقو پنهنجن جهونن ڪتابن کي پنهنجن گهرن مان ٻاهر ڪري رهيو آهي، پر پارٽي تازا ترين شايع ٿيل ڪتابن کي خريد ڪرڻ جو پنهنجو شونق برقرار رکي ويٺو آهي. هو جڏهن بہ پوني ايندو آهي تہ يا تہ مابرن بڪ اسٽال تان يا رجنيش آشرم مان سوَن يا هزارن جا ڪتاب خريد ڪندو آهي. وري پنهنجن ڪتابن کي لائبريريءَ ۾ ائين جيئن ڪونہ رکندو آهي، باقائدي اُنهن تي جلد چاڙهي، سليقي سان سنڀاليندو آهي. ڪنهن جي مجال جو هن ڪان ڪتاب اُڌارا وٺي وڃي ۽ اُنهن کي واپس نہ ڪري! هندي ڪتابن جو بہ هن وٽ املهہ ڀنڊار آهي تہ وري سنڌ جو ادب بہ هن وٽ موجود آهي. هو اهو سڀ ڪنهن ڏيکاءَ واسطي ڪونہ ڪري رهيو آهي، نہ ئي هو ڪجهہ ثابت ڪرڻ ٿو چاهي، پر هو اهو پنهنجي ڪنهن اندروني گهرج کي پورو ڪرڻ خاطر ڪري رهيو آهي. اسين سنڌس ان صحتمند ساهتڪ هابيءَ جو قدر ڪريون ٿا ۽ آشا ڪريون ٿا تہ هن جو اهو ڪليڪشن وڌندو ئي رهندو.

هي جيون برابر بي بقا آهي. لاهيون چاڙهيون تہ اينديون ئي آهن. ڪي راجا مان رنڪ بڻيا آهن ڪي رنڪ مان راجا. ڪي پئسي پدارٿ جون ڏاڪڻيون چڙهندا آهن تہ ڪي علم ۽ عقل جون تہ ڪي وري روحاني منزلون طي ڪندا آهن. اهو انسان جي پنهنجي رُجحانن تي دارومدار ٿو رکي تہ آخر هو ڇا ڪرڻ ٿو چاهي. ڪي تہ وري ڀنٽر ۾ هوندا آهن. هنن کي پاڻ خبر نہ هوندي آهي تہ هنن کي حياتيءَ مان ڇا ڪپي. هو سوچيندا رهندا آهن ۽ حياتي هنن جي اڳيان گذري ويندي آهي، پر سُلجهيل ٻُڌيءَ وارا جن جو مقصد سنڌن اکين آڏو هوندو آهي اُهي اُتي پهچي ويندا آهن. پارٽي اُنهن خوشنصيب انسانن مان هڪ آهي، جيڪي پنهنجو مقصد حاصل ڪري سگهندا آهن.

**تاج جويو**

# سُونهن ۽ سنڌ جو شاعر - ادل سومرو



کجھ سال اڳ "وقت" فتويٰ ڏني هئي، ۽ اُها فتويٰ "وقت" جي "همعصرن" کي نہ وڻي هئي. "وقت" ماضي هو، "وقت" حال آهي "وقت" مستقبل آهي، ۽ وقت جي اُها فتويٰ اڄ بہ قائم آهي. اُن فتويٰ جو متنُ هن ريت آهي:

"ادل سومرو، نئين ٽهيءَ جو شاعر آهي، جنهن فارسي ۽ اردو وزن کي لت هڻي، شعري روايات جا سارا زنجير ٽوڙي ڇڏيا آهن، ۽ هن پنهنجو ترنم پنهنجي اندر جي آواز مان اپاريو آهي."

اهو "وقت"، "وقت" جو "قاضي القضات"، سنڌي شاعريءَ جو سِجُ، بلڪ "ٽرمل پاور" شيخ اياز هو. اسان سڀ، جيڪي هن کان پوءِ آيا آهيون، هُن جي پيرن جي نشانن تي پير رکي اڳتي وڌيا آهيون. هن جي آهنگ جو اولڙو آهيون، هُن جي تخليق ڪيل هيئتن جي دائري کان ٻاهر نڪري، نين هيئتن جا تجربا نہ ڪري سگهيا آهيون. جيڪي تجربا ڪيا بہ اٿئون، تہ اُنهن کي "دائميت" ۽ "آفاقيت" نہ ڏئي سگهيا آهيون. جڏهن تہ هُن ۽ هن جي همعصرن شيام، دلگير، نياز همايونيءَ ۽ پريوفا وغيره نہ رڳو تجرباتي هيئتون متعارف ڪرايون ۽ تجربن جا جوکم بہ کنيا. ۽ اُهي سڀ تجربا ڪامياب بہ ٿيا. اياز تہ عُمر جي صُبح وانگر عُمر جي سانجهيءَ ۾ تجربا ڪيا، ۽ اهڙا تجربا ڪيا، جي اسان لاءِ "راهہ جو نشان" يا، "حد نشان" بڻجي ويا. اهڙيءَ ريت سندس هر فتويٰ، پوءِ اُها اياز گل جي باري ۾ هُجي، يا ادل سومري بابت، يا ڪنهن ٻئي شاعر لاءِ، ازل ۽ ابد جي قاضيءَ جي فتويٰ وانگر اٽل ۽ امر آهي.

اڄ اسان شيخ اياز جي تسليم ٿيل ۽ پسند ڪيل نئين ٽهيءَ جي سگهاري ۽ نمائندي شاعر ادل سومري جي ٽئين شعري ڪتاب "وساري نہ ڇڏجو" جي مهورتي اپياسي ويهڪ ۾ اچي گڏ ٿيا آهيون. ادل جا هن کان اڳ بہ شعري مجموعا، "وليون وڻ ڦلاريا" ۽ "سمنڊ جاڳي ٿو" ڇپجي، پڙهجي ۽ مڃتا ماڻي چڪا آهن. سندس هيءُ نئون مجموعو "وساري نہ ڇڏجو" نئين رنگ، نئين گيت اپ ۽ نئين ڍنگ سان ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. هن مجموعي ۾ ادل جا بيت، دوها، غزل، گيت، ترائيل، نظم، نثري نظم ۽ وايون شامل آهن. ادل سومرو هر صنف جو پُختو شاعر آهي، پر سندس بيتَ، دوها، وايون، نثري نظم ۽ غزل سندس سڃاڻپ، لهجي، ٻڪشن ۽ ٻوليءَ جي ساک پرين ٿا. ادل سومرو ۽ اياز گل، هڪ شهر سکر جا رهواسي آهن، ٻنهي جي دوستيءَ جو حلقو ذري گهٽ ساڳيو آهي، ٻئي هڪٻئي جا رازدان ۽ دوست رهيا آهن، ٻنهي کي شيخ اياز ۽ تنوير عباسيءَ جهڙن شاعريءَ جي چمن جي ڇانوَ ڏيندڙ وڻن جي ٿڌڙي ڇانوَ، شخصي پيار ۽ ويجهڙائي حاصل رهي آهي. سنڌن تدريس جو شعبو بہ ساڳيو آهي ۽ گهڻي ڀاڱي مطالعي جي حد سرحد بہ ساڳي رهي آهي، پر حيرت جي حد تائين ٻنهي جي سُڃاڻ ۽ شاعريءَ جي لهجي ۽ ٻڪشن ۾ انفراديت ۽ نرالپ رهي آهي. اياز گل، ارجن حاسد، ذوالفقار راشديءَ ۽ وفا ناٿن شاهيءَ کان پوءِ نئين ٽهيءَ ۾ "غزل" جو نئون حوالي ٿي اُڀريو آهي ۽ ڪانئس پوءِ ايندڙ ڪيترن خوبصورت شاعرن تي سندس سڌو يا اڻسڌو اثر رهيو آهي. اهڙي طرح ادل سومرو بنا ڪنهن شڪ جي غزل جو اهم شاعر آهي، پر هن تنوير عباسيءَ، اُستاد بخاريءَ ۽ خاڪي جوڻيءَ کان پوءِ بيت، دوهي ۽ وائيءَ ۾ پنهنجو وڏو نالو ڪڍيو آهي ۽ سندس لهجي ۽ ٻڪشن جو تملم گهڻن شاعرن تتبع ڪيو آهي. ان تتبع جو دائرو واين، دوهن ۽ بيتن کان اڳتي ادل سومري جي غزلن تائين وڌي ويو آهي. مثال طور ادل سومري جي هيٺين مشهور وائي، جيڪا صادق فقير، شفيع فقير ۽ ٻين ڳائي آهي، اُن جو الائي ڪيترن نون شاعرن نہ رڳو اثر

رڪ جي ريلوي اسٽيشن تي ريل ۾ بہ موت سان رهاڻ ڪندو، رمندو آرائين جي اسٽيشن تائين قاتلن کي بہ ميڙون منٿون ڪندو ڪين پرچي پوڻ لاءِ چوندو رهيو. پر هُو تہ ڪنور دل هئا جيڪي نہ پرتا ۽ هي سچو ساڌو 2 نومبر 1939ع جي اياڳي ڏينهن تي اسان کان رسي اهڙي ماڳ پهتو جتان ڪوئي اڄ تائين موٽيو ئي ناهي. ڪنور ڇا ويو جڻ سنڌ جو امن ويو...!!

بندوق سان گهايل ڪنور جو مک آهي،
۽ صدين جو دک آهي، سنڌ جي آڪاش تي.
(حسن مجتبيٰ)

جنهن وقت ڪنور کي گولي لڳي تہ گولي سندس ڪنڌ مان پار ٿي سندس ساٿي ڀائي سيتلداس کي ٻانهن ۾ لڳي، زنجير کي ڇڪي گاڏي کي بيهاريو ويو، پر ساهہ جو پکي جسم جي قيد خاني مان پرواز ڪري چڪو هئو، سندس رت سان رڱيل لاش کي ڏوليءَ ۾ وجهي نر جي چاڙهيءَ مٿان ڀائي منگل مل جي گهر سکر ڪٽائي آيا ٿوري دير کان پوءِ ڪيس وڏي اسپتال ۾ پوسٽ مارٽم لاءِ ڪٽائي ويا جتي صبح جو سرجن سندس مغز مان گولي ڪڍي زاروزار رنو.

امر شهيد ڪنوررام جو سنسڪار ريهڙڪيءَ ۾ 5 سؤ روپين جي چندن جي ڪاٺين سان جمع جي ڏڻ تي 3 بجہ شام جو ڪيائون، اڳني سنسڪار وقت 5 هزار جي لڳ ڀڳ ماڻهو موجود هئا جتي وڏي سوڳ جو منظر هئو. ان ڏک ۾ ڪنور جي ڪيترن ئي عاشقن ۽ عقيدتمندن پنهنجا مٿا ڪوڙائي ڇڏيا هئا. ڀيٺل نند قوي ءِ چوائي تہ: "ان ڏک ۾ 300 سئو هندن پنهنجا مٿا ڪوڙائي ڇڏيا." ڪنور جي ميت تي ڪيترائي مسلمان بہ آيا. مرحوم خان بهادر قيصر خان بوزدار ۽ ٻين زميندارن، ڪنور جي ارٿيءَ (لاش) مٿان ڪيترين ئي قيمتي لونگيون وڌيون. اجرڪ وڌا. ڪنور، پنهنجي پويان هڪ پٽ پيسورام، ٽي نياڻيون ڪلا، شيلا، ستلس ۽ هڪ بيواهہ گنگا ديوي ڇڏي پرلوڪ پڌاري ويو ۽ پويان ڇڏي ويو اها ڳالهہ تہ:

آءُ ڪانگ ڪر ڳالهہ، مونکي تن ماروئڙن جي،
ماروئڙن جي، سانگيئڙن جي.

## حوالا


**ڏنگرائي، انور** (2004) بہ اکر: اسان جو ڪنور. سهيڙيندڙ: خود. ص: 5- 8. ڪراچي: رافع پبليڪيشن.

**گيلاني، سيد مرشد** (2004) سنڌ ۾ ڀڳتي تحريڪ جو آخري ڏيئو- امر شهيد سنت ڪنوررام: اسان جو ڪنور. سهيڙيندڙ: انور ڏنگرائي. ص: 86- 90. ڪراچي: رافع پبليڪيشن.

**پروچ، سوز** (2004) ڀڳتيءَ جي آخري نشاني (امر شهيد ڀڳت ڪنور رام): اسان جو ڪنور. سهيڙيندڙ: انور ڏنگرائي. ص: 102- 111. ڪراچي: رافع پبليڪيشن.

**شاستري، پيسومل اتمچند** (1982) امر شهيد ڀڳت ڪنوررام. ڪوٽڙي: سندر شيوامنڊلي.

**ڪوي، چيناند** (؟) ڀڳت ڪنور رام ولاس، سنڌيڪار: ڪرشن چندر بجاج. ميرپور ماٿيلو: جهولي لال پبليڪيشن.

**تلريجا، ڪنعيا لعل** (1986) امر شهيد سنت ڪنور رام. ڪراچي: سنت ڪنور رام شيوا منڊل.

**بروهي، علي احمد** (1986) سنڌ جو راءِ ڏياچ، ڀائي ڪنور: امر شهيد سنت ڪنوررام. ليکڪ: تلريجا، ڪنعيا لعل. ص: 1- 8. ڪراچي: سنت ڪنور رام شيوا منڊل.

**سنڌي، زيب** (2011) ڪنور رام ڀڳت. روزنامہ ڪاوش، 2 نومبر، جلد 22. حيدرآباد: ڪاوش گروپ آف پبليڪيشن.

سڪندر اعظم سنڌ فتح ڪرڻ وقت ٿر مان گذريو هو ۽ اتان مور جا ٻچا پنهنجي والده کي ڏياري موڪليائين.

هن ڏند ڪٿا ڦهلائڻ ۾ ٿر سان محبت ڪري ٻن مصنفن منگهارام اوجها ۽ استاد روچيرام هريجن جو اهم ڪردار آهي.

اسان جو سدا حيات محقق عاليجناب محمد حسين پهنور پهريون مصنف آهي جو يونان جي پهرين صدي عيسوي جي تاريخدان (Arrain) آرين جي ڪتاب Anabasis of Alexander جي حوالي سان سائنسي دليل ڏيندي بيان ڪري ٿو تہ سڪندر ٿر ڪونہ ويو هو، ۽ هو هڪ مهم جو انسان هو. ڪٿي بہ گهٽو نہ رهيو. محترم فاروق بجاراڻي هن بحث ۾ ڪيرون لهڻيون.

سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت تي ڪجهہ احباب مثلاً پروفيسر غلام محمد لاکو، عزيزم عمر سومرو، پروفيسر گل محمد عمراڻي، محترم بدر ابڙو ۽ محترم اشتياق انصاري قابل تعريف ڪارناما سرانجام ڏئي رهيا آهن.

آخر ۾ دعا آهي تہ اسان سڀ دوست مرحوم پهنور صاحب جي نقش قدم تي هلي ڪجهہ ڪارآمد ڪم ڪريون.

خدا تعاليٰ شال مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جايون ڏئي ۽ سندس پس خاندان کي هن دنيا جي چمن ۾ سرسبز ۽ شاداب رکي آمين!

نوان ڪتاب





## سنڌي ادبي بورڊ ۽ ثقافت کاتي جي تعاون سان

## ينگ رائٽرس فورم سنڌ طرفان، سنڌ راڻي ايوارڊ ۽ ٻالڪ سنڌي سان ملهايل رهاڻ جي تقريب




30 آڪٽوبر 2013ع تي ينگ رائٽرس فورم سنڌ طرفان سنڌ راڻي ايوارڊ تقريب ۾:
محترم تاج جويو، ٻالڪ سنڌي، محترم تاج حيدر، شهباز دراني، جويريه عبيد،
نسرين الطاف ۽ ناجيه مير اسٽيج تي نظر اچي رهيا آهن.



محترم تاج حيدر، محترم تاج جويو، نسرين الطاف، نسرين ٽيبو، فدا حسين شاهه ۽ غلام مصطفيٰ سولنگي خطاب ڪندي.



شرڪت ڪندڙ سامعين

COMMENTS

لاڙڪاڻي ۾ ڪتابن جو ميلو ڏٺو، ادب دوست ۽ ڪتاب دوست ماڻهن
کي موقعو ڏنو ويو آهي. يقيناً لاڙڪاڻي جا ماڻهو ۽ ادب دوست
اهڙي ميلي مان لاڀ حاصل ڪندا. سمورن ڪتابن کي هڪ ئي هنڌ
ڪتابن جو هڪ هنڌ تي موجود هجڻ غنيمت آهي، جنهن جو فائدو هر
علم دوست ماڻهو ضرور حاصل ڪندو. سنڌي ادبي بورڊ ۽ ٻين ادارن
جي اهتمام سان ... سنڌي ... ٿيندو
آئنده لاڙڪاڻي ۾ اهڙا ميلا لڳائي سنڌ جي نئين ٽهي کي ڪتاب ... ڪردار
ادا ڪندا رهندا.

نثار ...

31/11/2013

COMMENTS

انسان جيئن ته شڪارپور لاڙڪاڻي ۾ ڪتابي ميلي
لڳل، اهو انسان جي لاءِ انتهائي باعث مسرت جو
موقعو آهي جنهن ۾ انسان کي مختلف موضوعات
ڪتاب ملي سگهيا جيڪي انسان کي عام ڪتاب گهرن
تي ملڻ مشڪل هوندا آهن. انهن ادارن جا جيڪي
انسان جي لاءِ انتهائي رعايت تي ڏنا جن لاءِ
ان کان علاوه ته اهي دوست جيڪي هن اسٽال
تي رکيل آهن ۽ انسان کي پنهنجي سروس ڏيئي رهيا
آهن اهي تمام تعريف حسن اخلاق جا انسان آهن
هن جو Behaviour تمام متاثر ڪن آهي

پروفيسر ... ڄامڙو

03-11-2013

Book Fair ✓

Karachi

سنڌي ادبي بورڊ، نمائش، ذهن ۾ وڪري جو ادوسر ۾ انقلابي عمل
جو ذميدار رهيو آهي. ادبي بورڊ جا ڪتاب، رسالو سهڻا ۽ اتهيا محمد پيدا
عملو ۽ پيامبر دوست، نيڪ چال چلت ماڻهو امين منزل ۾ جاسوس جا
دهشت جي دوست ۾ بزرگ نمائش وجود جو حصو رهيا آهن. جمهور صاحب،
طالب المولى صاحب، گناهي، رياض ۽ موسيقار ۽ جناب اي. ڊي. وگهيو
۽ ان سڀ ادب خوبصورت شاعر آهن / رهيا ۽ ڊاڪٽر نبي رهيا. ڌماڪي
تحفظ ۽ علامت جا پاسبان رهيا. جمهور صاحب سليمان شاه ۽ جيڪا نواز
علي زردار
اڄ نمائش آهي. اهڙو پرواب خوبصورت ۽ دلاويز آهي.

راڄ محمد

6/12/12

COMMENTS

سنڌي ادبي بورڊ پاران جو هي ڪتابن جو ميلو لڳايو ويو آهي
مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي آهي ته ادبي بورڊ هاڻي موجوده تمام
سٺي نموني ڪم ڪري رهيو آهي. دعا آهي ته هي ادارو اهڙا
وڏا ترقي ڪري ۽ اوج ماڻي

پروفيسر اعجاز قريشي

8-12-2012 ڪراچي

**هالار**

# سُندري اُتم چنداڻي، هريش واسواڻي ۽ ريٽا شهاڻي
# ادبي ريفرنس

25 سيپٽمبر 2013 جي شام آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان جي منظر اڪبر هال ۾ ٽن سنڌي برک قلمڪارن سُندري اُتم چنداڻي، ريٽا شهاڻي ۽ هريش واسواڻي جي علمي ۽ ادبي خدمتن جي مڃتا ۾ ڪراچي يونيورسٽي جي شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ۽ آرٽس ڪائونسل جي لوڪ ورثو ڪاميٽي پاران هڪ ادبي ريفرنس ڪوٺايو ويو.

ڀارت جا اهي ٽئي سنڌي اديب گذريل ڇهن مهينن دوران ديهانت ڪري ويا هئا، جن ۾ هريش واسواڻي 13 اپريل 2013 تي، سُندري اُتم چنداڻي 8 جولاءِ ۽ ريٽا شهاڻي 15 سيپٽمبر تي لاڏاڻو ڪري ويئي. مختصر عرصي ۾ هڪ ٻئي پويان ديهانت ڪندڙ انهن قلمڪارن جي ڪري ادبي دنيا ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو آهي، تنهن جو پرجڻ ناممڪن آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي ٽئي اديب گهڻ رُخا هئا، جن ادب جي کيتر ۾ مختلف صنفن وسيلي سنڌي ادب کي مالا مال ڪرڻ لاءِ ڀرپور نموني جاکوڙيو.

ان ادبي ريفرنس ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

ريفرنس جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ ۽ شاهه سائين جي بيتن سان ٿي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر جي ڊائريڪٽر پروفيسر محمد سليم ميمڻ ٽنهي سرڳواسي قلمڪارن جي علمي ۽ ادبي ڪارنامن تي روشني وجهندي کين ڀيٽا ڏيندي سندن ادبي پورهئي بابت ڄاڻ ڏيندي ٻڌايو تہ، سُندري اُتم چنداڻي چار ناول ترجمو ڪيا آهن، ٻہ ناول لکيا آهن، هڪ ڊرامو ڇپيل، جڏهن تہ اسٽيج ۽ ريڊيو لاءِ ڪيترائي ناٽڪ لکيا، جيڪي ڇپيل ناهن ۽ ريڊيو ۽ اسٽيج جي ڪيترن ئي ناٽڪن ۾ پنهنجي اداڪاري ۽ صداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا اٿس.

شاعريءَ جا ٽي مجموعا، ٻہ سفرناما، ڪهاڻين جا ڏهہ مجموعا ۽ کيس چار قومي ۽ عالمي ايوارڊ مليا آهن.

ساڳيءَ ريت ريٽا ريٽا شهاڻيءَ جي شاعريءَ جا پنج مجموعا، پنج ناول، ڪهاڻين جا 9 مجموعا، آتم ڪٿا ٽن جلدن ۾، سوانح نگاريءَ جا چار ڪتاب، تنقيدي مضمون ۽ خاڪن جا چار ڪتاب، سفرنامن جا ٽي ڪتاب جڏهن تہ چار ڪتاب هندي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيا اٿس. کيس عالمي ۽ قومي سطح تي ٻارنهن ايوارڊ مليا آهن.

.ساڳيءَ ريت هريش واسواڻيءَ جي تصنيفن جو انگ ايترو ڪونهي، پر سندس حيثيت ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ جديد نقاد جي رهي آهي. سندس ڪهاڻين، تنقيدي مضمونن ۽ شاعريءَ جا مجموعا آهن. سندس ڪتابن جا عنوان بہ منفرد آهن، سندس ڪهاڻين جي مجموعي جو عنوان آهي 40-80، شاعريءَ جو مجموعو 40-76 ۽ تنقيدي مضمونن ۽ مقالن جو مجموعو 40-84 جي نالي سان ڇپيو آهي. ڪنهن ادبي عنوان تحت ڪتاب ڇپرائڻ بدران هن انگن جي راند ڪيڏي آهي. 40 سندس ڄمر جو سال ۽ 76، 80 ۽ 84 ڪتابن جي اشاعت جي سالن جي نشاندهي ڪن ٿا. سندس چوٿين ڪتاب جو نالو 000 ۽ 0 (ٻڙي ۽ ٽي ٻڙيون) آهي. پاڻ انگريزي ۽ سياسيات جو استاد هو.

لوڪ ورثو ڪاميٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر ايوب شيخ آيل مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪندي سنڌ ۽ هند ۾ سنڌي



سنڌ جو نامور شاعر سائين امداد حسيني، سنڌ ۽ هند جي برک ليکڪا ريٽا شهاڻي سان گڏ



انڊيا: سنڌ ۽ هند جي اديبن ۽ دانشورن جي وفد سان ريٽا شهاڻي جي نڪتل هڪ يادگار تصوير